بمبئي علائقي جو سرڪاري تعليم ڪاتو.

ٽيون ڪتاب.

اصل جوڙيل

ديوان پريداس آنند رام جو.

وري سڌاريل سنڌ ايجوڪيشنل ڊيپارٽمينٽ جي سنڌي ٽرانسليٽر جو.

SINDH ARCHIVES
CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
GOVT. OF SINDH

ٽيرهون ڇاپو — ۰۰۰۵ جلد.

ڪراچي:

گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊيپو.

سنه ۱۹۰۳ع.

سڀ حق ۽ واسطا قائم.

قيمت ۰-۵-۶

ڪراچي:

"مرڪنٽائيل" آئل انجڻ پريس ۾ ڇپيو.

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

سبق	چاجي بابت.	صفحو
۱	توکي ڪنهن پيدا ڪيو	۱
۲	جانورن کي اجايو نه ڏکوءِ	۲
۳	محنت ڪجي، ته لاڀ ٿئي	۳
۴	اڳي ويچار ڪرڻ	۴
۵	ڪير	۵
۶	ڪتي کي ڪاڏو ڪئن تي مليو	۷
۷	ڪاوڙ مهل پاڻ سنڀالجي	۸
۸	پاليلن گهوڙن جو ڌڻيءَ تي پيار	۹
۹	ٻچڙائيءَ ڪرڻ مان ڪڏهن نه ڪڏهن ٻچڙو نصيب جو پائبو	۱۰
۱۰	هٺ نه ڪجي	۱۱
۱۱	بي سمجهه بابت بيت	۱۳
۱۲	حرص کي دوس نه ڏجي	۱۳
۱۳	ٻڪري	۱۴
۱۴	خلاصي ۽ ٻاندر	۱۶
۱۵	ميرائي	۱۸
۱۶	گڏه	۱۹
۱۷	هڪڙي خلاصيءَ ۽ پکين جي ڳالهه	۲۲
۱۸	مرونءَ جي نئڙت	۲۳
۱۹	ڳنڍو ۽ ڍڳو	۲۴
۲۰	راجپوتڻ جي همت	۲۶
۲۱	ڪوڙ	۲۸

سبق	ڇا جي بابت.	صفحو
٢٢	ٻادامي جو وڻ	٢٩
٢٣	اُٺ	٣٠
٢٤	آڇايو خيال نہ ڪر	٣٢
٢٥	ٻگهڙ	٣٣
٢٦	وڇون	٣٥
٢٧	مينهن ۽ سان	٣٦
٢٨	ڪتڻي جو آڏ	٣٨
٢٩	هاٿي	٤٠
٣٠	دان ڪرڻ	٤١
٣١	هاٿيءَ وير ڪيئن ورتو	٤٢
٣٢	گهوڙو	٤٣
٣٣	مورڪ جي سنگت بابت	٤٦
٣٤	ٽن پرين جي پيدائش	٤٦
٣٥	ذاتن جون خاصيتون	٤٧
٣٦	لوڏي ۽ ٽوڳي	٤٨
٣٧	گهوڙن جي رنگن جا قسم	٥٠
٣٨	بادشاه تيمور معذي جو نقل	٥١
٣٩	ٻاندر يا ٻولڙا	٥٢
٤٠	ڏون ۽ رڇو	٥٣
٤١	ماءُ پيءُ جي شيوا ڪر، تہ جس ٿيئي	٥٤

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

سبق	ڇا جي بابت .	صفحو
٤٢	پنهنجي انداز کان وڌيڪ نه کاءُ	٥٥
٤٣	محنت سان سڀ شيءِ ٿي ملي	٥٦
٤٤	ٻارن کي نصيحت	٥٧
٤٥	اُجايل ماکوڙي ۽ اُن جي ڀلائي	٥٨
٤٦	پيءُ ماءُ جهڙي اَلب شيءِ ٻي ڪانهي	٥٩
٤٧	هوريان هوريان سڀ ڪي پورو ٿو ٿئي	٦٠
٤٨	جيڪي ڪرڻو هجي سو، ڪري وٺ	٦١
٤٩	لوھ	٦٢
٥٠	ڪمائجي سو سيوئي نه خرچجي	٦٣
٥١	دان ڪئن ڪجي؟	٦٤
٥٢	ڇتون ۽ جابر ٻچا	٦٥
٥٣	بندگي ڪر	٦٦
٥٤	ٻُڪين تي ياجهه ڪر	٦٧
٥٥	چنڊن	٦٩
٥٦	ٻيڙي ۽ جهاز	٧٠
٥٧	لومڙ	٧١
٥٨	هٺ نه ڪر	٧٢
٥٩	چوري ڇا آهي؟	٧٣
٦٠	پنهنجي سر پورهيو ڪجي	٧٤
٦١	ٻڪي	٧٥

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

سبق	چا جي بابت .	صفحو
٨٢	ٻني ، ڀاڱو ٻيو	١١١
٨٣	دالچيني	١١٣
٨٤	حواس يا اِندريُون ، ڀاڱو پهريون	١١٥
٨٥	" " ، ڀاڱو ٻيو	١١٨
٨٦	ٽامو ، شيهو ، قلعي ۽ ٻيون ڌاتو	١٢٠
٨٧	ٻلي	١٢٢
٨٨	ڪتو	١٢٥

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

سنڌي

ٽيون ڪتاب.

سبق پهريون.

توکي ڪنهن پيدا ڪيو؟

توکي، ٻين سڀني ماڻهن ۽ مرن ۽ پکين کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ ڪَن ٻُڌڻ لاءِ، اکيون ڏسڻ لاءِ، نڪ سنگهڻ لاءِ اهي سڀئي توکي ڪنهن ڏنا آهن؟ ۽ کائڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ وات توکي ڪنهن ڏنو آهي؟ ۽ هاج ڪرڻ لاءِ هٿ ۽ پنڌ ڪرڻ ڪاڻ پير ۽ چڱي مَني جي سمجهڻ لاءِ من، اهي سڀئي توکي ڪنهن کان پڙپيا آهن؟ هي سڀئي ڏاڍي ٻاجهه ڪري ڏنا آهن؛ ۽ تون جيڪي ڪي ٻيو جڳ ۾ ڏسين ٿو، سو سڀ انهيءَ پيدا ڪيو آهي؛ ۽ تون جيڪي ڪم ڪرين ٿو، سي سڀ هو ڏسي ٿو. توکي چڱيءَ چال ورتڻ ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ لاءِ هن پيدا ڪيو آهي، ۽ جي تو ائين نه ڪندين، ته تڏهن هو توتي ناراض ٿيندو. تون هن کي نٿو ڏسين، باقي هو توکي ڏسي ٿو ۽ جيڪي تون ڪرين ٿو، سو سڀ هو ڏسي ۽ ڄاڻي ٿو. تون جي ڪوڙ ڳالهائيندين، سي جيتوڻيڪ ڪنهن اُپاءَ سان تون ماڻهن کان لڪائي ڇڏيندين، ته به هن کان ڪڏهن ڳجها ڪين رهندا.

ڏينهن جو بہ سو تنهنجي سنڀال لهي ٿو، پر رات جو بہ سو تنهنجي نگهباني ڪري ٿو: اهڙو ڏاڍو اسان سڀني تي ٻاجهارو آهي. هنکي جيتري اسانجي يادگيري آهي، تيتري نہ اسانکي پنهنجي، نہ ٻين ڪنهنکي اسانجي آهي.

سبق ٻيو.

جانورن کي اجايو نہ ڏکوءِ.

گهڻن جانورن کي ماڻهو ڪُهندا آهن، اُنهنجو گوشت يا اُنهنجي چمڙي ماڻهن کي ڪم ايندي آهي؛ جهڙيءَطرح ڪ ٻڪر، گهٽو، ڪڪڙ ۽ ٻيا. ڪي جانور ماڻهو انهيءَ لاءِ ماريندا آهن، جو جيڪڏهن اُهي جيئرا رهن، تہ اُهي اُنهن ماڻهنکي ڏکہ ڏين: جهڙيءَطرح بگهڙ، شينهن، وڇون، نانگ ۽ ٻيا. هيءَ ڏاهن جي ليکي پڻ جهڙو ڪم آهي؛ پر ننڍا ڇوڪر ۽ ڇوڪريون جو مکين کي ماريندا آهن، يا اُنهنجا کنڀ ۽ پير ڇڪيندا ۽ پٽيندا آهن، ۽ ڪي پتنگن ۽ پوپٽن کي ڇيڇلائي ماريندا آهن، ۽ جهرڪين ۽ ٻين پکين جا ٻچا آکيرن مان ڪڍي اُنهنکان جدا ڪندا آهن، يا گهوڙن ۽ وهٽن کي اجايو چابڪ هڻندا آهن، سو ٻيچڙو ۽ وڏو پاپ جو ڪم آهي. ۽ گهڻن ماڻهن جي عادت ٿيندي آهي، جو هرو ڀرو بہ وهٽ کي پيا لڪڻ هڻن، جڏهن تہ گهوڙو گاڏيءَ ۾ پنهنجيءَ قوت آهر تکو ٿو وهي، تڏهن بہ هنکي اجايو لڪڻ پيا هڻن، پر ويچارو گنگو جانور ماٺ ڪيو سهيو وڃي. اهڙن ماڻهنکي ايترو دل ۾ ويچار ڪرڻ گهرجي، تہ جيڪڏهن ڪو اسانجي ٽنگ يا ٻانهن ڇڪي پٽي، يا اسانکي ڪو بيگناهہ چابڪ هڻي، تہ جيڪر اسانکي

ڪيترو ڏکر ٿئي ؛ تڏهين پلا هننکي ڇو نہ ڏکر ٿيندو؟ اهو ويچار ڪري انهيءَ ڪم کان پري رهڻ لاءِ خراب ڇوڪرن کي نصيحت ڪجي. جئن تہ سياڻن چيو آهي تہ "جهڙيءَطرح پاڻئين تہ ٻيا مون سان هلن، تهڙيءَطرح توکي ٻين سان هلڻ گهرجي." سڀني ماڻهنکي هن نصيحت تي ڌيان ڏيئي هلڻ کپي.

سبق ٽيون.

محنت ڪجي، تہ لاڀ ٿئي.

هڪڙي ڪڙميءَ کي ٻہ پٽ هوا؛ سي ٻئي اهڙا هوا، جو ڪوئي ڪم تن ڌيئي ڪين ڪندا هوا. هڪڙي ڏينهن هو ڪڙمي اچي مرڻينگ ٿيو. تڏهين سندس پٽن گڏجي اچي پڇيس تہ "بابا، تنهنجو ڌن ڪٿي هجي، تہ اسانکي هنڌ اُنجو ڏس ڏي، جياڪاڻ جو توکي سڪرات جي مهل ويجهي اچي پهتي آهي؛ جي هنڌ تون اسانکي ڏس نہ ڏيندين، تہ تنهنجي مئي کان پوءِ آسين رولي مر پونداسون، ۽ تنهنجو مال ٻہ جتي پوريو پيو هوندو، تتيئي پيو هوندو." پيءُ ويچار ڪيو تہ هي ڇوڪر آلسي آهن، ۽ اجا پنهنجن ٻاڙن جي ڪمائيءَ جي ڦل جي لذت نہ چکي اٿن، تنهنڪري هو پاڻ تي دقت نٿا سهن. پر جيڪڏهين هننکي ڪنهن ٻہ طرح سندن پگهر جي ڪمائي جي چکي ڏيان، تہ يقين آهي، جو وري ڪڏهن پورهي کان پاسو نہ ڪندا. تڏهن پٽن کي چيائين تہ "مونکي سڀوئي جيڪو ڌن آهي، سو انهيءَ منهنجي ٻنيءَ مر پوريل آهي".

اُنهن ڇوڪرن اِئين سمجهيو، تہ جيڪس ڪا سون جي ديگ ٻنيءَ مر پوري پيئي آهي. پوءِ انهنجو پيءُ مري ويو، ۽ سون جي لالچ تي

ھنن ٻنھي وچي سچي ٻني ولي، پر سون تہ ڪٿان ڪون ملين. پوءِ اُن وليل ٻنيءَ ۾ ٻج پوکي ڇڏيائون، ۽ ٻني چڱي ڪيڙيل ھئي، تنھنڪري اھڙي ڀلي ٿي، جو ڇوڪر منجھانس ڏاڍي پيا. انھيءَ ڳالھہ کان ڇوڪرن سمجھيو، تہ پيءُ اسانکي سچو ڏس ڏنو ھو؛ ۽ جي ماڻھو ھوندا سون، تہ ھيءُ پورھيو ھٿان نہ ڇڏيندا سون، ۽ وڏيڪ ڪمائيندا سون، تہ وڏيڪ کٽيندا سون." "جيترو مڃاڻ وجھبو، اوترو منو ٿيندو." انھيءَ ٻھاڪي وانگر جيتري وڏيڪ ڪمائي ڪبي، اوترو وڏيڪ فائدو ملندو.

سبق چوٿون.

آڳي ويچار ڪرڻ.

ھڪڙي ملڪ ۾ اھڙو حال ھو، جو اجا ٻنيءَ ۾ آن پچيئي ڪين، تہ مڪڙ آچيو ڪايو چٽ ڪيو وجن. اھا روبڪار ھن ملڪ سان ٻہ چار سال گڏ ھلي. نيٺ اچي ملڪ کي ڏڪار گھيريو؛ سو اھڙو ڏڪار پيو، جو شال دشمن جي ملڪ کي بہ ڏيکاري نہ ڏئي. ھزارين ماڻھو بُکہ جي وِگھي چڪيا ٿي چڙھيا ٿي، ۽ ھزارين قبر ۾ پوريا ٿي، جنھن ڪا وڏي وبا منجھن اچي پيئي ھئي. جمرن جو کھڙو حال ڏسجي، جو پيٽ وجي پُٺيءَ سان لڳو ھون. پرچا ڪاجي، جو سون برابر بہ آن نہ ملي، ۽ نڪا منجھس آڳ ڳاڏي ۽ نڪو پر سانس آگھوت، جو ڪنھن ٻئي وسايل ھنڌان آن ڪڻي آڻي ڏئين. اُن ملڪ جو بادشاھ بہ اُنھن ڏينھن جي سختيءَ کان ڇتل ڪين ھو. سندس ڍور ڏيو ترچٽ ٿي ويو

هليو، پر سنڌ ۾ هڪڙو گهوڙو، جنهن سان هن جو گهڻو پيار هوندو هو، سو بہ اچي مرڻ کي ويجهو ٿيو. تڏهن انهيءَ ڳالهہ لاءِ بادشاهہ پنهنجي وزيرسان پئي ويچار ڪيو، تہ ايتري ۾ گهڻيون ماڪوڙيون وٽان اچي لنگهيون. تنهن مهل بادشاهہ پنهنجي وزير کان پڇيو تہ "هن ورهہ ۾ ڪيترين ذاتين جا جانور بُکَ ۾ مري ويا آهن، ۽ ڪيترا اهڙا ڏٻرا ٿيا آهن، جو پنهنجيءَ جاءِ تان چُري نٿا سگهن؛ ۽ هي ماڪوڙيون هميشہ اهڙيون تکيون پيون ڊُکن، جو ڄڻڪ هنن کي بُکَ ۽ ڏڪار جي غرضئي ڪانهي، تنهنجو ڀلا سبب ڇا هوندو؟" وزير هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ "جيئندا قبلا، ٿورو قدم رنج فرمايو تہ آءٌ اوهانکي هڪڙو تماشو ڏيکاريان." ائين چوندي، وزير هڪڙيءَ کوئيءَ جي پاسي ۾ وڃي، پٽ جو ڇاپوڙو لاهي، بادشاهہ کي ماڪوڙين جو ڏر ڏيکاريو، تہ اُهو سڄوئي اَن سان ڀريو پيو هو. بادشاهہ اُو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو، ۽ چوڻ لڳو تہ "اسان ۾ ماڪوڙين جيترو بہ عقل نہ آهي، جو جيڪر سُڪر ۾ ڳاهڻ جون ڏنيءَ ۾ اَن جا انبار رکي ڇڏيون ها، تہ منهنجي رعيت ۽ جانور آءٌ اهڙا بُکَ ۾ حيران نہ ٿيون ها." هيءُ ڀاڪو ياد رکڻ گهرجي، تہ "اُهو ڪي ڪاڄي، جو آئي ويل ڪم اچي."

سبق پنجون.

کير.

کير هڪڙي پاڻيءَ جهڙي اڇي پتڙي شَي آهي، پر هو ٿورو گهاٽيرو ٿيندو آهي. ماڻهو ۽ چوپايا سڀيئي جانور پنهنجن ٻچن کي ڀاڙاءِ پنهنجن ٿڃڻ مان کير ٿا پيارين. ڳانءِ، مينهن ۽

ٻڪريءَ جو کير ماڻهن کي ڏاڍو ڪمائتو آهي. ڪي ڪي مسلمان ماڻهو اُٺ جو کير به پيئندا آهن. چوندا آهن، ته گڏهه جي کير ۾ ڏاڍي قوت آهي؛ تنهنڪري ڪي ماڻهو بيماريءَ ۾ پنهنجن ننڍن ٻارن کي اُنجو کير پياريندا آهن. تاتار ۾ ماڻهو گهوڙيءَ جو کير پيئندا آهن. کير مان ماڻهو ڪيترن قسمن جي مٺائي ۽ ٻي لذت جهڙيءَ شيءِ جوڙيندا آهن، جهڙو ڪي برفي، پيڙا ۽ ٻيون. کير کي ڳچ تاءُ ڪاڙهبو آهي، ته سندس مٿان جيڪي ڄمي ويندي آهي، جنهنکي "ملائي" چوندا آهن. اُها ملائي لاهي، باقي کير ٺاري، صفا ڪنيءَ ۾ وجهي، منجهس سنباڻ گڏي ڄمائيندا آهن. جيڪو ڇڪ ٻڌجي تيار ٿئي، تنهنکي "ڏنورو" يا "ڏڌ" چوندا آهن. ڏڌ کي مانداڻيءَ سان ولوڙي منجهانس مکڻ ڪڍندا آهن، ۽ اُنهيءَ مان باقي جيڪي رهندو آهي، تنهنکي "مهي" يا "جهڻ" چوندا آهن، ۽ اُنکي پاڻي وجهي جڏهن پتڙو ڪندا آهن، تڏهن منکي "لسي" يا "ڇاهه" چوندا آهن. ماڻهو گرميءَ جي ڏينهن ۾ ٻُت ٺارڻ لاءِ ڇاهه پيئندا آهن، جا ٻهراڙيءَ ۾ ماڻهن لاءِ ٿيوڻ آهي. کير ڏاڍي قوت ڀري شي آهي، ۽ جي جميل کير مان مکڻ نه ڪڍجي، ۽ اُئين ڄڏ جي، ته انکي "ڏنورو" چوندا آهن. ڏڌ کي تمام گهڻو نپوڙي سڪائجي، ۽ منجهس لوڻ وجهي ڳرو ٻار، جنهنکي "پنير جو شڪنجو" چوندا آهن، سو مٿان رکجي، ته ٿوريءَ مدت کان پوءِ اُو مٿجي ڏاڍو پنير ٿي پوي. ۽ پاڻي، جو پنير کان پوءِ بچندو آهي، سو مٿيءَ جهڙو ٿيندو آهي. ماڻهو کير ۾ ٿورا چانور ۽ مٺاڻ وجهي ڪاڙهي اُن مان کيرڻي جوڙيندا آهن.

سبق ڇهون.

ڪتي کي کاڏو ڪئين ٿي مليو.

ڪنهن شهر ۾ هڪڙي شاهوڪار ماڻهوءَ جي گهران ڏهاڙي ڪنهن مقرر وقت ويهن فقيرن کي کاڏو ملندو هو. کائڻ مهل هڪڙو ڪتو ٽُڪرٽوٽي ملڻ جي اميد تي نِت اچي حاضر ٿيندو هو. پر هو فقيرَ جو هوندا هئا پاڻ ڏاڍا ڪنگال ۽ بکايل، سو اُنهن کي پنهنجي پيٽ کان ايترو پاڇي ڪين ٿيندو هو، جنهن مان هن ويچاري آسائتي ڪتي جي ڪاشَي ٿئي.

اتي هڪڙو گهنڊ ٽنگيل هوندو هو، تنهن کي اچي وڄائڻ تي سڀڪنهن کي کاڏو ملندو هو؛ جو شخص پرچڻ تي مقرر هوندو هو، سو هڪڙي گڙکيءَ کان کاڄ جي ٿالهي ڪٽي لنهگائي ڏيندو هو، تنهنڪري پاڻ ڏسي ڪين سگهندو هو ته مونکان ٿالهي وٺي ڪير ٿو.

ڪتي ڏٺو ته بيلي هروزرِ هن سڪ تي گذارڻ مان منهنجا نه وريا؛ تنهن ڇا ڪيو، جو هڪڙي ڏينهن جڏهن سڀئي فقير کائي ويندا رهيا، تڏهن يڪدم ٽپ ڏيئي، مٿي چڙهي، گهنڊ جي نوڙيءَ کي ڏندن ۾ جهلي گهنڊ کي وڄائڻ لڳو. اڃا هن جو ائين ڪرڻ، ۽ کاڄ سان ڀرپور ٿالهيءَ جو ڪيس پرپڙ. ڪتي کي ته جو بکر هئي ڏاڍي ڇتي، سو ويهي جشن سان کاڌاءِ، ۽ کائي خوب ڍَوُ ڪياءِ.

انهيءَ طرح هو ڪيترا ڏينهن ڪندو رهيو؛ پر آخر هنجي لچائيءَ جي خبر پئجي ويئي.

شاهوڪار ماڻهو، جو وڏو ويچاروان هو، تنهن ڪتي جي

سياڻپ ۽ چالاڪيءَ جو قدر سڃاڻي، اللهڏنو پرچڻ واري کي حڪم
ڪري ڇڏيو ته "هن ڪتي کي ٻه فقيرن وانگر گهنڊ وڄائڻ تي
نيٺ ڪاڌو ڏيندو رهجي." انهيءَ دستور اهو ڪتو گهڻن ڏينهن تائين گهنڊ
وڄائيندو رهيو، ۽ فقيرن سان گڏ پنهنجو ڪاچ حاصل ڪندو رهيو.

سبق ستون.

ڪاوڙ مهل پاڻ سنڀالجي.

هڪڙي شاهزادي کي ڪنهن غريب جي ڇوڪر گاريون ڏنيون، تنهنڪري شاهزادي کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي؛ پر هن نڪي ڪاڇو نڪي پڇو، ماٺ ڪري وڃي پنهنجي پيءُ کي دانهن ڏنائين. بادشاه اها ڳالهه ٻڌي پنهنجي ڪچهريءَ مان سڀني کان پڇيو ته "فلاڻي ڇوڪر منهنجي ٻار کي گاريون ڏنيون آهن، تنهنکي ماٺي ڇا ڪجي؟" تڏهن اُنهن مان ڪنهن چيو ته هنکي شهر مان لوڏائڻ گهرجي، ڪنهن چيو ته هنکان چٽي وٺجي، ڪنهن چيو ته هنکي قيد ۾ وجهجي، اِن طرح سڀني جدا جدا ڳالهيون ڪيون. پر بادشاه شاهزادي کي چيو ته "آءٌ بادشاه آهيان، اها ڳالهه منهنجي هٿ ۾ آهي، ته توکي جنهن گاريون ڏنيون آهن، تنهنکي جيئن وڻيم، تيئن ڪريان؛ پر ايتري گناه جي واسطي ايتري سزا ڏيڻ مونکي نٿي وڻي؛ تنهنڪري صلاح هيءَ آهي، ته اُنکي ڪٺي معاف ڪر، ڇاڪاڻ جو سزا ڏيڻ کان معاف ڪرڻ ۾ وڏائي آهي. پر جي هيءَ توکان نه ٿي سگهي، ته ڀلا جيتريون توکي گاريون ڏنيون اٿس، اوتريون تون به ڏيئي ڇڏينس؛ پر تڏهن به تون پنهنجو وات ڪنو ڪندين، ۽ ڪن سان ڪين اڄو ٿيندوئي ڪين آهي؛ تنهنڪري جي معاف ڪريائس، ته سڀني کان چڱو." تڏهن شاهزادي پنهنجي پيءُ جي ڳالهه مڃي ڇوڪر کي چيو ته "آءٌ هن گهڙي توکي ڇڏي

ڻو ڏيان، ڇاڪاڻ جو تون ننڍو ۽ اڻڄاڻ آهين؛ پر ياد ڪج، تہ
ڪنهنکي بہ گاريءَ ڏيڻ چڱائي نہ آهي؛ نہ تہ هڪڙي ڏينهن جوڳي
سيکت پائيندين. هيءَ مثال ياد رکڻ گھرجي، تہ "نہ ڪنهنجي
ڪٺي کي هٿ لائجي، نہ پنهنجو پٽ ڦڙائجي."

بيت.

"چڱا چڱائين پر مَدو ڪن نہ ڪن،
جي وڙ آهن جنجا، سي وڙ سيئي ڪن."

نصيحت:- ڇوڪرن کي گھرجي تہ ڪاوڙ مهل نڪي وات
مان بڇڙو ڳالهائين، نڪي هٿ سان بڇڙائي ڪن؛ نہ تہ پوءِ
پنهنجي هٿ وڍيل جي دوائي ڪانهي ڪا.

سبق اٺون.

پاليلن گھوڙن جو ڌڻيءَ تي پيار.

هڪڙي سنڌ جي راڻي جي ڳالهہ ڪندا آهن، تہ هن وٽ هڪڙي
گھوڙي هوندي هئي، جنهنکي هو گھڻو پيار ڏيندو هو، ۽ هوءَ بہ کيس
گھڻو پيار ڪندي هئي. هڪڙي ڏينهن هو راڻو ڪنهن سرڪار
جي آڙيءَ ۾ جهلجي قيد ٿيو، ۽ سندس گھوڙي ضبط ڪري نيلام
ڪيائون، جا هڪڙي دنيادار سوناري ورتي؛ پر گھوڙيءَ جو اُن تي
اهڙو پيار رهيو، جو هنجو قيد ٿيڻ، ۽ هنجو ڪاڏو پيتو ڇڏي ڏنائين.
هن ويچاري سوناري طرحين طرحين جا راتب جوڙائي تي
ڏنس؛ پر جيڪو ماڻهو گھوڙيءَ وٽ ڪٺي تي ويو، سو گھوڙيءَ جي
چڪن لتن کان ڇٽوئي ڪين ٿي؛ تان جو بن ٽن هفتن ۾ گھوڙي
ڳري ڪنڍا ٿي ويئي. آخر جڏهن هن راڻي کي ڦاسيءَ تي ٿي

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES GOVT OF SINDH CULTURE

چاڙهيائين، تڏهن هن گهوڙيءَ جي ڏسڻ لاءِ عرض ڪيو. جڏهن گهوڙي اُتي آئي، ۽ هنکي ڦاسي ڏنائين، تڏهين ائين ٿا چون ته گهوڙيءَ جي اکين مان لڙڪ پئي وهيا، ۽ پنهنجي ڌڻيءَ جو لاشو ڦٿڪندو ڏسي پاڻ به ڦٿڪي ساهه ڇڏيائين.

سبق نائون.

ٻڇڙائيءَ ڪرڻ مان ڪڏهن نه ڪڏهن ٻڇڙو نتيجو پائبو.

حيدرآباد جي پسگردائيءَ ۾ هڪڙو ڳوٺ آهي، جنهنکي چنبڙن جو ڳوٺ ڪري سڏيندا آهن. اُتي هڪڙو آنوڙي لپ ڪنبڙو، پٽ ڪرڙ جو، ذات جو ٻير، ڳنڍون ۽ ميڻهون چاريندو هو؛ سو اُنهين پورهي تي ناراض ٿي، پنهنجي ڌڻيءَ کان موڪل وٺي، حيدرآباد ۾ اچي هڪڙي نواب وٽ نوڪر بيٺو. هنکي، وات ويندي، جيڪر غريب غربو گڏجي، تنهنکي گاريون ڏئي، ۽ هو ويچارا ڪن ٽارڪريو، رستو وٺيو وڃن: ڇاڪاڻ جو اُنهن ڏينهن ۾ رعيت ايترو ميرن کان به ڪين ڊڄندي هئي، جيترو اُنهنجي نوابن ۽ ڪامورن کان ڊڄندي هئي. هو دل ۾ ائين سمجهندو هو ته هنکي پاڙي جهاڙي وٺڻ جي سگهه نه آهي، تنهنڪري وڏائيءَ ۾ ٻرجي ويو. نيٺ هڪڙي ڏينهن جان بازار ۾ شي وٺڻ تي ويو، ته ڇا ڏسي، جو

نهن سامهون هڪڙو وڏو ٻروچ، ڪيمخاب جي ٽوپيءَ سان، ۽ وڏي پيراهن ۽ جهولدار سٿڻ ۽ جوهردار ترار سان، گهوڙي تي چڙهيو ٿو اچي. هن ٻه دل ۾ چيو ته "پهريائين، گاريون ڏيان، ته هن شخص کي." چوندا آهن ته "گوهه کي جڏهن ڪُتي ڪٽي، تڏهين شڪارين جا گهر گهولي." هن اچا گارڏني نه ڏني، ته ايتري ۾ هن ترار ڪڍندي سِسي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيس. هيءَ خبر سگهوئي نواب کي پهتي، جنهن ميرصاحب وٽ وڃي فرياد ڪيو ته "فلاڻي ٻروچ منهنجي نوڪر کي اُفت ماري ڇڏيو آهي." ٻروچ سچي حقيقت ڪچهريءَ ۾ ظاهر ڪئي. تڏهن ميرصاحب فتوىٰ ڏني ته "اهڙو سپاهين کي چيندڙ ڪندو، خصوص حيدرآباد جهڙي شهر ۾، گهربوئي ڪو نه هو، سو جي مئو ته صدقي ٿيو."

نصيحت.

بدچال ماڻهو هميشه اِئين دل ۾ سمجهندا آهن، ته اسانجي بدچال ڪڏهن ظاهر ڪين ٿيندي، نڪا ڪا اسانکي سزا ملندي. پر اها ڳالهه غلط آهي، ڇاڪاڻ جو ڪنهن وانگيان ڪڏهن نه ڪڏهن خطا کائيندا، ۽ انهيءَ پيري ايتري سزا ملنديون، جيتري سندن اڳين گناهن ڪارڻ به پوري پوندي.

سبق ڏهون.

هٺ نه ڪجي.

هڪڙو متارو ڏگهو ڪائي پي ڏائو وينو هو، ته ايتري ۾ هڪڙي

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

مڇر اچي سندس نڪ اڳيان ڀُون ڀُون ڪئي. تڏهين اُنهي ڏسي چوڻ لڳو "اي ڪميڻا، مٿان ڀڄي وڃ؛ مون ڏاڍي جانور کي تو جهڙي هيٺي کي مارڻ لڄ ٿي اچي، نه ته توکي جيڪر هڪڙي پل ۾ ڀُون ڀُون ڪان ڇڏائي ڇڏيان." تڏهن مڇر چيو ته "تون مونکي هيٺو ٿو ڄاڻين، باقي هينئر تون منهنجو مزو ڏسجانءِ." ائين چئي هڪ هڪڙو ولو ڏيئي، هن جي نڪ ۾ ويهي ويو، ۽ اُتي وڃي هيڏي هوڏي ڦيرئي پائڻ ۽ ٽپا ڏيڻ لڳو. ڍڳي گهڻئي مٿا پٽيا ته من ڪي مڇر نڪري، پر هو ڪُپ ڪوڙي ويهي رهيو. نيٺ ڍڳو ساڻو ٿي ٽنگون ٽيڙي پئجي رهيو؛ تنهن مهل مڇر نڪ مان نڪري چيس ته "ڏٺئي منهنجو مزو؟ تون ڪهڙو ڏاڍو ڍور، ۽ آءٌ ڪهڙو هيٺو جيت آهيان." ۽ ڏاڍئي ڦونڊ ۾ ڀرجي ٻاٽ هڻڻ لڳو ته "ڪهڙيءَ طرح مون هيڏي ساري جانور کي ماري مڃايو. تون ڇا ٿو سمجهين؟ منهنجو مَٽ ڪٿي ڪونهي ڪو." تنهن مهل هڪڙو ڪوريڙو هن جي ٻاٽ ٻڌي، پنهنجي گهر ۾ کلڻ لڳو، ۽ دل ۾ چيائين ته "سچ تنهنجو مَٽ آهيئي ڪو نه؛ پر جي منهنجي هٿ چڙهين، ته مَٽ نه مَٽ جي پاڻهي ڪل لهين." مڇر جنهن مهل تانءِ ۾ ڀِرِبو اُڏامندو پئي ويو، تنهن مهل ڪوريڙي جي ڄاريءَ ۾ ڦاسي پيو؛ ۽ جئن جئن نڪرڻ لاءِ ڦٿڪيو، تئن تئن وڌيڪ اٽڪندو ۽ ڦاسندو؛ تان جو اهڙو جڪڙيو ڦاسي پيو، جو نڪرڻ جي واهه ڪا نه رهيس. اِيتري ۾ ڪوريڙي اچي، مڇر کي ڄاريءَ مان ڪڍي، پنهنجي

هن نئي ڪپائي ڇڏيو. انهيءَ ڳالهه مان ماڻهن کي نصيحت وٺڻ گهرجي، ته هٿ نه ڪنهن جي ڇا ڪون ته هٿ نيٺ مارائيندڙ آهي.

سبق يارهون.

(ياد ڪرڻ گهرجي).

بي سمجهه بابت بيت.

رڍ ڇا سمجهي راڳ مان، جنهن جي بولي ٻي؟
سرمنڊل جي ساز مان سانڍ و ڇا سمجهي؟
موڳي جي مجلس ڪان پاڻ ڪٽي پلجي؛
جو تانگهي ۾ ٽا ڦوڙا هڻي، تنهن سان تار ڪيهو ترجي؟
جنهنکي ساه ڪنئي سڌ نه پوي، تنهنکي سور ڪيهو ساجي؟
جو سنڌي سمجهي ڪينڪي، تنهن سان هندي ڇا هلجي؟
اهڙي نبريل نادان ڪان راه وٺي رهجي،

سبق ٻارهون.

حرص کي دوس نه ڏي.

هڪڙو ساڌو فقير بازار ۾ گهمڻ لاءِ ويو. هڪڙي حلوائيءَ اُن فقيرکي وڏو* "مَهَنتُ" سمجهي عرض ڪيو ته" سائين منهنجي هٽ تي قدم رنج فرمائي، شربت جو پيالو پي وڃو." فقير، ٿوري ناڪار ڪان پوءِ، هنجو عرض مڃي هنجي دوڪان ڏانهن هليو.

* مَهَنتُ، يعني اُهو فقير، جنهنکي ٻيا فقير به وڏو ڪري ڄاڻندا آهن.

حلوائيءَ پڇندي اُنکي ھڪڙي گادي وڇائي ڏني، ۽ ڪي ڪجھہ مٺائي رڪيبيءَ ۾ رکي، ۽ ماکيءَ جو پيالو پري، آڏي نذر رکيائينس. ھنجو پيالو پٽ تي رکڻ، ۽ مکين جو ميڙ ٿيڻ. ڪي ته پيالي جي ڪناري تي ويھي رھيون، ۽ ڪي وچه. حلوائيءَ اُٿندي سان وجھو ڪٺي مکين کي ھڪلڻ لڳو. جي ڪنارن تي ويٺيون ھيون، سي اُمالڪ اُڏامي ويون پر جيڪي وچه ويھي رھيون ھيون، سي پاڻ ڇڏائي نه سگھيون؛ سندن پير ته اڳيئي ماکيءَ ۾ ڇنبڙيا پيا ھوا، ۽ وجھي لڳندي سان اجا ڀڄڻ جي ڪوشش ڪيائون، ته پيرن ڇُٽڻ بدران سندن ڪنڌ به ماکيءَ کي لڳي پيا: جنھنڪري ھو اُڏامي سگھيون ئي ڪين، ۽ اُتي ڦٿڪي ڦٿڪي ساهه ڇڏيائون. تڏھن فقير حلوائيءَ کي چيو ته "ھيءَ ماکيءَ جو پيالو ھڪڙي دنيا ڪري سمجھه، جنھنجيون نعمتون ۽ عيش ھيءَ ماکي آھي؛ ۽ ھي مکيون سي دنيا جا ماڻھو ڪري جاڻ، ۽ جنھن خواھش ڪري ھي مکيون ھن پيالي ۾ پيون ۽ ڦٿڪي ڦٿڪي ساهه ڏنائون، اُھا حرص آھي؛ تنھنڪري توکي ھيءَ نصيحت بس آھي، ته ڪڏھين به مکين وانگيان لالچ کي پنھنجي واڳ نه سونپج. سياڻن چيو آھي ته "دنيا سان ايتري دل نه رک، ته جيڪڏھن توکي ڪال جو سڏ ٿئي، ته ھٿ پيو ھڻين."

سبق تيرھون.

بڪري.

سڀني ڏيھن ۾ ماڻھو بڪريون پاليندا آھن. جھنگلي بڪريون ايشيا ۽ يورپ کنڊن جي ڏونگرن ۾ رھنديون آھن. گھٽو ۽ بڪر

ٻئي هڪ قسم جا جانور آهن؛ اُنهنءَ فقط هيءُ فرق آهي، جو ٻڪر
جا سنڱ ڊگها ۽ سنوان آهن، ۽ گهٽي جا پيچدار ۽ گول ٿين ٿا؛
ٻيو هيءُ ته گهٽي جي ٻت تي پشم ٿيندي آهي، ۽ ٻڪر جي ٻت
تي وار ٿيندا آهن. ايشيا مائنر ۾ هڪڙو پرڳڻو انگورا نالي آهي؛
اُتي جي ٻڪرن جي ٻت تي پشم ٿيندي آهي؛ اُنهن ٻڪرن جهڙا
سُهڻا ٻڪر ٻي ڪٿهن هٿ نٿا لڀن. ٻڪر کي ڊگهي ڏاڙهي
ٿيندي آهي. ننڍپڻ ۾ ٻڪر ڏاڍو چلولو ۽ چالاڪ ٿيندو آهي.
ٻڪريءُ طرحين رنگن جيءُ ٿينديءُ آهن، جيئن ته ڪي
ڳاڙهيءُ، ڪي اڇيءُ، ڪي ڦڪيءُ، ۽ ڪي ڀوريءُ. ٻڪر اصل
کان ڊڄڻو آهي. ٻڪر کي رڍ کان عقل گهڻو آهي. ٻڪريءُ ڏاڍيءُ
چست ٿينديءُ آهن. ڪهڙي به اوکي چاڙهي هجي، ته چڙهي وڃن؛
۽ اهڙن ڏونگرن تي وڃيو ڪاڏو ڪائن، جتي پکين کان سواءِ ٻيو
جانور چڙهي ڪين سگهي. اُنجو کُر چيريل آهي، ۽ اُنجي هيٺان
هڪڙو پور ٿيندو آهي، ۽ اُنجا پاسا تکا ٿيندا آهن؛ تنهنڪري
هوءَ ٻي ڊپ پيئي ٽپي ڪندي. پهاڙن سنئين هٿين جي مٿاهين ۽
زمين تان ٽپ ڏئي، ته به زمين تي پيرن ڀرا ڄي ٻهي. ٻي هڪڙي
تعجب جهڙي ڳالهه آهي، ته جي به ٻڪريءُ ڪٺي گڏ ٻڌيون آهن،
ته اُهي اِئين پيءُ گڏ ٽپنديءُ ڪڏنديءُ آهن، جو ڄڻ اڳيئي پاڻ ۾
رٿ ڪري ڇڏي هوا؟. هنڪي ڏيئن ۽ پاٽياڻي زمين کان ٽڪرن
تي رهڻ گهڻو وڻندو آهي. ٻڪرن جي ويڙهه گهٽن جي ويڙهه جهڙي
ڪين ٿيندي آهي. گهٽا رڳو پنهنجن سڱن سان وڙهندا آهن؛ ۽
ٻڪر پنهنجين ٻن پوين ٽنگهن تي ٻهي سڱن سان وڙهندا آهن. ٻاغ

يا ٻنھي ۾ جي ننڍو وڻ ھجي، تہ ٻڪري اُنکي ڪا يوچٽ ڪيو
ڇڏي، وڻن جا گونچ بہ پٽيو ڇڏي، ۽ ڪچا ڇوڏا بہ ٻريرڪري
ڪايو وجي. ٻڪريءَ جي نرڦرکي "ڇيلو" ۽ ماديءَ کي "ڇيلي"
چوندا آھن. ٻڪريءَ جي عمر ڏہ يارھن ورہ ٿيندي آھي. گھڻا
ماڻھو ٻڪريءَ جو ماس ڪائيندا آھن. ٻڪري کير ڏيندي آھي،
اھوکائبو آھي، ۽ دوائن ۾ ڪم ايندو آھي. ٻڪرين جي سڱن مان
چاقن جا ڳن ٺھندا آھن. ڇيلن جي چمڙيءَ مان نرم دستانا
جوڙيندا آھن. ٻڪريءَ جي چم تي رنگ تمام چڱو ڪلندو آھي.
ٻڪرين جي چم مان پکالون ۽ ساندارا جوڙيندا آھن. ٻڪريءَ ۾
ٻي ھڪڙي خاصيت آھي، جا ٻين جانورن ۾ ٿوري ٿيندي آھي:
ٻين جانورن جا ٻچا ڌڻ پنھنجي کيرتي نپائيندي آھي، ۽ پنھنجن
ٻچن وانگيان اُنھنجي خبرداري ڪندي آھي. ڪن ڪن ملڪن
۾ ماڻھو ٻارن جي ھاڪيءَ گاڏيءَ ٻڪرن کان ڪاھرائيندا آھن.

سبق چوڏھون.

خلاصي ۽ باندر.

ھڪڙي ڏينھن ھڪڙو خلاصي جھاز مان ڪناري تي لھي
ڪنھن شھر ڏي ٿي ويو. واٽ ۾ انکي ھڪڙي ٻيلي مان لنگھڻو
پيو، جنھن ۾ باندر گھڻا رھندا ھوا. جڏھن مڌيان جو ويلو ٿيو،
تڏھن سج جي گرميءَ ۽ ٿڪ کان ماندو ٿي، ھو ڪجھہ وقت وِسرام
ڪرڻ جي ارادي سان ھڪڙي وڏي وڻ ھيٺان ڇانوَ ۾ ليٽي پيو.
اُن ويچاري وِٽ ڪري ڪاڻ ڳچا جيترئون ٽوپيون ساڻ ڪنيون ھيون؛

اُنهن مان هڪڙي ڪيڏي مٿي ٻه پائي سمهي پيو، ۽ اُمالڪ ننڊ گهيري وَيس. جان هو ننڊ مان جاڳي ڏِسي، ته مار ٽوپين مان هڪڙي ٻه نالي ڪي ڪان ٿهي! ڏاڍيءَ وِسمي ۾ پئجي ويو، ۽ واتڙو ٿي هيڏي هوڏي نهارڻ لڳو. ايتري ۾ وڻ جي گهاٽين ٽارين مان ٻولن جو آواز ڪن تي پيس.

اڇا ڪٺي مٿي نهاري، ته ڇا ٿو ڏسي، جو مار، سڀوڻ باندرن سان ڇانئجي ويو آهي، ۽ هرهڪ ڪي مٿي ۾ پشمي ڳاڙهي ٽوپي پئي آهي! هنن اُن خلاصيءَ کي جو هڙمان هڪڙي ٽوپي ڪيڏي مٿي ۾ پائيندي ڏٺي، سو نڪا ڪياءِ ڪُڇ، نڪا ڪياءِ پُڇ: خلاصيءَ کي ننڊ ۾ پيل ڏسي وڻ تان هيٺ لهي آيا، ۽ سڀ ٽوپيون چورائي پنهنجن مٿن ۾ پائي آڪڙخان ٻڻجي ويهي رهيا.

خلاصيءَ گهٽوئي تاب ڌڙڪو ڪيو، ۽ گهٽوئي گوڙ ٻڪيڙو مچايو، پر هنن ليکيس ئي ڪين، اُلٽندو ڏند ڏيکي ويچارا ڏيڻ لڳس. خلاصي جڏهن ٽوپين کي ورتي هٿ آڻڻ لاءِ سڀ وَسَ هلائي چُڪو، ۽ اُنهن مان وُرِيسِ ڪي ٻه ڪين، تڏهن نراس ٿي، ڪيس جيڪا مٿي ۾ ٽوپي پئي هئي، سا ٻه لاهي ڪٺي ڌرتيءَ تي اُڇلايائين، ۽ واڪو ڪري چوڻ لڳو ته "اي چورتو، جيڪڏهن توهين ٻيو سڀ ٽوپيون ٽا رکڻ گهرو، ته اجها هيءَ ٻه ڪٺي وڃو."

اڇا هن خلاصيءَ ائين ڪيوئي مس، ته يڪدم هنن باندرن ٻه ساڳيءَ طرح ڪيو، يعني هرهڪ پنهنجي مٿي مان ٽوپي لاهي ڪٺي زمين تي ڦٽي ڪئي. خلاصيءَ کي اُنهنجي اِها حالت ڏسي ڏاڍو اچرج لڳو. مطلب ڳالهه جو ته اِنهيءَ طرح هو پنهنجون وڃايل ٽوپيون سڀ هٿ ڪري ٽڙندو خوش ٿيندو رمندو رهيو.

مطلب - گھڻا ماڻھو، ٻاندر وانگر، جيئن ٻين کي ڏسن، تيئن پيا ڪن ۽ نه ڳالھ جو نفعو، نقصان ڏسن، ۽ نه اڳ پوءِ جاچين. اِئين ڪرڻ چڱو نه آھي. ماڻھوءَ کي گھرجي ته سڀڪو ڪم ويچار ڪري پوءِ ڪري، رڳو ٻاندرن وانگر ٻين جو نقل نه ڪري.

سبق پندرھون.

ميرائي.

ڪن ڪن ماڻھن جي اھڙي عادت ٿيندي آھي، جو ڏينھن جا ڏينھن، ھفتن جا ھفتا، لنگھيو وڃن، ته ڪڏھن بت نه ڌوئن، ۽ نڪي ڪپڙا بدلائين. سو جيڪڏھن اُھي ماڻھو ڪنھن اھڙي ملڪ ۾ ھجن ھا، جتي پاڻي اڻلڀ ھجي، ته به ھنن تي ميار ڪا نه ھجي ھا؛ پر جڏھن پاڻي بنا قيمت يا تمام ٿوري خرچ سان ملي سگھي ٿو، تڏھن سبب ڪونھي ته ماڻھو پاڻ کي ڪِنو ۽ گندو رکن. اُجِي اُجري رھڻ ڪاڻ ھرو ڀرو ضرور نه آھي، جو اُڇا ڪپڙا ڪجن؛ مگر ھي ضرور آھي، ته صفا ڪپڙا ڪجن. سڀڪو ماڻھو ڪھڙوئي غريب ھجي ته به پاڻ کي اُڇو اُجرو رکي سگھي ٿو. وڏن شھرن ۾ به وھنجڻ ڪاڻ ھائي ڪن جو پاڻي بس آھي، ٻين ھنڌن ۾ ته پاڻيءَ ري ملھ آھي؛ ۽ ڪپڙا جي ڪتي نه ڌئي، ته ماڻھو پاڻ به پاڻيءَ ۾ آگھاري، ميل ڪڍي سگھي ٿو. انھيءَ بت جي گندگيءَ کان جُون ۽ ٻيا جيت پيدا ٿيندا آھن، ۽ ڪيترن قسمن جيون وڏيون بيماريون ٿينديون آھن؛ پر اھي ماڻھو رڳو پنھنجو بت صفا نُنا رکن، اِئين نه آھي، پر سندن جايون جڳھون به ھميشه ڪِن سان ڀريليون رھنديون آھن:

۽ چا صفحي ۾، چا آڱڙ ۾، چا ڏيڍئي ۾، چا ٻنبي تي، جتي نهار ہو، تتي گند يا گندو پاڻي ۽ ٻوڙ ڏسبو، جنهنجي باس ماڻهن جو نڪ سهي سگهيئي ڪين. انهيءَ گندمان ماڻهن کي تپ ۽ ٻيون بيماريون ٿينديون آهن؛ ۽ وڌي ڳالهه آهي، تہ اُن مان جي مکيون ۽ جيو جنتر پيدا ٿا ٿين، سي پنهنجن چڪن يا ڏنگن سان اسانکي هلاڪ ٿا ڪن؛ تنهنڪري گهرجي تہ سڀڪو ماڻهو پنهنجي بت ۽ تڪڙ جي جاءِ کي صفا رکي، ڇاڪان تہ جيڪي ماڻهو پنهنجن بتن ۽ جاين جڳهن کي صفا رکندا آهن، سي ڪن ماڻهن وانگر ڏري بيمار نہ ٿيندا آهن.

سبق سورهون.

گڏه.

گڏه ۽ گهوڙو ٻئي هڪ قسم جا جانور آهن، ۽ اُنهيجي پاڻهر گهڻي هڪجهڙائي آهي. تاتار ۽ ايران ۽ عربستان جي جهنگن ۾، ايشيا جي وچن ۽ ڏکڻ پاسي ٻين ملڪن ۾، هيءُ جانور رهي ٿو. سَروَ جي مُند جي پڇاڙيءَ ۾ هزارين گڏه خراسان ۽ تاتار کان هندستان ڏي وِڪري لاءِ ايندا آهن؛ ۽ اُنهن مان گهڻا ڪڇ ۽ گجرات ڏي ۾ وڪامڻ لاءِ ويندا آهن. ڏکڻ آميريڪا جي جهنگن ۾ گهڻائي گڏه ڏسبا آهن، سي پاليل گڏهہ جي ٻچي ويا آهن، تنهجو اولاد آهن.

گڏه ۽ گهوڙي جي بت ۾ رڳو ايترو فرق آهي، ته گڏه جا

شڪل ڪن ڊگها آهن، ۽ ڪنڌ جا وار ننڍا آهن، ۽ پڇ جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ ننڍو وارن جو ڇڳو ٿيندو اٿس. پاليل گڏه ڏسڻ ۾ بي ڊولو آهي، پر جهنگلي ڊولائتو ٿيندو آهي، ۽ اُن تي پشم جهڙا ڪنڊرا ۽ چار چار آڱر ڊگها وار ٿيندا آهن. اُنجا وار رڳي جهڙي رنگ جا ٿيندا آهن. هتي جا گڏه سو وڏيءَ ٻڪريءَ کان گهٽ وڏا نہ آهن؛ پر اسپين جا گڏه ايراني گهوڙن جيڏا، اندازسٽ گرانٺي قد جا ٿيندا آهن؛ ۽ اُتي جهڙا گڏه سچيءَ ڌرتيءَ تي ڪٿي بہ ڪين ملندا آهن؛ اهي هزار رپئين بہ ڪڏهين ڪڏهين وڪامندا آهن.

گڻ گڏه سياڻو جو ڏاڍو غريب ٿيندو آهي؛ خراب ريت سان پالجڻ ڪري نٺر ٿيندو آهي. مصر جا گڏه غريب ۽ چالاڪ ۽ مانيٽا ٿيندا آهن، ۽ هو ٿوريءَ ڪاڏي تي راضي رهندا آهن. جيڪڏهن گڏه جو ڌڻي هنکي چڱيءَ طرح پاليندو آهي، تہ گڏه جي اُن سان گهڻي پريت رهندي آهي. هنجي هيڻگ نہ وڻندي آهي. هو گهوڙي جهڙو تکو آهي.

ريت جهنگلي گڏهن جي ولر ۾ جهنگلي گهوڙن وانگر هڪڙو سردار رهندو آهي؛ ۽ جڏهن ڪو جهليندڙ اُنهنکي ونڻ اچي، تہ پهرائين اُنهنجو سردار ٿورو پري وڃي، جهليندڙ کي ڏسي؛ وري اچي اُنهن سان گڏ جي؛ پوءِ هو سڀيئي يڪدم ڀڄي وڃن. هيءُ جانور حواسن جو تيز آهي؛ تنهنڪري هنکي وٺي ڪو نہ سگهي. گڏهن کي اڪثر پنجوڙن ۾ وٺندا آهن.

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT GOVT. OF SINDH SINDH ARCHIVES

ڄهنگلي گڏهن کي گهوڙن سان پٽي ڏئي ڪين. گڏه بہ گهوڙي وانگر نمد ٿوري کمد و آهي. گڏه گاه ڪائڻ جو ٽڪڙو آهي،

ڪاڌو ۽ آلي سڪي جي نظر ڪانہ ڪري، باقي پيڻ لاءِ پاڻي سو صفا گهرجيس.

گڏهہ جي نرڦرکي "کودڙو"، ۽ مادي کي "کودڙي" چوندا آهن؛ ۽ هوءَ پنهنجي ڦرکي ڏاڍو پيار ڪندي آهي. گڏهہ جي عمر

ڦر پنجويهہ يا ٽيهہ سال ٿيندي آهي، ۽ اُوءَ ڏندن مان سمجهبي آهي. اُنکي جوان ٿيڻ لاءِ چار ورهہ گهرجن. گڏه سنڌ ۾ خسيس بار ڍوئڻ لاءِ ڪم ۾ ايندو آهي؛ جئن ڪٽين جا ڪپڙا،

فائدا باغائن جا ميوا ۽ ڀاڄي، ۽ مهاڻن جي مڇي، ۽ گاهين جو گاه، مٽيءَرن جي مٽي، ۽ پيا بہ اهڙي قسم جا بار ڍوئيندو آهي. ايران جا گڏه وڏا ٿيندا آهن؛ اُهي سواريءَ لاءِ ڪم ايندا آهن، ۽ گاڏين ۾ پڌبا آهن. هڪڙي پيري عربي ست گڏه مدراس ۾ آيا هوا، سي سڀ رنگ جا اڇا ۽ اتکل پنج گرانڊي ۽ ڌن جا هوا. اُنهنکي گاڏي ڪاهڻ سيکاري هوا؟. سپين ۾ گڏه گهوڙي جو ڪم ڪندا آهن. گهوڙي ڪان بہ تڪرن يا ڏُکئي رستي ۾ وڃڻ لاءِ هننجو بت وڌيڪ جوڳو آهي. ڪڏهن ڪڏهن گڏهن کي درہ ڪاهيندا آهن. اُنجو چم سخت آهي. اُنجي چم مان دهل، نقارا ۽ جتيءَ جڙنديءَ آهن. ڄهنگلي گڏهن جو ماس تاتار جي ماڻهن کي وڻندو آهي. گڏه جو کير گهڻن مرضن لاءِ دوا آهي؛

بدماشي ۽ سلهہ لاءِ بہ چڱو آهي ۽ ڪي ڪي ماڻهو نديُن ٻارن کي ڌوڙ لاءِ گڏ ڪري جوڪير پيار ڪندا آهن.

سبق سترهون.

ڪُڪڙي خلاصي ۽ پکين جي ڳالهہ.

گهڻن ورهن کان اڳي جڏهن فرانس ۽ انگلنڊ جي وچہ ويڙهہ هلندڙ هئي، تڏهن سپاهي ٻوڙي خلاصي اڪثر پيا قيد ٿيندا هوا. انهيءَ طرح هڪڙو انگريزي خلاصي ڪيترائي سال ڪنهن فرينچ ترنگ ۾ بند هو؛ پر جڏهن صلح ٿيو، تڏهن قيد مان ڇُٽو.

لنڊن ڏي موٽي آيو، تنهنڪان پوءِ ڪنهن ڏينهن ٿيمس نديءَ جي هڪ پل تان لنگهيندي ڏٺائين تہ هڪڙو ماڻهو پکين کي پڃري ۾ وجهي وڪڻڻ لاءِ ويٺو آهي.

اُن خلاصيءَ کي قيد ۾ گهڻا سال تائين گذارڻ جي پنهنجي ڳالهہ ياد آئي، سو هُو اها ڳالهہ ڏسي سهي ڪين سگهيو، تہ هي ويچارا ننڍڙا پکي انهيءَ طرح بند ۾ رهن ۽ تنهنڪري هن ڇا ڪيو، جو سڄو پڃرو پکين سوڌو ڪڍي خريد ڪيائين. هن ماڻهو کي اهو عجب لڳي ويو تہ هيترا سڀ پکي هو الائي ڇا ڪندو!

خلاصي انهن پکين کي گهر کڻي ڪين ويو، پر اُتيجو اُتي پڃري جو دروازو پٽي هڪ هڪ پکيءَ کي ٻاهر ڪڍندو اُڏائيندو ويو!

اهو حال ڏسي پکين وڪڻندڙ کي عجب لڳي ويو. هُو اُن خلاصيءَ کي اهڙي مورکائيءَ جهڙي ڪم ڪرڻ تان چيڙائڻ لڳو

پرهن خلاصيءَ رڳو ٻئي ڪيو؛ ۽ پکين کي هڪ ٻئي پٺيان ويو ڇڏيندو، جيسين سڀئي اُڏامي ويا.

تنهن کان پوءِ اُن خلاصيءَ پکين وڪڻندڙ کي اها ورندي ڏني ته "سائين منهنجا، جيڪڏهن توهان به مون وانگيان گهڻي مدت تائين بند ۾ رهيو هجين ها، ته جيڪر انهيءَ طرح پکين کي آزاد ٿيندو ڏسي توهان به مون وانگر پرسن ٿيون ها."

هڪڙا ٻه ڇوڪر، جي اُن خلاصيءَ جي پرسان بيٺا هوا، تن جڏهن اُنکي ويندو ڏٺو، تڏهن وڏي خوشيءَ کان تاڙيون وڄايائون؛ تنهن تي اُن خلاصيءَ پٺ تي نهاري گهڻي آنند ۾ پرجي اُنهن ڇوڪرن کي جس چئي.

پوءِ اُهي ڇوڪر اُتان هليا ويا، ۽ اُن خلاصيءَ جي هُنري پچ جهڙي ڪم جي ڳالهه وڃي اُهن کي ٻڌايا، ۽ اُنجي گهڻي واکاڻ ڪيائون.

سبق ارڙهون.

مرون جي نُئڙت.

هڪڙي جابلو ڏيهه ۾ گهڻيون ٻڪريون هونديون هيون. هنن منجهان هڪڙيءَ ٻڪريءَ پنهنجي مٺن سر هڪڙيءَ ٽڪريءَ تي بيٺي چرندي؛ تان جو هوءِ هڪڙيءَ مٿاهين ۽ اوکيءَ چاڙهيءَ واريءَ ٽڪريءَ تي وڃي پهتي؛ ۽ اُتاهين جو هڪڙو ٻيچارو اُنهيءَ ٽڪريءَ جي پاسي کان تي ويو. تنهن پيڇري ڏي ٻڪري هاڻ لڳي؛ پر جڏهن هوءِ ٻيچاري کان هڪڙيءَ وراڪي ڏي ڦري تي، تڏهن پنهنجي سامهون ساڳئي پيڇري تي هڪڙي ٻي ٻڪري ايندي ڏٺي؛ تڏهن هو

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

ٻئي ٻچڙي ھڪ ٻئي ڏي ڏسڻ لڳيون. پيچرو اھڙو سوڙھو ھو، جو ھڪڙي ٻڪري مس لنگھي سگھي؛ ۽ جي ھو ھڪ ٻئي کي لتاڙي لنگھين ھا، تہ ضرور ھڪڙي يا ٻئي ٻڪريءَ جبل تان ڪري پرزا پرزا ٿي پون ھا؛ ۽ نڪي پٺ تي ورڻ لاءِ جاءِ ھين. انھيءَ وچ ۾ ھڪڙو ماڻھو، جو ٽڪريءَ ھيٺان لنگھيو ٿي، تنھن ھنن کي ڏٺو، ۽ ھڪڙي وڃي ڳوٺ مان پنھنجي پاڙي وارن کي، عجيب رونشي ڏسڻ لاءِ، ڊوڙي سڏي آيو. ماڻھن جي جماعتون ھنن ٻنھي ٻڪرين کي ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيون ھيون. نيٺ ھڪڙي ٻڪري گھڻيءَ سنڀال سان انھيءَ ھنڌ، پيرين ھڪڙي تنگ ڊگھي ڪري، ۽ ٻوءِ ٻي ڪري ٽڪريءَ کي چنبڙي، سمھي پيئي؛ ٻي ٻڪري ھنجي مٿان خبرداريءَ سان لنگھي ٻئي پاسي ويئي. تڏھن ھوءَ ٻڪري جھڙيءَ خبرداريءَ سان سمھي ھئي، تھڙيءَ خبرداريءَ سان ھوريان ھوريان اُٿي، ۽ ٻئي سلامت پنھنجو پنھنجو رستو وٺي ھليون ويون. ماڻھو اھو تماشو ڏسي ڏاڍا سرھا ٿيا، ۽ تاڙيون وڄائڻ لڳا. تڏھن ھڪڙي پيريءَ مڙس، ڳوٺ جي وڏيري، سڀني کي سڏي چيو "ھيءُ تماشو اجايو نہ سمجھجو؛ جيڪڏھن ھڪڙي نہ ليٽي ھا، ۽ ٻئي کي واٽ نہ ڏئي ھا، تہ جيڪر ٻنھي ٻکر سان مري وڃن ھا، ۽ شاباس آھي اُن پيرينءَ ٻڪريءَ کي، جنھن پاڻ تي ليٽي پوڻ قبول ڪيو، ۽ ٻئي کي واٽ ڏني." ڇوڪرن کي گھرجي تہ انھيءَ ٻڪريءَ وانگر نئڙت ڪن، ڇو جو نئڙت وارو ماڻھو سڀني کي وڻندو آھي.

سبق اُوڻيھون.

ڳنڍو ۽ ڍڳو.

ھي جانور اوڳاريندڙ جانورن مان آھن. جتي جتي دنيا ۾

ماڻهو گهر ٻار ڪيو ويٺا آهن، اُتي هي جانور ڏسڻ ۾ ٿا اچن.
آفريڪا کنڊ ۾ ڪيپ آو گڊ هوپ جي اُتر پاسي وارن ملڪن
۾ گهڻي وڏي ڳنڊئون ٿينديون آهن، ۽ تبيت ۾ هڪڙي قسم جي
جهنگلي ڳنڊئون آهن. هيءُ جانور ٻت ۾ ٽُلهو ٿيندو آهي؛ هنکي ٻه
سڱ ٿيندا آهن، ۽ سندس ڳچي هيٺان هڪڙو ڏگهو ۽ ٿلهو چمڙو
لٽڪندو آهي. سندس پڇ ڏگهو ٿيندو آهي، ۽ اُنجي چيڙهه
وارنجو مُڇو ٿيندو آهي. هنجي کُرن ۾ ٻه ڦاڪون ٿينديون آهن.
ڪن ڪن کي ڪُلهي تي ماس جو ڳوڙهو ٿيندو آهي، اُنکي
"ڪوهان" چوندا آهن. ڳنڊئون ۽ ڏڳا انيڪ رنگن جا ٿيندا آهن.
هيءُ جانور غريب سڀاءَ جو ٿيندو آهي؛ پاليل ڏڳو ڌڻي جي تابع
۾ رهندو آهي، ۽ دل سان ڪم ڪندو آهي. ڏڳو ڳچپتاءَ
ڊوڙي ڪين سگهندو آهي. ڳئو ۽ ڏڳي جي آواز کي "رنڀ"
سڏيندا آهن. ڳئو ۽ ڏڳو سڱن سان وڙهندا آهن. هنن جانورن
کي پنهنجي ٿلهائپ ۽ ڳورائي کان جهل تي رهڻ مشڪل ٿئي ٿو،
۽ جهنگ ۾ هڪ ٻئي جي بچاءَ واسطي پاڻ ۾ ڳڏجي ڌڻ تي رهندا آهن.
ڳنڊئون ۽ ڏڳا گاهه تي گذران ڪندا آهن. ڳئو کي سندس کير
وڌائڻ لاءِ چٽا، ڇُڏو ۽ کڙ کارائيندا آهن. ڳنڊئون ۽ ڏڳا پاڻي
پيئڻ مهل اچي ۽ ميري جي خبرئي ڪانه ڪن. ڳئو جي نر ڦرکي
"گابو"، ۽ مادي کي "گابي" چوندا آهن. ڳئو جو ڦر جمڻ سان
هوشيار ٿو ٿئي، ۽ گهوڙي جي ڦر وانگر ماءُ پٺيان ڊُڪي ٿو. اُهو
جيڪي وڏي، سو ٽن ورهن ۾، پوءِ ٻس. سندس عمر اٽڪل چوڏهن

وره ٿيندي آهي، جنهنجي خبرسندس ڏندن ۽ سڱن مان پوندي آهي.
ڀهرين سندس ڏند اڇا ۽ سڌوان ٿيندا آهن، ۽ جڏهن هيءُ جانور وڏندو
ويندو آهي، تڏهن هن جا ڏند ڀر ڪارا ۽ ڏنگا ٿيندا ويندا آهن.
هيءُ جانور جڏهين ٽن ورهن جو ٿئي ٿو، تڏهين سندس
سڱن جي مٿ جي چمڙي نڪربو ٿي وڃي ۽ پوءِ اُن تي وره وره ڀر
مُنڍيءَ وانگر ورو چڙهندو ويندو آهي، ۽ اُن مان عمر جي خبر
پوندي آهي. ڏڳو ماڻهوءَ جي گهڻي ڪم ۾ ايندو آهي، ۽ اُهو هر
۽ نار ۾ وَهندو آهي، ۽ هنڪي بار ۽ سواريءَ جي گاڏين ۾ ٻڌندا آهن.
پرڏڳي ڪان گانءِ گهڻي ڪمائتي آهي: هوءَ روز ڀر ٻيرا کير ڏيندي
آهي، جو ماڻهوءَ لاءِ ضروري رائتي شي آهي. هيءُ جانور مُئي ڀر گهڻو
ڪم ۾ ايندو آهي: اُنجي چم مان گاڏيءَ جي گهوڙي جو سامان ۽
زين ۽ جتيءَ ۽ دبا ۽ ٻيءُ شيءُ جوڙيندا آهن. ڦڻيون ۽ ڪپن جون
مُنيون سندس سڱن مان جوڙنديون آهن.

سبق وڌهون.

راجپوتڻ جي همت.

راجپوتن جي زالون ڏاڍيءَ زوريءَ ۽ همت واريءَ ٿينديءَ آهن:
اُنهن تي جيڪڏهن ڪا اهنجي آفت اچي پوي، تہ
ڏڄنديءَ ڪين، ۽ اُنهيءَ مهل پنهنجي هوش ۽ همت کي هٿان نہ
ڇڏينديءَ آهن. اُنهنجا مڙس ٻاهر پورهي تي وڃن، تہ اُهي زالون
اُنهنجي ماني گهران کڻي، اُنهنکي اُتي وڃي پهچائي ڏينديءَ آهن ۽
۽ وات ۾ رڇ ٻت يا جبل يا جهنگ جي مرن کان ڏوئي ڪو نہ

SINDH ARCHIVES CULTURE TOURISM ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT GOVT. OF SINDH

ٿيئين. هڪڙي ڏونگر جي ڪڇي ۾ هڪڙو گهاٽو جهنگ هو،
تنهن جهنگ منجهان هڪڙي راجپوتڻ پنهنجي مڙس جي ماني
کڻي هلي ٿي ويئي؛ ايتري ۾ هن زال هڪڙو رڇ پوڻ پيرن تي
ڏاڍي ڏول سان لُڏندو لمندو پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺو، جو ڄڻڪ
سندس ڦاهيءَ ۾ ڪو شڪار ڦاٿو هو، جنهن جي کائڻ لاءِ آيو ٿي.
تڏهن اوءَ زال دل ۾ چوڻ لڳي "ناچاڪان ته هيءُ رڇ مانيءَ کائڻ
جي لالچ تي آيو آهي، يا منهنجي ٿلهي ماس جي لالچ تي."
اهڙي ڀؤ ۾ پنهنجي ترت وڃي هڪڙي وڏي وڻ جي ٽار ۾ ويٺي؛
رڇ به ايندڙي شرط چڙهڻ لاءِ پٺيان پيس؛ جڏهن هوءَ پئي وڻ جي
چوڏاري ڦڙي، تڏهن رڇ به ڦڙيو. نيٺ هن هڪڙي اهڙي هٽ
ويڙهائي، جو ويريءَ کي به ماريائين، ۽ پاڻ به بچايائين؛ يعني اڳاهين
کي چڙهڻ لاءِ رڇ اڳيون ٻئي ٽنگون وڻ جي ٻنهي پاسن کان ڏکيءَ
ڪيءَ، ته ايتري ۾ زال ڦرتائي ڪري رڇ جون ٻئي ٽنگون اهڙي
زور سان جهلي ويٺي، جو اُنجي آهنج ڪان رڇ ڏاڍيءَ رڙيءَ ڪيءَ،
۽ هنجي هٿن کي ڇڪ پائڻ لاءِ هن گهڻيئي وس هلايا، پر هنجي
ڳاڇيءَ جو ننڍي ٿيندي ڪانهي، تنهنڪري هنجو وات هنجي هٿن
سوڌو پهتوئي ڪين؛ اِنهيءَ طرح هن ٻنهين جي پاڻ ۾ ڇتا پيئي
پئي هلي. ايتري ۾ هڪڙو پرديسي سپاهي اچي اُتان هون لانگهائو
ٿيو، تنهنکي هن زال نهر سان سڏ ڪري چيو ته "سپاهي سائين،
تون هيڏيءَ آءُ؛ ٿورڙي دير تاءِ اچي هنجيءَ ٽنگون جهل، ته آءٌ
ڪنهن ٻي ماڻهوءَ کي سڏي وٺان." هن زال جي اهڙي نهر واري
ڳالهائڻ ڪري هن سپاهيءَ کي ايترو ڪين معلوم ٿيو، ته ڪا

آفت آهي. سپاهي رڇ جون ٽنگون جهلي بيٺو، ۽ هوءَ زال پنهنجي وات وٺي هلڻ لڳي. اڃا هيءَ اُنهين هنڌ کان ڏهه ويهه وکون پري ڪين ويئي، ته سپاهيءَ هن کي واڪو ڪري چيو ته "اومائي، سگهو موٽ، مونکا رڇ جهليو نٿو ٿئي." تڏهين زال هنکي ورندي ڏني ته "همت نه ڇڏ، ڏاڍو جهلي بيهنس، ۽ مونکي آيو ڄاڻ." زال ايترو چوندي ڊوڙندي ويئي، ۽ وڃي پنهنجي مڙس کي وٺي آئي. هن پنهنجي بندوق سان اُن هنيلي رڇ کي ماري وڌو، تڏهن هن ويچاري سپاهيءَ کي ساهه پيٽ ۾ پيو.

سبق ايڪيهون.

ڪوڙ.

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES GOVT OF SINDH

هڪڙو ڇوڪر، جو پنهنجي ڍڳا چاريندو هو، سو هميشه مِڪر ڪري "شينهن، شينهن" ڪري رڙيون ڪندو هو، ۽ اُنجي رڙين تي جڏهن ماڻهو ترارون، بندوقون کڻي ايندا هئا، تڏهن اُنهن تي ٺٺي ڪندو هو، ۽ چوندو هو ته "شينهن ڪونهي، مون چرچو ٿي ڪيو." هڪڙو ڏينهن اهڙو ٿيو، جو سچ پچ شينهن اچي نڪتو؛ پوءِ جنهن مهل هن "شينهن، شينهن" ڪري دانهون ڪيون، تنهن مهل ماڻهن چيو ته "اسين هنجي لاءِ ڪين وينداسون، هيءُ هميشه چرچا ٿو ڪري." شينهن کي به اچي لڳي ساڃهه، تنهن سڀ ڍڳا ماري ڇڏيا. دستور آهي ته جو ماڻهو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، تنهنجي ڳالهه سچي به ڪوڙي پيئي معلوم ٿيندي آهي؛ ڪوڙ جي ايتري پت آهي.

بيت

سيئي سوره سنڀار، جن رتيءَ ڪوڙن چت،
پاڻ اگهيئي سُپتيا، پر ڏين آڏاين مت،
ڪُوڙ، ڪُساڪر، ڪُپت، ڪوري ڪيڏن قلب مان.

سبق ٻاويهون.

باداميءَ جو وڻ.

وڻن جا ڦر، جي ڪاٺ ۾ اچن ٿا، تن مان ڪي اهڙا آهن، جو پڪي ڪان پوءِ جيڪڏهن ٻه چار ڏينهن رکجن، ته ٻرجهي باس ڪري ڪما ٿي وڃن، ۽ ڪاٺ ۾ نه اچن. ڪي وري اهڙا آهن، جو لذتي تڏهن ڪن، جڏهن پڪي ڪان پوءِ ڪي ڏينهن سانيجن. بادامي هن پوئين قسم مان آهي. باداميءَ جو وڻ وڏو ٿيندو آهي، ۽ جهجهو ڦر ڏيندو آهي. يورپ کنڊ ۾ فرانس، سپين، اٽالي، انهن ڏيهن منجهه، ۽ ايشيا کنڊ ۾ اراڪان، ايران، مسقط، مڪو، مديني، انهن هنڌن ۾ باداميءَ گهڻيون ٿينديون آهن. انهن مٿين هنڌن کان باداميون هندستان ۾ اينديون آهن. بادامين ۾ ڪي ڪڙيون، ڪي مٺيون ٿينديون آهن. هن وڻ کي چيٽ ۽ آکاڙ، انهن مهنن جي ويڇوٽائيءَ ۾ ٻور ٿيندو آهي: ۽ اسو، ڪتي، انهن مهنن ۾ هنن جا ڦل پچي تيار ٿيندا آهن. هن جو ڦل تيار ٿي رهي، تنهن کان پوءِ، هن جو ڦڏ نڌي زيتون جيڏو ٿيندو آهي. هنجي مٿين کل ٿورڙي ڳاڙهي ٿيندي آهي، ۽ اوءِ ڪاٺ ۾ ٿوري اُگري لڳندي آهي. پوءِ اهي باداميون ٿارين مان ڇڻي سُڪائيندا آهن،

۽ ڄمي وڃن سگهنديون، تن وڃن سواد مٺا ٿينديون. هن ملڪ ۾ باداميءَ جو وڻ ڪين ٿو لڳي، ائين نه آهي، پر اصلي باداميون جهڙيون تنهنجي باداميون ٿينديون ڪين ٿيون. هي وڻ سگهو وڌندو آهي ۽ تنهنجي ڇانو چڱي ٿيندي آهي. باداميون مان جو تيل نڪرندو آهي، تنهنکي "بادام روغن" ڪري سڏيندا آهن. هي روغن دوائن ۾ ڪم ايندو آهي. بادامي زور آڻيندڙ آهي، انهين ڪري هيٺا ماڻهو ۽ امير باداميون کائيندا آهن، انهين لاءِ ته زور ٿئين. ڪوڙين باداميون جو تيل دوائن ۾ ڪمائبو آهي.

سورت شهر ۾ ڪوڏين جي بدران ناڻي وانگيان ڪوڙيون باداميون هلنديون آهن. ڪي ماڻهو باداميون جي کل ساڙي، تنهنجي رک ڏندن کي لائيندا آهن، انهيءَ ڪري انهن جا ڏند اڇا ۽ ڏاڍا ٿيندا آهن. باداميون جو هڪڙو قسم قندار کان ايندو آهي، جنهنکي "ڪاغذي باداميون" ڪري سڏيندا آهن ۽ اهي نبيڙيءَ ڪوڏيءَ جهڙيون ٿينديون آهن ۽ ڏندن جي وچ ۾ رکي ٿورو زور ڏجين، ته ڀڄي پون.

سبق ٽيويهون.

اُٺ.

اُٺ پهرياهين عربستان جي ملڪ ۾ هوندو هو، پوءِ اُتاهون ايشيا ۽ افريڪا کنڊ ۾ پکڙجي ويو. اُٺ ڏسڻ ۾ هڪڙو عجب طرح جو جانور آهي، جو تمام ڊگهو ٿيندو آهي: اُنجي هٿ تي ٿوهڙ ٿيندو آهي، ۽ تنهنجي ڳچي ڊگهي ۽ مٿو ننڍو آهي ۽ جنهنجو پيچ سنڌس هٿ آهر

ننڍو ۽ ٿورن وارن وارو آهي ۽ هن جي گوڏن تي هڪڙي سخت چمڙيءَ جو ڍڪ آهي، انهيءَ لاءِ ته هن کي اُٺ وهڻ ۾ ايذاءُ نه اچي. هن جا چپ هلڻ مهل لُڏندا آهن. هن جو کير ۽ ٻن ماڻهن لاءِ عام ڪارج آهي. ۽ هن جو گوشت به سڀ مسلمان کائيندا آهن. هن جا وار، جي ٻارهين ٻارهين مهيني اونهاري ۾ ڪتريندا آهن، تن مان ڪپڙا جو ٺيندا آهن. هو سواريءَ لاءِ، ۽ بار ڍوئڻ، ۽ نار ڪاهڻ لاءِ گهڻو ڪم ۾ ايندو آهي ۽ جئن گهوڙي کي وات ۾ لگام وجهندا آهن، تئن اُٺ کي نڪ ۾ سوراخ ڪري، تنهن ۾ هڪڙي ڪاٺ جي ناڪيلي وجهي، تنهن سان ڏوري ٻڌندا آهن ۽ جنهن کي "مهار" چوندا آهن. هن جي پٺيءَ تي هڪڙو ٿپڙ وجهي مٿس ٽڙين سان پاکڙو، جنهن ۾ ان ماڻهن جي وهڻ جي جاءِ هوندي آهي، سو رکي، اُن کي تنگ ۽ گورٻند سان سوگهو ڪندا آهن. تکي هلندڙ يا سواريءَ جي اُٺ کي "مَهَري" چوندا آهن. وڏو اُٺ ست آٺ مڻ بار جا کڻي سگهندو آهي، ۽ واريءَ سڃي زمين تي هو ڏاڍو تکڙو هلندو آهي، ۽ ٿرن ۽ برن ۾ هو ڏاڍيءَ مسافريءَ ڪندو آهي، جي جيڪر گهوڙي يا ڪنهن ٻئي جانور کان ڪڏهين ڪين ٿي سگهن ۽ جئن ته هو پاڻي ۽ کاڌي ڌاران ڪيترائي ڏينهن گذاري سگهي ٿو، تنهن ڪري هن کي "سُڪيءَ جو ٻيڙو" چوندا آهن ۽ جاڪاڻ جو دريائي مسافريءَ ۾ جهاز، ۽ خشڪيءَ تي اُٺ ڪمائتا آهن. اُٺ اوڳاريندو آهي. هو گهڻو ڪري پاڻيءَ کان ڊڄندو آهي ۽ جڏهن ڪڏهن ڏاڍيءَ مار جي ڳالهه وچ ۾ ايندي آهي، تڏهن پهاڪي وانگيان چوندا آهن ته "ايڏي مار کائيندين، جيڏي اُٺ کائي پتڻ تي." هو ٿوريءَ

CULTURE TOURISM ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPT. SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

پاڻيءَ ۾ ترڪي پوي، ڇو ته هنجي پيرن جون ترئيون ڏاڍيون لسيون آهن. اُن کي ڪنڌي واري وڻ ڪاٺ سان گهڻي ٻوندي آهي، ۽ هو هلندي هلندي ڇڪ هڻندو ڪاٺيندو وڃي. وڏي رڻ پٽ ۾ گهڻن ڏينهن سوڌو مسافري ڪرڻ ۾ جڏهن هنجو ڪاٺ پيٽ نه ٿيندو آهي، تڏهن هنجو ٿوهو لهي نديو ٿيندو آهي؛ ڇاڪاڻ جو اُنمان ڇربي سسي ويندي آهي. اُٺ غريب ۽ حڪم مڃيندڙ جانور آهي. جيڪڏهن مٿس گهڻو بار وجهبو آهي، ته ڪڏهن ڪڏهن هو رڙندو آهي. اُٺ جي ڦرڪي "گوڏِرو" چوندا آهن. ٻن ورهن جي اُٺ کي "ڀِهاڻ" چوندا آهن، ۽ ٽن ورهن جي اُٺ کي "ٿِهاڻ" ۽ چئن ورهن جي اُٺ کي "ڇَٽ" چوندا آهن. ٻئڪتريا جي ملڪ ۾ ٻن ٿُوهن وارا اُٺ ٿيندا آهن، جن کي "ٻختي" ڪري سڏيندا آهن.

سبق چوڏهون.

آجايو خيال نه ڪر.

هڪڙي ماڻهوءَ گيهه جو دلو بازار مان ناڻي تي ڳڌو، ۽ ڪنهن پورهيت کي چار آنا ڏاسي مٿي تي کڻائي گهر ڏي هليو. رستي ۾ هلندي هلندي، اُو مزور پنهنجي من ۾ ويچار ڪرڻ لڳو ته "مونکي هيئنر جي مزوريءَ جا چار آنا ملندا، تن جي وڃي ڪُڪڙ ڳنهندس، ۽ اُنهن ٿورن ڏينهن کان پوءِ جي ٻچا ڏيندي، سي وڪڻي هڪڙي ڳڏو ڳنهندس، ۽ صبح ۽ سانجهيءَ، ٻنهين ويلن جي کير جو ڏوڏيءَ سان مهنو ٻڌندس؛ آهي ۾ البته ڏه يا ٻارهن روپيا ته

ٿيندائي ٿيندا، ۽ ٻيو ڳاٻا ڳاٻڻ جي ٿيندا، سي وڪڻي ناڻو ڪندس؛ تان جو گهڻو واپار ڪندي ڪندي، ڏن مون وٽ اچي گڏُ ٿيندو، ۽ گهڻي ڏاج سان وڏي هڪڙي شاهوڪار جي ڌيءُ پرڻبس؛ ۽ نيٺ ٻار ٻچا ٿيندم. پوءِ ڪنهن مهل پٽ اچي چوندو ته ’ بابا ڪائڻ جي مهل ٿي آهي، هلي ڪاءِ‘. آءٌ سر ڌوڻي چوندس ته مان نٿو اچان.“ اُنهين اجائي ويچارن ۾ هو اهڙو محو ٿي ويو هو، جو ڀانياءِ ته ”سچ پچ پٽ اچي مونکي ماني ڪائڻ ڪوٺيو آهي.“ تنهن جو مٿو ڌوڻيو، ته اُمالڪ گهڙو پٽ تي ڪِري ڀڄي ڀورا ڀورا ٿي پيو، ۽ گڏ ڏرتيءَ تي ريلا ٿي وهي هليو. تڏهن گهڙيءَ جي مالڪ هنکي تمام ڏاڍي مار ڏني، ۽ چيائينس ته ”بيوقوف، منهنجو گڏ جو دلو ڀڃي وڌءِ“، تڏهن مزور چيو ته ”سائين تنهنجو ته رڳو پنجين ستين رپين جو گهڙو زيان ٿيو، پر منهنجو ته گهر ٻار ڦٽي ويو، جو لکن ڏجي، ته به نه ملي“.

اجاين ۽ ڪوڙن خيالن پچائڻ واري ماڻهوءَ جو نيٺ اهو حال ٿئي ٿو؛ تنهنڪري سمجهوءَ ماڻهوءَ کي کپي ته اهڙا اجايا خيال نه ڪري.

سبق پنجويهون.

بگهڙ.

بگهڙ، ٻاهرئين ڍُول ڪري، توڙي اندرين شڪل ڪري سُڌ پُڌ ڪتي جهڙو آهي؛ پر هنبر ڪتي جهڙو وفادار ۽ ڪمائتو، لِڇڻ ڪو ڪو نه آهي. هو ڪتي کان ٿورو وڏيرو ٿيندو آهي. هنکي ٻت تي ڳچ ڄيترا ڪڙا وار ٿيندا آهن. هنجي ڳچي اهڙي مضبوط آهي،

جو ڏاڍن مان ٻڪرين کي وات ۾ وجهي ڊوڙندو اهڙو تکو ٿيو ويندو آهي،
جو تازي ڪتو به نه پهچيس؛ ۽ وري هن ٻڪريءَ جو انگ به ڌرتيءَ
سان نه لڳي. بگهڙ کان انهيءَ شڪار ڪرڻ ڪاڻ ڪتي کان سواءِ
ٻيءَ ڪنهن کي وِت نه آهي، تنهنڪري هن کان سداءِ ڪو ڀيو
کائيندو آهي؛ ۽ هو ماڻهوءَ جو وڏو ويري آهي. جن ڏيهن ۾ بگهڙ
گهڻا ٿيندا آهن، اُتي جبلن يا ٻيلن مان اُنهنجون ٽولين جون ٽوليون
پنهنجي شڪار ڳولڻ لاءِ نڪري ٻاهر اينديون آهن؛ ۽ ڳوٺن ۾ گهڙي
رڍون، ڇيلا، سوئر، ڳابا، ٻالڪ ڪتا به ڪٽي ڀڃي ويندا آهن.
گهرو پاليلن جانورن مان فقط گهوڙا ۽ ڍڳا اُنهن تي حملو ڪندا آهن؛
پر جڏهن بگهڙ اچي گهڻا ٿيندا آهن، ۽ هڪ ٻيءَ پٺيان ڪاهه
ڪندا آهن، تڏهن نيٺ هو به هٽي ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن
ماڻهن تي به ڪاهه ڪري هنن کي ماري وجهندا آهن. سياري ۾
جڏهن ڪن ڏيهن ۾ برف پوندي آهي، ۽ اُتي ڪاڄ تمام اهنجو
ملندو آهي، تڏهن اُتي گهڻو ڪري بگهڙ تمام هيبت واريون ڪاهون
ڪندا آهن. يورپ، ايشيا ۽ آمريڪا جي ڪن ڏيهن ۾ بگهڙ
رهندا آهن؛ پر يورپ ۾ هينئر تمام ٿورا آهن. اڳي انگريزن جي
ملڪ ۾ هي مرون ماڻهن کي ڏاڍو هلاڪ ڪندا هئا: تنهنڪري
زميندارن هيءَ شرط ڪيو، ته جيڪو سال بسال بگهڙن جون هيتريون
سسيون آڻي حاضر ڪندو تنهن کي هيتري زمين ملندي. ان ريت
هنن مرن جي انگريزن جي ملڪ مان پاڙئي پٽجي ويئي. اڳي
سنڌ ۾ به ڪي ڏينهن انگريز سرڪار اهڙو بندوبست ڪيو هو،
ته جيڪو بگهڙ جي سسي آڻي ڏيندو هو، تنهن کي ڪجهه انعام ملندو هو.

سبق چوٽيهون .

وڇون .

وڇون ماڻهوءَ کي ڏک ڏيندڙ هڪڙو ننڍو جيت آهي. ان جي ڊيگهه تمام وڏي، ته ٻه ٽي انچ، يعني ٨ آڱر مس ٿيندي آهي. گهڻو ڪري هن جو رنگ پيلو ٿيندو آهي، ۽ ڪي ڪي وڇون وڏا ۽ رنگ جا ڪارا ٿيندا آهن، جنکي "جبل يا ڪلر جا وڇون" ڪري سڏيندا آهن. وڇونءَ کي اٺ پير، ۽ ٻه مڇون، ۽ هڪڙي پڇڙي ڳُريدار ٿيندي آهي، ۽ پڇڙيءَ جي ڇيڙهه زهري ڏنگ ٿيندو آهي. هو پاهڻن جي هيٺان ۽ ٻين جي ٻرن ۽ ٻرڪن ۽ اونداهن هنڌن ۾، ۽ ڪِن ڪَچري ۽ ڪلراٺن هنڌن ۾ رهندا آهن. وڇون ڏاڍو تڪڙو ڊوڙي سگهندو آهي. هيءُ ڊوڙڻ مهل پنهنجي پڇ کي ڏِنگو ڪري، پٺ تي ورائي چڙهيندو آهي. جي ڪِنهن گڏ جيس، ته اُنکي پهرياءِ پنهنجن مُڇن سان وٺي، پوءِ ڏنگ هڻندو آهي، ته هو اُنهيءَ ساعت مري پوندو آهي. ٻئن جيتن سان وڙهڻ لاءِ ڏنگ هنکي گهڻو ڪم ايندو آهي. هنکي اکيون ڪاپار ۾ ٿينديون آهن، تنهنڪري هو سامهون ڏسي سگهيئي ڪين ٿو ان لاءِ جيڪا ڪا شَي واٽ ۾ گڏ جيس، تنهنکي ڏنگ هڻندو وڃي ٿو جي نر، ته هنجي ڏنگ ۾ ايتري وِڪُ آهي، جو جيڪر ماڻهو اُڦٽ ماري ڇڏي. هو هميشه اونهاري جي گرم ڏينهن ۾ رات جو ٻاهر نڪرندو آهي. وڇون ماڻهوءَ کي جي ڏنگيندو آهي، ته هنکي سڄو ڏينهن سور ۾ ڦٿڪائيندو آهي، ۽ گهڻا ماڻهو، خصوص

سنڌ ۾ سپ، اُنجي علاج لاءِ جهاڙون و جهائيندا آهن، پر اِهو ڳرو پرم آهي، ۽ اِهو علاج جن جي دفعي ۾ نہ آهي. ان لاءِ سُکيو ۽ چڱو علاج هيءُ آهي، جو جنهن هنڌ تي وڇون ڏنگي، اُنهيءَ هنڌ کي سٽت چوڙي چوڙي ٽُڪ ٻاهر ڦِٽي ڪجي؛ پر جي وات ۾ ڦرڙي يا ڦٽ هجي، يا وات ڦٽيل، يا اُنجي ڪل اُکڙيل هجي، تہ تڏهن چوپيندڙ کي اُتلندو وات ۾ ايذاءُ ٿيندو، ڇاڪاڻ جو زهر وچي رت سان گڏبو، تنهنڪري نقصان ٿيندو. ۽ بعضي ماٺهو ليمي يا واگڻ ۾ لوڻ وجهي ڏنگ جي جاءِ کي مهٽيندا آهن، تہ بہ ٿورو گهڻو آرام ايندو آهي. ٻيو بہ هڪڙو علاج آهي، پر اُهو خبرداريءَ سان ڪرڻ گهرجي: جتي ڏنگ لڳو هجي، اُتي ڦٽڪيءَ ذرو تپائي رکجي، تہ او چنبڙي پوندو، ۽ ٿوريءَ وير کان پوءِ زهر چوهي، پاڻيهي ڪِري پوندو. سپ ڏنگي، تنهنکي بہ جي سنڀال ڪري چوپجي، تہ فڪر نہ آهي.

سبق ستاويهون.

مينهن ۽ سان.

هيءُ جانور اِفريڪا کنڊ ۽ هندستان جي گرم پاڳن ۾ گهڻو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. يورپ ۾ هزار ورهن کان اڳي اهو جانور هوئي ڪو نہ؛ پوءِ اِٽاليءَ ۾ ڪنهن شخص اِهي جانور نيا، جن مان هيئر گهڻئي وڌي ويا آهن. اِفريڪا، هندستان، بورنيو ۽ ٻين ملڪن ۾ جهنگلي مينهون ۽ سانَ ڏسبا آهن. مينهن ڪيترين ڳالهين ۾ ڳانءِ جهڙي آهي، پر اُهڙي ڏولائتي نہ آهي. هنجو

متوڙو، ۽ آڪيون نديءَ، ۽ وات ويڪرو، ۽ سڱ ڪارا ۽ ويڪرا آهن، ۽ ڪنهن ڪنهن جا سڱ سنڌس بت ڪري وڏا آهن. جهنگلي سانَ جي شڪل پوائنتي آهي؛ سندس رنگ گهڻو ڪري ڪارو آهي، ۽ ڳاءِ جيترا وار بہ نہ اٿس. هيءَ جانور ڳاءِ کان گهڻو نِڊر آهي. هنکي ترڻ جو هنر اهڙو ياد آهي، جو وڏين وڏين ندين جي پار وڃي سگهي ٿو. هيءَ تمام ٿلهو ۽ ڳورو جانور آهي، تنهنجي ڪري مٿهن هيٺ ڪري، هوريان هوريان هلندو آهي، ۽ گهڻو ڏُڪي بہ ڪين سگهندو آهي. جهنگلي سانَ ۽ مينهون گهڻو ڪري پٽتل تي، يا پاڻيءَ جي ڍُنن تي رهنديون آهن؛ هو سڄا ڏينهن پاڻيءَ ۾ گذاريندي آهن؛ هنن کي سانوڻي ڏاڍي وڻندي آهي. جهنگلي سانَ ائفريڪا ۾ واتاڙن تي هلان ڪندا آهن، ۽ اُنهنکي ڪيرائي گوڏن سان لتاڙيندا آهن. سانن ۽ شينهن جي لڙائي گهڻائي ڀيرا ٻڌڻ ۾ آئي آهي، ۽ چوندا آهن تہ ٻہ سانَ شينهن جو مَٽُ آهن. هو گاه وغيره تي گذاريندا آهن. مينهن جي نر ڦر کي "پاڏو"، ۽ ماديءَ کي "وڇ" چوندا آهن. ڳاءِ ۽ مينهن جي عمر گهڻو ڪري هڪ جيتري آهي. هندستان ۾ غريب لوڪن لاءِ مينهن ڏاڍي ڪمائتي شَي آهي. هيءَ کير گهڻو ڏيندي آهي. پاڏن کي هر ڪاهڻ ۽ ڏولن ڇڪڻ، ۽ بار جي گاڏين ڪاهڻ جي ڪم ۾ لڳائيندا آهن. هنجي چمڙي ٿُلهي ۽ سخت ٿيندي آهي؛ اُنمان جتيءَ ۽ ٻيءَ گهڻيءَ شيون جوڙيندا آهن، ۽ اُنجي سڱن مان ڪيپن جا ڳن جوڙيندا آهن.

سبق اٺاويھون.

ڪنئي جو اڌ.

هڪڙو امير ماڻهو، جو سمنڊ جي ڪناري ڪان گھڻو پري پنهنجي محلات ۾ رهندو هو، تنهنکي هُئي پنهنجي شاديءَ جي مجلس ڪرڻي. هن جي مرضي هئي تہ اها وڏيءَ ڌام ڌوم سان ڪريان؛ تنهنڪري هر طرح جون کاڌي پيتي جون شيون آڻائي ڪنيون ڪياءِ: مگر مڇي پڙپي ڪا نہ سگهيس، ڇاڪاڻ تہ سمنڊ اُنهن ڏينهن ۾ ڏاڍو کُهرو هو.

ڏسو ڏڻيءَ جا رنگ، جو جنهن ڏينهن مجلس ٿڻي هئي، اُن ساڳئي ڏينهن اوچتو صبح جي پهر ۾ هڪڙو غريب مهاڻو هڪڙيءَ وڏيءَ مڇيءَ سان اُن امير ماڻهوءَ جي محلات ۾ اچي سهڙيو. سڄي محلات ۾ وڏو آنند ٿي ويو. مهاڻي کي مڇيءَ سوڌو جلد اُن شاندار ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويا، جتي هو امير مهمانن جي وچ ۾ ويٺو هو. امير مڇي ڏسندي چيو "ڀلي، مڇي تہ واہ جي آهي! اڙي مهاڻا، گُهر جيڪي هِن مڇيءَ لاءِ گُهرڻو هجيئي: جيڪي گُهرندين، سو ملندءِ. چَو، ڇا ٿو گهرين؟"

مهاڻي ورندي ڏني "سائين منهنجا، آءٌ هِن مڇيءَ لاءِ ناڻو اصلي ڪين وٺندس؛ هڪ پائي بہ نالي کي نہ. منهنجيءَ مڇيءَ جي قيمت آهي منهنجيءَ اُگهاڙيءَ پُٺيءَ تي برابر هڪ سَو چهبڪ! انهيءَ انداز مان آءٌ هڪڙو بہ گهٽ نہ ڪندس." اها ڳالهہ ٻڌي، امير کي توڙي سندس مهمانن کي ڏاڍو عجب لڳي ويو. هو سڀيئي اُن مهاڻي

ڪي گھٽوئي سمجھائين، پر هو پنهنجيءَ ڳالھ تان لهئي ڪين.
نيٺ امير چيو تہ "هن ڇرئي ڪي اڃي ڪو اهو پور پيو آهي؛ هاڻي
ڇا ڪجي؟ مڃي تہ اسانکي ضرور گھرجي، تنهنڪري بهتر
ائين آهي، جو ڪٺي اُنجي ڳالھ مڃجي." ائين چئي پنهنجي
ڪنهن نوڪر کي حڪم ڏنائين تہ "اسانجي روبرو هِنَ مهاڻي کي
اُگھاڙي پٺيءَ تي هڪ سَو چھبڪ آهستي هڻ." جڏهن
پنجاه ڇھبڪ لڳي رهيا، تڏهن مهاڻي واڪو ڪري چيو "بس، بس!
هن سَودي ۾ هڪڙو ڀائيوار بہ آهي، ۽ اِها ڳالھ واجبي آهي، جو
هنکي بہ سندس حصو ملي."

انهيءَ تي امير اچرج ۾ پئجي چوڻ لڳو "اڙي تو جهڙو بيو بہ
ڪو مورکہ هِن دنيا ۾ آهي ڇا؟ اُهو ڪير آهي؟ جلد اُنجو ڏس ڏي،
تہ اُنکي گھرائي وٺجي."

مهاڻي وراڻي ڏني "سائين، اُنکي ڳولڻ لاءِ توهانکي پري وڃڻو
ڪو نہ پوندو. هو توهان کي پنهنجي محلات جي دروازي تي ملندو.
هن مونکي اندر اچڻ ئي نٿي ڏنو؛ نيٺ جڏهين اهوا نجام ڪيو مانس
تہ مڇي لاءِ جيڪي ملندم، تنهن مان اڌ توکي ڏيندس، تڏهين
مسين مسين ڇڏيائينم." اِها ڳالھ ٻڌي سڀني جا ڏند ڇپن سان لڳي ويا،
۽ امير زور سان پڪاري چيو "مار، اهڙو ها جو! اڙي هن دربان کي
يڪدم آڻي اسانجي اڳيان حاضر ڪريو، تہ اسين هنکي سندس
حصو پوريءَ طرح پَلَوَ ۾ وجھون."

اميرجي حڪم موجب دربان کي وٺي آيا؛ ۽ امير اُنکي
سَودي جي ڪٽتئي وارو سندس حصو ڀلي ڀانت سان ڏياريو. مطلب

CULTURE TOURISM ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES GOVT OF SINDH

ڳالھ جو تہ دربان لوڀ جي ڪري رڳا اھي چھبڪ نہ کاڌا، پر امير جي، نوڪريءَ مانٿي نڪري ويو؛ ۽ مھاڻي کي امير گھڻو انعام ڏني ڏئي ڇڏيو.

سبق اُٺٽيھون.

ھاٿي.

جيڪي جانورن جڳ ۾ ڌڻيءَ سڳوري اُپايا آھن، تن سڀني کان ھاٿي گھڻو وڏو آھي، ۽ زوراور جانور آھي. ھو ايشيا ۽ آفريڪا کنڊن ۾ رھي ٿو. ھو قد ۾ گھوڙي کان ھيٺو، ۽ تولھ ۾ ڇوٽو پنجوٽو ڏسجي ٿو. ھنجا ڪَن وڏن وڇڻن جيڏا ٿيندا آھن. ھنجون ٽنگون ڄھڙا ٿڙا ٿنڀ آھن، ۽ ھنجي بت ڪري

شڪل

سندسِ اکيۡ ۽ پڇ تمام ننڍو آھي، ۽ ھنکي نڪ جي بدران ھڪڙي پوري سونڍ سندس وات جي مٿان آھي؛ اھا اُنکي گھڻي ڪم ايندي آھي. جيئن آسين پنھنجن ھٿن سان کائون پيئون ٿا، تيئن ھو پنھنجيءَ سُونڍ سان کائي پيئي ٿو؛ انھيءَ سُونڍ

چالو ۽ گڻ

سان ننڍا ننڍا وڻ ٽاڙکان پٽي وجھي، ۽ رڳيءَ سُئيءَ پٽ ۾ پيئي ھجي، سا بہ سُونڍ سان کڻي وٺي. ھاٿي وھجڻ جو ڏاڍو شوقي آھي، ۽ وھجڻ مھل سُونڍ سان پاڻي بت تي ڇٽاريندو آھي. ھندستان ۾ نرن ھاٿين کي وڏا ڏند ٿيندا آھن، پر ڏکڻ آفريڪا ۾ نرن خواہ مادين سڀني کي وڏا ڏند ٿيندا آھن، چاڪاڻ جو ھو اٿي وڻن جي پاڙن تي گذاريندا آھن، سو اُھي ڏند انھن پاڙن کوٽي ڪڍڻ لاءِ

أنهنکي ڪم ۾ ايندا آهن، ۽ دشمن سان وڙهڻ لاءِ ۾ اُهي أنهنکي گهڻو ڪم ۾ ايندا آهن. پاليل هاٿي ڏاهو، نرم طبع، ۽ فرمانبردار ٿيندو آهي، ۽ سندس هڪليندڙ، جنهنکي "پيلوان" سڏيندا آهن. سو سندس گردن تي ويهي، لوهه جي ڪُنڍي سان چوڪ ڏيئي، جيڏانهن ڦيرائيندو آٿس، تيڏانهن هلندو آهي. بندوق جي داروءَ پيدا ٿيڻ کان اڳي هاٿي لڙائي جي ڪم ۾ ايندا هوا؛ پر هاڻي هو گهڻو ڪري بار کڻڻ لاءِ ڪم ۾ ايندا آهن. وڏا وڏا هندستان جا سردار مٿن انباري رکي اجا تاءِ سواري ڪندا آهن. هاٿي پاڻ تي بار يا سوار چاڙهڻ ۾ مدد ڏيندو آهي؛ ۽ جيڪو مٿس چڙهي، سو پهراءِ هنجي سُونڊ تي پير رکي، ڪنن کان سو گهو جهليس، ته هو پاڻهين پنهنجي سُونڊ مٿي کڻي نيندو آهي؛ پوءِ هو سوار ٽپ ڏيئي وڃي پٺ تي وهندو اٿس. هاٿي جي عمر (١٣٠) سال ٿيندي آهي. جهنگلي هاٿين کي سلون جا رهاڪو، پاليلن هاٿين جي مدد سان پنجوڙن ۾ ڦاسائي پاليندا آهن.

سبق ٽيهون.

دان ڪرڻ.

بيت.

"مايا آچڻ وڃڻي، ڪهڙي ڪهڙي ياءِ،
ڪنهجي ڏيئي رهي ڏوڙ ۾، ڪنهجي راجا ڪاءِ،
ڪنهجي چوڙ مٽي وڃن، ڪنهجي ساڙي ڀاهه،
سڦلي ٿيندي ساءِ، جا خرچي سائينءَ ناءُ تي."

"هِردو دنيادار جو پاڻ ڪان ٻه پَري،
ديا نه آتس دل ۾، جو هڪڙي دمڙي ڌرم ڪري،
هنئين تو هٿ هٽي، جڏهن آيس ڪال ڪرپال چوي."

"گهڻا لوڪ لڏي سکڻا ويا سنسار مان،
هاٿي، گهوڙا، پالڪيون، ويا لشڪر، ڪوٽ ڇڏي،
تون وينين گهر آڏي، مِٽيءَ جو مستان ٿي."

"توجا پائئي توڙجي، سا وڃي وهاڻي،
ڪنهن سان نيهه نه ٿئي، ڌن، جوڀن، جواني،
آسو آڪاڻي، جڳ مُڙيوئي سپنو."

سبق ايڪٽيهون

هاٿيءَ وير ڪيئن ورتو.

هندستان جي اُلهندي پاسي ۾ هڪڙو شهر سورت نالي آهي، اُنجي پروارن جبلن ۾ هاٿي گهڻا ٿيندا آهن. اُتي جو راجا هاٿين جو ٽلو رکندو هو، ۽ اُهي هرروز هڪڙيءَ وڏيءَ شاهيءَ وات کان پاڻي پيئڻ ويندا هوا. اُنهيءَ شاهيءَ وات تي هڪڙي درزيءَ جو دڪان هو، جنهن ۾ هو پنهنجو ڪم ڪار ڪندو هو. هن درزيءَ اُنهن هاٿين منجهان هڪڙي وڏي هاٿيءَ سان دوستي رکي؛ ۽ هميشه جڏهن هو پاڻي پيئڻ ويندو هو، تڏهن هو درزيءَ جي دريءَ ۾ سونڊ وجهندو هو؛ درزي اُنکي ميوو يا ڪا ٻي اهڙي شي کائڻ لاءِ ڏيندو هو. هڪڙي ڏينهن جڏهن هاٿيءَ پنهنجي سونڊ دريءَ جي اندر لنگهائي، تڏهن اُن درزيءَ کي تي کُتي ڪٽي، سو هن کي ڪنهن شي ڏيڻ

بدران وٽي ٿو ھنجي سونڊ ۾ سُئي ٽُنبي. ھاٿي اُن وقت ته سونڊ ٻاھر ڪيڍي، ماٺ ڪري، ھليو ويو ۽ پرپاٺي پيٽ ڪان پوءِ ڪجھ جيتري ڪِني پاڻيءَ ۽ گپ سان سونڊ ڪٽي پرياءِ ۽ جڏھن درزيءَ جي دروازي وٽان لنگھيو، تڏھن ڇتائي اُھو ڪنو پاڻي ھنجي منھن تي وٽي اُڇلياءِ، جنھن ۾ ھو سڄوئي ٻڏي ويو، ۽ سڀ ڪپڙا خراب ٿيس. ٻچڙي سياءِ واري ماڻھوءَ جي اھا سزا آھي.

سبق ٻٽيھون.

گھوڙو.

جن ملڪن ۾ ھميشہ برف پوي ٿي، تن ملڪن کان سواءِ گھوڙا دنيا جي سيڪنھن ڏيھ ۾ ٿيندا آھن. ائين سمجھجي ٿو ته اُنھنجو بنياد ايشيا کنڊ مان آھي. جھنگلي گھوڙا گھڻن ڏيھن ۾ ڏسبا آھن. ڏکڻ اميريڪا جي وڏن

اصل پيدائش جو ھنڌ

مَيدانن ۾ ته ھي تمام گھڻا آھن ۽ سيريا جي ڏکڻ پاسي، تاتار، ائفريڪا کنڊ، ۽ ٻين ڪيترن ڏيھن ۾ جھنگلي گھوڙا ڏسڻ ۾ ايندا آھن. اميريڪا جي ٻيھن وارا گھوڙا سپين جي گھوڙن جو اولاد آھن. عربي گھوڙا سنھڻا ۽ ھمت ڀريا ۽ مانيڻا آھن.

گھوڙو ٻين جانورن کان ڏولائتو آھي. اُنجي اکيون وڏيون، آبدار ۽ سُنھڻيون آھن ۽ اُنجا ڪن نه گھڻو ويڪرا ۽ نه تمام ڊگھا آھن، ۽ ھنکي ڊگھن وارن سان ھڪڙو ڊگھو پڇ آھي ۽ ھنجي

گردن تي ڏگها وار ٿيندا آهن، جنکي "ٻُشڪُون" ڪري سڏيندا آهن؛ ۽ هنجي پيرن کي "سُنبَ" چوندا آهن؛ هناجي

شڪل

پيرن ۾ چيرڪين ٿيندا آهن. گهوڙا گهڻن رنگن جا ٿيندا آهن. عربي گهوڙا مضبوط ۽ چالاڪ ۽ همت ڀريا ۽ وفادار آهن. اهي گهڻو ڪري اهڙا غريب ٿيندا آهن، جو توڙي ماڻهون وٽ گهر ۽ تنبن ۾ ٻڌا آهن، تہ بہ ڪنهنجو نالو نہ ڳڻهندا آهن. عربي گهوڙن جون اکيون گهڻو آبدار آهن.

گهوڙو گهڻن قسمن جو پنڌ هلندو آهي: قَدم، رَلو، رَو. اصل گهوڙي جو اصل نمونو گهرجي، تہ ڏکڻ اميريڪا جو جهنگلي

پنڌ

گهوڙو ڏسجي. گهوڙي جي آواز کي "هِڻڪارَ" چوند آهن. گهوڙي جو سياڻ سادو ۽ غريب آهي. هو گهڻو ڪري

سياڻ

ٻيلن يا ٽڪرن ۾ ڪين رهندو آهي. جهنگلي گهوڙا هميشہ گلا ڪري رهندا آهن؛ انهن مان هڪڙي کي مڙيئي سردار ڪري مڃيندا آهن. جڏهن جهنگلي گهوڙا پاليلن گهوڙن کي ڏسندا آهن، تڏهن اُنهن وٽ وڃي نڪ سان ڦرڦر ڪري پاڻ سان هلڻ لاءِ اشارو ڪندا آهن؛ ۽ هو، اُنهناجو اشارو سمجهي، ڀڄي وڃي ساڻن گڏ ٿا آهن، تنهڪري مسافرن کي گهڻي حرڪت رسندي آهي. تاتار جا جهنگلي گهوڙا ٻئي

ڪنهن پاليل گهوڙي کي پنهنجي وَلَرَ ۾ اچڻ ڪين ڏين. گهوڙا

ڪاچ

بيٺي ۾ ننڊ ڪندا آهن. گهوڙا گاهه ۽ داڻو کائيندا آهن، ۽ ڪن کي ڇيريا ڪنهن ٻئي گاهه واري زمين تي چَرڻ لاءِ ڇيڪ ڇوڙي ڇڏيندا آهن. انهنکي پاڻيءَ جي گهڻي گهرج ٿيندي آهي. گهوڙا پنهنجي ڪاچ کي ڏاڍن سان ڇباڙي سنهو ڪري کائيندا آهن، پر هو اوڳاريندا ڪين آهن.

گهوڙيءَ جي نر ٻچي کي "وَڇيرو" ۽ ماديءَ کي "وَڇيري" چوندا آهن؛ ۽ اُهي ڇهن ورهن کان پوءِ جوانيءَ ۾ تا اچن.

ڦر

گهوڙي جي عمر پنجويهه سال آهي؛ پر ڪي ڪي چاليهن پنجاهن ورهن تائين ۾ رهندا آهن. گهوڙي جي عمر سندس ڏندن مان ڄڻبي آهي. گهوڙا همت جي ڪڙي جنگ

فائدا

جي ڪم ۾ ايندا آهن؛ ۽ هو بار کڻڻ لاءِ اسانجي گهڻي ڪم جا آهن.

ايراني، عربي ۽ خُراساني گهوڙا ڏاڍو ڪا ۽ سنهڻا ٿيندا آهن، ۽ قد ۾ به ياست گرانئي ٿيندا آهن. ڪيپ آوگدهوپ جا گهوڙا هنن کان سنهڻا ۽ ڍڳها آهن. پاليل گهوڙن مان انگلنڊ جا گهوڙا سيڌي ڪان تکا ۽ چالاڪ ٿيندا آهن؛ انهنجا جدا جدا قسم آهن، جڻن ۾ ڪي شرط ڊوڙڻ لاءِ ٿيندا آهن، ۽ ڪي گاڏين ۾ ٻڌڻ لاءِ، ۽ ڪي شڪار ڪرڻ لاءِ. هو سواريءَ ۾ جهن منهن

منجهہ ڪوہ پنڌ جو ڪري ويندا آهن. دنياادارن جي گاڏيءَ ۾
ٻہ گهوڙا، ۽ درباري سواريءَ وقت انگلنڊ جي بادشاہ جي گاڏيءَ ۾
آٺ گهوڙا پڌ ٻا آهن.

سبق ٽيٽيهون.

مورکہ جي سنگت بابت.

"سُندر سڀ ڏکہ توريم، وِجهي ترازيءَ منجهہ،
پر جو ڏکہ مورکہ سنگ، تانهن برابر ناهِن ڪو."

"ڏونگر اُڏان ڪِري پوڻ، ۽ شينهن ڪري ٽن ٽُڪر،
رجب، هي ڏکہ ڀلا جاڻ، ڪر مورکہ سنگ نہ مُور."

"ڪِہ سين آڇاڻ ڀت هندوري لوڏيو،
وَرُسين سڄاڻ ٻئي ٽنگون ڪاٺ ۾."

انهيءَ تي هڪڙي سنڌيءَ ٻہ چيو آهي تہ "مورکہ دوست کان ڏاهو ويري چڱو آهي." تنهنجو سبب هيءُ آهي، جو ڏاهي مان جيڪيسو سياڻپ جو متو ۽ عقل پرائبو، ۽ مورکہ جي سنگت مان اڳي پوءِ جيڪو سو نُقصان پوندو. تنهنڪري ماڻهوءَ جي زبان ۽ ڏيکہ ويکہ تي ڀُلي نہ وڃجي. سنگتي ڪجي، تہ ڀراءُ اُنجي لڇڻ ۽ ڏاهپ کي پرکي، پوءِ هن سان واسطو رکجي، ڇو تہ اُن ۾ ڀلائي آهي: نہ ماڻهو مورکہ جو سنگ ڪندو، نہ لڇي ٿيندو.

سبق چوٽيهون.

ٽن پرين جي پيدائش.

جيڪي شيءِ هِن جهان جي اُپائيندڙ پيدا ڪيءِ آهن، سي سڀ

ٽن قسمن جُون آهن. هِڪڙيون "جاندار"، يعني ساهه واريون، ٻيون "نَباتي"، يعني زمين جا اوڀڙ، ۽ ٽيون "مَعدَني"، يعني جيڪي زمين مان کوٽي ڪڍجن ٿيون. ماڻهو، پکي، مرون، جيت ۽ ٻيا ساهه وارا، اِهي سڀ "جاندار" آهن؛ ۽ وڻ ٽڻ، گاهه ٻوٽيون، ۽ ٻيا اوڀر سڀ "نَباتي" آهن؛ ۽ لوهه، اگر، ٽامو، سون، ۽ ٻيون شيون، جيڪي زمين مان کوٽي ڪڍجن ٿيون، تنکي "مَعدَني" چوندا. تنهي مان پهريان ٻہ قسم هوا، پاڻي، ۽ ٻين شين جي آڌار سان وڌن ۽ وڏا ٿين ٿا. مثلاً، ماڻهو جهڙو مهل هڪڙو ننڍڙو جيتامڙو آهي، پوءِ ڏينهان ڏينهن پيو وڌي ۽ وڏو ٿئي؛ ۽ هڪڙي نم جي ننوڙيءَ مان تہ ڏسو تہ ڪيڏو درخت پَيدا ٿو ٿئي؛ پر ٽئين گڻ ٽئي قسم ۾ ڪونهي. اُنهيءَ قسم جي شيءِ جيتري اصلي آهي، اوتري ئي رهي ٿي، پر اُنکان زياده ٿي نٿي سگهي. زمين کي هيٺ هزارن جا هزار فوٽ کوٽبو آهي، تہ پوءِ لوهه، ٽامي، رُپي، اَگرن، سون، ۽ ٻين شين جون کاڻيون لڀنديون آهن. اِنهن کاڻين ۾ کوٽڻ ڏاڍو جوکائتو ڪم آهي. ڪڏهن ساهه کڻڻ لاءِ ويچارن ڪمين کي صاف هوا نہ پهچي، تہ پوءِ ٻوساٽجو مريو وڃن؛ تنهن ڪري هنکي هوا پهچائڻ جي ڏاڍي هوشياري رکندا آهن. سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ اِنهن ٽن قسمن جي اُپت مان پوين ٻہ قسم، يعني وڻ ٽڻ وغيره ۽ معدني شيون سڀ جاندارن جي فائدي ۽ گذران واسطي پَيدا ٿيون آهن.

سبق پنجٽيهون.

ڌاتن جيون خاصيتون.

گهڻيون ڪمائتيون شيون، جيڪي اسين هميشه پنهنجي آس پاس

ڏسون ٿا، سي اڪثري ڌاتن مان جڙيليون آهن؛ جيئن ته ڪپ، ڪينچيون، ڪوڏريون، ڪهاڙا ۽ رڌڻ پچائڻ جا ٿانوَ، ۽ ٻيا. ڌاتو جن ڪڏن مان کوٽي ڪڍبيون آهن، تنکي "ڪاڻيون" چون ٿا. ڀرياءِ اهي مٽيءَ ۽ پٿرن سان گڏيليون ٿيون نڪرن، تنهنڪري انهنکي "ڪچيون يا گاڏڙ ڌاتو" چوندا آهن؛ پر انهنکي ڪورن ۾ وجهي پگهار جي ۽ ڪٽائجي، ته مٽي ۽ پٿر سڀ پري وڃو پون، ۽ باقي نِج ڌاتو وڃيو رهي. سڀيئي ڌاتو چمڪندڙ ۽ روشن آهن؛ ۽ ڪي ڪي منجهان تمام سخت ٿينديون آهن، پر ته به پهڻ جهڙيون سخت نه. ڪن ڌاتن ۾ اهڙو گُڻ آهي، جو ڪٽڻ سان ڀڄنئي ڪين، ۽ جي ٽورو ڪٽجين، ته پَٽ ٿيو پون، ۽ وڌيڪ ڪُٽڻ سان ورق. ڪي ڪي ڌاتو ٻين کان نرم آهن. سڀ ڌاتو ڳوريون ٿينديون آهن، تن ۾ به سون ٻين ڌاتن کان ڳورو آهي. مکيه ڌاتو سون، رپو، لوهه، ٽامو، شيهو ۽ قلعي آهن. ڌاتن کي چڪي منجهان تند ڪڍبي آهي. شيهي ۽ قلعيءَ ۾ ايڏو چيڙهه نه آهي، جو منجهان جيڪر تند چڪي ڪڍجي؛ پر سون ۽ رپي ۾ اها خاصيت تمام گهڻي آهي. قلعي ۽ شيهو سِگهو ڪين ڪَٽها آهن، پر لوهه ۽ ٽامي کي سگهو ڪَٽ لڳندي آهي. ٽامي جي ڪَٽ کي "زنگار" چوندا آهن. اُها جي کائجي، ته ماري وجهي.

سبق چٽيهون.

لوهي ۽ ٿوڳي.

هڪڙي لوهيءَ کي ڪنهن پاڙيسريءَ اچي چيو "آدا، اچ مونوت

مهمان آيا آهن ۽ پنهنجو وڏو ديگڙو ذرڙي تاءِ اُڌارو ڏيندم،
ته گهرج لٿي کان پوءِ سلامت پهچائي ڏيندو سانءِ." لوهيءَ
ديگڙو ڪڍي هنکي ڏنو. ٿوريءَ مدت کان پوءِ، هن ديگڙي ۾ ٻيو
هڪڙو ننڍو ديگڙو وجهي آڻي لوهيءَ کي موٽائي ڏنو، ۽ چيائينس ته
"پنهنجو ديگڙو سنڀال." لوهيءَ جان ديگڙو ڪڍي ڏسي، ته منجهس
ٻيو هڪڙو ننڍڙو ديگڙو پيو آهي ۽ تڏهن پڇائينس ته "هي ديگڙو
ڪنهنجو آهي؟" تڏهن هن ورندي ڏنيس ته "تُنهنجو ديگڙو
منهنجي گهرِ وِيامي پيو هو، ۽ هيءُ سندس ٻار آهي." تڏهن لوهيءَ
دل ۾ سمجهيو ته هيءُ ڪو وڏو مورک ٿو ڏسجي. تنهن اُنهيءَ
ديگڙي جي لالچ تي ٻيو ڪي ڪين ڪڇيو ۽ ٻئي ديگڙا رکي ڇڏيا.
ڪن ڏينهن کان پوءِ اهو ساڳيو ماڻهو موٽي اُنهيءَ لوهيءَ جي گهرِ ويو،
۽ چيائينس ته "ڀائي، موں وٽ وري مهمان آيا آهن ۽ هيئر جيڪي
ديگڙا توو وٽ هجن، سي سڀئي ڏيندم." لوهيءَ جي ته اڳيئي
ڏاڻ ڀري هئي، سو ڀلا ڪيئن رهي؟ اُتيئي شرط مڙيئي ديگڙا
آڻي ڏنائينس. گهڻا ڏينهن گذري ويا، ته هن ماڻهوءَ ديگڙا
موٽائي ڪين. تڏهن لوهي هڪڙي ڏينهن هنکي وات ۾ گڏيو،
۽ پڇيائينس ته "ڇو اجها تاءِ منهنجا ديگڙا نه موڪليا اٿيئي؟"
تڏهن اِن ورندي ڏني ته "تنهنجا ديگڙا ته مري ويا ۽ فلاڻي هنڌ
قبر ۾ پوريا پيا آهن." تڏهن لوهيءَ چيس ته ڏاڍو ڪو ڇريو ٿو
ڏسجين، ڪڏهن ديگڙا به مئا آهن؟" تڏهن اِن چيس ته
"سائين منهنجا، جي ديگڙا ڄڻندا نه آهن، ته موٽي ويامندا ڪيئن؟"
هو لوهي ايترو ٻڌي ماٺ ۾ اچي ويو، ۽ ڪجهه ڪين سگهيو.

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT GOVT. OF SINDH

ڏيءَ پهاڪو مشهور آهي تہ " جيتي لوڀي هاڃن ، تيتي ٽوڳي ٻُڪر نہ مرن . "

سبق ستٽيهون .

گهوڙن جي رنگن جا قسم .

گهوا گهڻن رنگن جا ٿيندا آهن ، جهڙوڪ ڪُميت ، سَمند ، ٻور ، مُشڪي ، نُقرو ، نِيرو ، سُرخو ، سَنجاف ، روجهو ، آبلق ، چِيٽو ، ۽ ٻيا . ڪُميت - هن جو رنگ سوارن کي سڀني رنگن کان چڱو وڻندو آهي ، تنهنڪري هنکي " بادشاهہ رنگ " ڪري چوندا آهن ؛ اهو رنگ ڪارڪ جي رنگ جهڙو ڳُوڙهو ٿيندو آهي ، ۽ انهيءَ رنگ واري گهوڙي جو پُڇ ۽ ڀُر ڪارا هوندا آهن ؛ ۽ ڪن ڪن ڪميتن گهوڙن جي ٽَريءَ ٻہ ڪاريون ٿينديون آهن ، انهنکي " ڪارَ ٽَريا ڪُميت " چوندا آهن ؛ اهي هيڪاري پسند آهن. سَمند - هن جو رنگ بادام جهڙو پيلو ٿيندو آهي . ٻور - هن جو رنگ ڦڪو ڳاڙهو ٿيندو آهي ، ۽ سندس پُڇ ۽ ڀر بہ انهيءَ رنگ جا هوندا آهن . مُشڪي - هن جو رنگ تمام ڳُوڙهو ڪارو ٿيندو آهي . نقرہ - هن جو رنگ صاف اڇو رُپي جهڙو ٿيندو آهي ، ۽ هن جون اکيون اڇيون ٿينديون آهن . نيرو - هن جو رنگ بہ اڇو ، پر اهڙي ڍَول جو ٿيندو آهي ، جهڙو نير جي ڳُوٺيءَ وارو اڇو ڪپڙو ، يعني هن جي اڇائيءَ مان ٿوري ٿوري ڪارائي پيئي ڏِسڻ ۾ اَچي سگهندي آهي . سُرخو - هن جو رنگ بہ اَڇو ، پر جهڙيءَ طرح نيري ۾ ٿوري ٿوري ڪارائي ڏِسڻ ۾ اَچي سگهندي آهي ، تهڙيءَ طرح هن ۾ ٿوري

ڳاڙهائي ٻڪندي آهي. سنجاف - هنجو رنگ اڇو ٿيندو آهي، پر داب داب ميري سائي رنگ جا ٿيندا اٿس، جي سنڌس ٻٽ جي آلي ٿيڻ مهل پڌرا ڏسڻ ايندا آهن. روجهو - اهو بہ سرخي جو قسم آهي، پر هنجو رنگ ميرانجهڙو ٿيندو آهي، ۽ اهو رنگ سڀني رنگن ۾ سادو رنگ آهي. آبلق - هنجا گهڻا قسم آهن: هڪڙو اهو، جنهنکي ڪي داب صاف اڇا، ۽ ڪي ڳاڙها هوندا آهن، اُنکي "ڳاڙهو آبلق" چوندا آهن: ٻيو اهو، جنهنکي ڪي داب اڇا، ۽ ڪي تمام ڪارا ٿيندا آهن. هنکي "ڪارو آبلق" چوندا آهن. چينو - هن ۾ اڇا وار ۽ ڳاڙها وار گڏ وچڙ ٿيندا آهن، پر اڇا گهڻا ۽ ڳاڙها ٿورا: تنهنڪري اڇي رنگ ۾ ڳاڙهي رنگ جا نقطا نقطا پيا پا نئبا آهن.

سبق اٺتيهون.

بادشاه تيمور منڊي جو نقل.

چوڏهين ۽ صدئ عيسوئي ۾ تيمور لنگ، يعني تيمور منڊو، تُوران جو بادشاه جو هو، سو شڪار ۽ راڳ جو ڏاڍو خفتي هو. هڪڙي ڏينهن پنهنجي خاص جماعت سان شڪار تي چڙهيو هو، ۽ جڏهن بازن ۽ تيرن ڪمانن ۽ ڪتن جي لوڌن سان طرحين طرحين جا شڪار ڪري پنهنجي محلات ڏي ٿي موٽيو، تڏهن وات تي ڏٺائين تہ هڪڙو انڌو شخص تنبورهٿ ۾ ڪٺيو ويٺو متس ڳائي. بادشاه کي اُنجو آواز ۽ آلاپ ڏاڍو وڻيو، سو ٻهي ٻڌڻ لڳو. گهڻيءَ مدت کان پوءِ بادشاه پڇيس تہ " تنهنجو نالو ڇا آهي؟ " هن شخص

ورنديءَ ڏني تہ "سائين، مُنهنجو نالو دَولت آهي." تڏهن بادشاهہ چرچو ڪري چيس تہ "سڀئون جواب ڏي، دَولت تنهنجو نالو چاهوندو، پلا ڪڏهن دَولت بہ آنڌي ٿيندي آهي؟" هن ورنديءَ ڏني تہ "هائو بادشاهہ سائين، جي دَولت آنڌي نہ هجي ها، تہ تو جهڙي منڊي وٽ ڪئن گڏ ٿئي ها؟" بادشاهہ انهيءَ ورنديءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ اُنکي انعام ڏناءِ.

سبق اٺيتاليهون.

باندر يا پولڙا.

باندر جي شڪل گهڻو ڪري ماڻهوءَ جي شڪل جهڙي ٿيندي آهي. چوندا آهن تہ باندر شڪل ۾ ماڻهوءَ کان هڪڙو درجو گهٽ آهي. هو ٻين جانورن وانگيان ٻانبڙو هلندو آهي. باندر جو پير اسانجي پير جهڙو ڪين ٿيندو آهي، باقي اسانجي هٿ جهڙو ٿيندو آهي. باندر گهڻن قسمن جا ٿيندا آهن؛ ڪن جو منهن ڪارو ٿيندو آهي، ۽ ڪن جو ڳاڙهو. ڪاري منهن واري باندر کان ڳاڙهي منهن وارو وڌيڪ زهري ۽ چيڙاڪ ٿيندو آهي. ڪيترين ذاتين جي باندرن کي پڇ ڪين ٿيندا آهن، پر جنکي ٿيندا آهن، تنکي ڊگها ٿيندا آهن، ۽ اُهي اُن پڇ کي وڻ سان ويڙهي، پنهنجو سڄوئي بت لٽڪائي جهولندا آهن. باندر يا پولڙو ڏاڍو مچلو، ۽ آڏنگيءَ چال وارو جانور آهي؛ هو ڪُڏن جا ڪُڏ ٽپندو آهي، ۽ وڻن جا وڻ لتاڙيندو آهي. باندر جهنگ ۾ گهڻو رهندو آهي، پر ڳوٺن ۾ بہ گهڻو ايندو آهي؛ هي وجهہ لڳيس، تہ گهر جي اَگڻ ۾ ڪا شي

۽ ڳوڙهي پيئي هجي، ته اُها به ڪائي وڃي؛ جي آن ٻاهر پيو سُڪندو هجي، ته منجهانس پنهنجي مٿي ڀريو ڪڏ تي چڙهيو وڃي، ۽ ڏوريان هوريان ويهيو کائي. باندر جي ڪاوڙ جي، ته ماڻهن جي سامهون ٻه ٿئي. ڪيترن باندر کي ماڻهو پاليندا ۽ بازي ڪيائڻ سيکاريندا آهن؛ اُهي انهن ماڻهن سان هري مري ويندا آهن.

سبق چاليهون.

سون ۽ رپو.

سون ۽ رپو ٻئي ڌاتن کان ڏسڻ ۾ گهڻو سنهڻا آهن. اُنهن کي "قيمتي ڌاتو" سڏيندا آهن، ڇاڪاڻ جو هو مهانگا ۽ اڻ لڀ آهن، ۽ ڌاتن خرچن کان پوءِ هٿ ٿا اچن. اهي اهڙا آهن، جو مٽي ڪَٽ چڙهي يا باه ۾ پگهارجن، ته به ڪين گهٽجن. سون جو رنگ پيلو آهي، ۽ او گهڻو ڳورو آهي. اهو گهڻو ڪري امريڪا ۽ آسٽريليا، انهن هنڌن مان ملي ٿو؛ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ندين جي واريءَ مان، ۽ ڪڏهن سخت پٿرن مان لڀي ٿو. سون تي سِڪو مٽي ناڻو ڪري هلائيندا آهن، جهڙيءَ طرح مُهرون ۽ سيتارا مِيءَ. انهيءَ منجهان مُنڊيون ۽ ٻيا ڳهڻا به جوڙيندا آهن، جهڙن ته ڪُرڪون، ڏيديون، ڏُريون، جهُڳليون ۽ ڳن ۽ ٻيا. رپو رنگ جو اڇو آهي؛ هو ڪاڻين مان ڪوٺي ڪڍندا آهن. سون وانگر اُن منجهان به ناڻو جڙندو آهي، جهڙيءَطرح روپيا، آڌيا، پاوليون، ۽ ٻيا. رپو سون کان وڌيڪ چالُو آهي، پر هن جهڙو قيمتي نه آهي. رپي کان سون جو مهلو اٽڪل روءِ ويهوڻو آهي. دنياداري وٽ گهڻا ٿانو ۽ زيور

رپي جا ٺهيل آهن، جهڙيءَ طرح ٿالهيون، رڪيبيون ۽ پيالا ۽ غريب ماڻهو اُنهن جا پارڙا ٺهرائي موتين بدران ٻُولن ۾ وجهندا آهن. ڏاتن يا ڪاٺ جي شين تي اڪثر رپي يا سون جو ملمع چاڙهيندا آهن. سون ۽ رپي کي ڪُٽي منجهانس تمام سنهڙا سنهڙا ڪاغذ جهڙا ورق ٺاهيندا آهن، جي دوائن جي ڪم ۾ ايندا آهن.

سبق ايڪيتاليهون.

ماءُ پيءُ جي شيوا ڪر، ته جس ٿيئي.

نِڪارن ۽ ڪِين جهڙن جانورن کان ٻه اسانکي ڪڏهن ڪڏهن چڱائيءَ جا مثال، ۽ ماءُ پيءُ لاءِ پيار جي ڳالهيون ڏسڻ ۾ اينديون آهن. توکي خبر هوندي ته ڳوٺن ۽ جهازن ۾ ڪُوا رهندا آهن، جي گهڻو نقصان ڪندا آهن، پوءِ اُنهن جي وڃڻ واسطي ڪُوا مار رکجن، ته اُنهن ڪُوا ڦاسي پون، يا زهر ڪڻڪ کاڌي جهڙيءَ شَي ۾ گڏي رکجي، ته اُو کائي مري وڃن، يا ڪنهن ٻئي طرح هنن کي ناس ڪرڻو ٿو ٿئي. هڪڙي شاهوڪار جي جهاز ۾ ڪُوا اچي گهڻا ٿيا، ۽ ايترو نقصان ڪيائون، جو ناکُوا اچي منجهان ڪڪ ٿيا: تڏهن لاچار ٿي ميربحرن گندڪ ڪٽي ساڙيو، ۽ ڪُئن کي جو اُنهي دونهون لڳو، تنهنڪان پنهنجن ٻرن مان ٻاهر نڪري گهڻائي مارجي ويا: پر هڪڙي عجب جهڙي ڳالهه هئي ٿي، جو هڪڙو ڪُئو ٻئي هڪڙي ڪُئي کي پنهنجي پٺيءَ تي کڻي ٿي ويو، سو ڏسڻ ۾ آيو؛ پٺيءَ تي چڙهيل ڪُئو جو تمام پوڙهو هو، تنهنڪري ماڻهن سڌي ڪيو، ته ڏي هيٺئين ڪُئي جو پيءُ آهي. هنجي اهڙي پتا جي

پيار ڪري ماڻهنکي رحم آيو، ۽ اُنکي نہ ماريا؟ : هو پنهنجي سر جي سلامتيءَ سان پنهنجي پيءُ کي ڪٽي وجهي ٻٽي هنڌ رهيو.

جي ماءُ پيءُ جي شيوا ڪندا آهن، تنکي گهڻو فائدو ٿيندو آهي، ۽ جي ماءُ پيءُ کي اهنج ڏيندا آهن، سي ڪي ڪين پرائيندا آهن، ۽ جتي ويندا آهن، اُتي ڌڪا جهليندا آهن.

سبق ٻائيتاليهون.

پنهنجي اندازن کان وڌيڪ نہ ڪاءِ.

جيئاپي، چڱيلائيءَ ۽ بت جي زور لاءِ نندي وڏي واسطي کاڌڻ جو انداز مقرر آهي، ڪي ٿورو کائيندا آهن، ڪي گهڻو. جيتوڻيڪ ڪي تمام زور ڀريا ماڻهو ڏبرن ماڻهن کان گهڻو کائيندا آهن، تڏهن بہ پنهنجي اندازن کان وڌيڪ کائي ڪو نہ سگهندو آهي، پر جي کائيندو آهي، تہ ڏکي ٿيندو آهي. ماڻهنکي پنهنجي بت جي زور لاءِ چڱو ڀلو رڌل سٺيو ۽ مصالح ڀيل کاڌو کائڻ ضرور آهي، ڇاڪاڻ جو هن مان بت زور وٺندو آهي؛ پر جيڪڏهن گهڻو کائيندا، تہ زور تہ زور جي ماڳ، پر اُلٽو اهنج ٿيندن؛ جيترو ضرور آهي، تنهنکان وڌيڪ جيڪو کائيندو آهي، تنهنکي "پيٽير" چئبو آهي؛ ۽ جيڪو تمام عمدين شين کائڻ جو چاهه ڪندو آهي، تنهنکي "چٽو" چئبو آهي. جيڪڏهن دستور کان وڌيڪ کاڌل پيٽ ۾ ڪو پوندو، تہ هو اجهي حلت وارين ماڻهنکي ڪين وڻندو؛ تنهنڪري ٻارن کي گهرجي تہ کاڌل پيٽ ۾ چڱي چال وٺن، ۽ جيترو سڃائين، اوتري کان وڌيڪ نہ کائن، نہ پيئن،

نه ته هلاڪ ٿيندا. ڪي پيٽير ڏسڻ ايندا آهن، جي پنهنجو ڏيل نڪ تائين ڏِلهي پيرين، ۽ پوءِ هڪڙو پير به کڻي نه سگهن؛ ۽ هڪڙيءَ هنڌ مردار ٿيا پيا هجن، ۽ اُنهنکي نه سمهڻ ۾ آرام، نه ويهڻ ۾ آرام، نه گهمندي آرام؛ هيءَ بڇڙي عادت شال ڪنهن کي نه هوي. چوندا آهن ته "اهو سون ئي گهوريو، جو ڪن ڇني."

سبق ٽيتاليهون.

محنت سان سڀ شيءِ ٿي ملي.

اسانجي جيئڻ ڪاڻ کاڌ خوراڪ جون شيون تمام ضروري آهن. اهي کاڌ خوراڪ جون شيون سڀ زمين مان ٿيون اُپجن، يعني زمين کي کيڙبو، ۽ اُن ۾ ٻج ڇٽبو، ۽ اُنجي سوڪ هوڙ جي نظر ڪبي، ته پوءِ کائڻ لاءِ اَن ملندو. پر جيڪڏهن لهاريا واڍو سستي ڪري هر جوڙڻ جي نه ڪندو، يا هاري هر هوندي زمين نه کيڙيندو، ۽ ٻج نه ڇٽيندو، ته پوءِ پلا اَن ڪٿان ٿيندو؟ محنت نه ڪبي، ته تمام پٽيءَ زمين مان ٻه هڪڙو داڻو پيدا نه ٿيندو. اهڙيءَ طرح رڌڻ پچائڻ جا باسڻ به جڙيل ٺهيل ڪين رکيا آهن؛ پر جڏهن ڪنڀار يا ٺٺارو هٿ ڏيئي جوڙيندو، تڏهن اهي شيون تيار ٿي سگهنديون. مطلب ته کاڌي پيتي جون شيون، جنجي نه هوندي ماڻهو هڪڙو پل به جيئرو نٿو سگهي، سي محنت کان سواءِ نٿيون هٿ اچن. تنهنڪان پوءِ ٻي درجي جي گهرج جون شيون، ڪپڙا لٽا آهن؛ اهي ته ڪيترن ڏاڪڻن کان پوءِ ٺهن ٿا. جڏهن ڀَراءِ ونڊ پوکجن، ۽ ڪپهه پچائجي، اُها پڃيل ڪپهه ڪتائجي،

۽ وري سٽ ڪوريءَ کان اُڻائجي، ته پوءِ ڪو هڪڙو ٽڪر
ڪپڙي جو مس پيدا ٿئي. بلڪل ضرور رجيءَ جي شيءِ آهن،
سي ته جڏهن هيٺين ڏاڪڻ سان هٿ ٿيءُ اچن، تڏهن اُهي شيءِ،
جي رڳيءَ لذت ۽ عيش جي واسطي آهن، سي ته ڪيڏائي ڏاڪڙا
گهرنديءَ.

بيت.

" پوکين، ٽان ڪي پوکر، جيسين پاڻي آتي پاربر،
وَتَ به ويندي ٿئي نڪري، سُکي ٿيندي ٿئي سوڪ،
جِت لٿندو لوڪ، تت سِڪائيندءِ سنگ لاءِ."

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES GOVT OF SINDH

سبق چوئيتاليهون.

ٻارن کي نصيحت.

ڪوڙ ڪڏهن نه ڳالهاءِ. جڏهن تون ڪا ٻڌل يا ڏٺل ڳالهه
ڪرين، تڏهن تون ٻرا بر اهڙي ڪر، جهڙي ڏٺي يا ٻڌي اٿئي،
۽ اُنکي چڱيءَ ڳالهه ڏاهڻ لاءِ نڪي منجهانس گهٽ ڪر، نڪي
وڌاءِ. جيڪڏهن توکي اُنمان ڪي وسري ويو آهي، ته چئو ته
" مونکي وسري ويو آهي." جي ماڻهو سچ کي پيار ڪندا آهن،
سي ڪڏهن ڇرچي ۾ به ڪوڙ نه ڳالهائيندا آهن.

انجام ڪرڻ کان اڳه چڱيءَ طرح پنهنجي دل ۾ ويچار ڪر.
جيڪڏهن تون چوندين ته آءٌ هيءُ ڪم ڪندس ۽ نه ڪندين،
ته اهو ڪوڙ ڳالهائيءِ؛ پوءِ وري ڪير توتي پت ڪندو؟

ڪوڙي جي ڳالهه جيتوڻيڪ سچي هوندي، ته به اُن تي

کو اعتبار نہ ڪندو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجو گناهه لڪائي ٿو، تہ اهو گويا ٻہ گناهہ ڪري ٿو: هڪڙو اهو، جو اصلي ڪياءِ، ٻيو اهو، جو اُنکي ڇپاياءِ. جڏهن تو کو خطا جهڙو ڪم ڪيو آهي، تڏهن اُنجو انڪار نہ ڪر، توڙي تون ڄاڻين تہ اِنهيءَ جي سزا کان آءٌ ڪين ڇٽندس. جيڪڏهن تون پنهنجي اڳي ڪيل ڪم تي پڇتائيندين، ۽ اُنجي وري ڪرڻ کان دل سان توبہ ڪندين، تہ ماڻهو توتي ڪين ڪاوڙبا ۽ توکي سزا ڪين ڏيندا؛ اُٽلندو اُهي سچ ڳالهائڻ تان توکي پيار ڪندا. جيڪڏهن توکي سچو ڏسندا، ۽ سمجهندا تہ پاڻکي سزا کان بچائڻ لاءِ ٻہ تون پنهنجو ڏوهہ نٿو لڪائين، تہ تڏهن هو توتي هميشہ اعتبار ڪندا، ۽ ڌڻي ٻہ توتي راضي ٿيندو.

سبق پنجيتاليهون.

اُڃايل ماڪوڙي ۽ اُن جي ڀلائي.

هڪڙي اُڃايل ماڪوڙي هڪڙي تلاءَ تي پاڻي پيئڻ ويئي. سا پاڻيءَ جي اُڃ کان ڪنڌيءَ تان اُجهلجي وڃي تلاءَ ۾ پيئي؛ تنهنکي هڪڙي ڪبوتر ڏٺو، ۽ اُنکي رحم اچي ويو؛ تنهنڪري اُن وڻ مان هڪڙو پن ڇني ڪڍي پاڻيءَ ۾ ڦٽو ڪيو؛ تنهن تي ماڪوڙي چڙهي ويئي؛ ۽ پن جڏهن ڪنڌيءَ تي اچي پهتو، تڏهن هوءَ پن تان لهي ٻاهر هلي ويئي. ٻيءَ هڪڙي ڏينهن هِئَن ٿيو، جو اهو ڪبوتر هڪڙي هنڌ ويٺو هو، ۽ اُتي اڳيئي هڪڙي مارئي ڄار وجهي ڇڏيو هو. اُن ماڪوڙي اهو سچو حال ويٺي

ڏٺو؛ تنهن ڪبوتر کي سڃاڻي ھُنکي پيرن ۾ چڪ پاتو، تنهن چڪ کان ڪبوتر سُتت ئي آڏامي ويو، ۽ ڄار ۾ ڦاسڻ کان ڇُٽو. هِن ڳالهه منجهان سمجهڻ گهرجي تہ ٻين تي مهرباني ڪندو رهجي، ۽ پاڻ سان ڪنهن ٿورو ڪيو هجي، تہ اهو يادرکجي، ۽ جنهن مهل وجهہ لڳي، تنهن مهل اُن سان ٿورو ڪري ڇڏجي. ائين ڪرڻ کان خدا بہ راضي ٿو رهي، ۽ ماڻهن ۾ بہ جس ٿو ٿئي.

سبق ڇائيتاليهون.

پيءُ ماءُ جهڙي آلَپ شَي ٻي ڪانهي.

هڪري شهر ۾ اوچتوا ڄي باهہ لڳي؛ اُن ويرواچ بہ ڇوي تہ "اڄ نہ لڳان، تہ ڪڏهن لڳان." باهہ جا اُلا پئي اُڏاڻا، ۽ سيڪي گهٽين ۾ مچ پئي ٻريا، جن مان ڪنهنجي مجال، جو ڪو لنگهي سگهي. تڏهن ڳوٺ جا ماڻهو جيڪي هوا، سي پنهنجون قيمتي شيون کڻيون باهہ کان ٻچيو ٻاهرتي نڪتا. تن سڀني جي وچ ۾ هڪڙا بہ ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا، جن هڪڙو عجب طرح جو بار مٿي تي کڻيو هو. اُهي ٻئي ڀائر وڏا شاهوڪار هوا، پر پنهنجي قيمتي مال متاع بچائڻ جو اُنهنکي خيالئي ڪين ٿيو؛ اُنهن جو پيءُ ۽ ماءُ، جي تمام پوڙها ۽ آکين کان جڏا هوا، ۽ جن جي بچڻ جو ٻيو ڪوئي اُپاءُ ڪو نہ هو، تنکي هنن مٿي تي کڻيو هو. هنن انهيءَ ڪم کي وڏي ڳالهہ ڪري سمجهيو هو؛ پر وڏي عجب جهڙي ڳالهہ هيءَ آهي، تہ جنهن رستي کان هُو پنهنجي ماءُ پيءُ کي وٺي ٿي ويا، تنهنکي باهہ لڳيءُ ئي ڪين هئي، باقي هيڏانهن هوڏانهن ٻيو سڀ سڙي ڪامي ويو هو. ماڻهو ويچارا ٻوڙا هوا، پر پيار ۽ هميان ۽

ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT GOVT. OF SINDH CULTURE

ڳُرڪڙ منجهون گهٽو هو ؛ تن ائين سمجهيو ته اهو رستو ٻاهه ڪان ٻاهر ٻچيو آهي ، سو رڳو انهيءَ ڪري ، ته هو ٻه ڄڻا پنهنجي پيءُ ماءُ کي انهيءَ رستي ڪان نين ، ۽ کين ايذاءُ نه پهچي . تنهنڪري اُن رستي کي " ڏرمشت پَٽُ " ڪري چوندا آهن .

سبق ستيتاليهون .

هو ريان هو ريان سيکي پورو ٿو ٿئي .

آڙي ، هيءُ ڪوهه ڪيڏو اُونهو آهي ! هيڏو اونهو ڪوهه ڪيئن کوٽيو هوندو ؟ ٻڌ ، آءٌ توکي ٻڌايان ٿو : ڪي هڪڙي ڏينهن ، ڪي ٻئي ڏينهن ، ڪي ٽئي ڏينهن کوٽيو ؛ انهيءَ طرح کوٽيو کوٽيو ، نيٺ ايڏو اونهو ڪوهه ٿيو آهي . هيءُ گهر ڪيڏو وڏو آهي ، ۽ ڏس ته ڪيترين سرون ڪٺيءَ هونديءَ ! اڙي ، ايتريءَ سرون ڪئن هڪ ٻئي تي جڙيءَ هونديءَ ! ٻڌ ، پهرين هڪڙي سِر ، پوءِ ٻي ، پوءِ ٽي ، ائين رکندي رکندي جڙيندا ويا آهن . ڏس هيءَ ڪاٺ جو گاڏو ٿو اچي ، هن ۾ ڪيترو بار پيو آهي ؛ ايڏو وڏو بار گاڏي ۾ ڪئن گڏ ٿيو هوندو ، هڪڙي گهري ته ڪنهن سيوئي کين وڌو هوندو . هڪڙي گهري هڪڙي ڀري ، ٻئي گهري ٻي ڀري ، ٽئي گهري ٽي ڀري ، اهڙيءَ طرح گهري گهري ڀري ڀري پوندي ، ايترو سڀ آن گڏ ٿيو آهي . جهڙي دستورِ سنهنجائيءَ سان هو ڪوهه کٽيو آهي ، ۽ گهر جُڙيو آهي ، ۽ گاڏو ڀريو آهي ، تهڙي دستورِ سيکو ڪم ٿو پورو ٿئي . علم ۾ ائين ٿورو ٿورو ڪري سکبو آهي . تون ٻه هڪڙي ڏينهن هڪڙو سبق ، ٻئي ڏينهن ٻيو ، ٽئي ڏينهن ٽيو ، ائين ڪري پڙهندي پڙهندي ، نيٺ ڏاهو ٿيندين . هيءُ

پنهنجو ياد ڪرڻ گهرجي، ته "ڦُڙيءَ ڦُڙيءَ تلاءُ." گهڻا ماڻهو جي ڪو ڏو ڪنهن ڏسن، ته هن جي وڏائيءَ ڪان ڏچيو وڃن؛ ۽ ائين دلگير ٿيا ٿين ته هيءَ ننڍن ننڍن ٽُڪرن مان ٺهيل آهي، ۽ جي اُنهن ٽُڪرن مان هڪڙو هڪڙو ڪٺو وڃي، ته اميد آهي، ته سڄوئي ٺهي پوندو؛ جهڙيءَ طرح مٿين مثالن مان اها ڳالهه ثابت ٿي آهي.

سبق ائيتاليهون.

جيڪي ڪرڻو هجي، سو ڪري وٺ.

جيڪڏهن سرڪار اسان کي سڀني ڏينهن مون هڪڙو ٻجو پنهنجي ڪم ۾ اجوري ڏاران رُنبائي، ته جيڪر چئجي ته هيءَ سرڪار ڏاڍي ظالم آهي. پر ڏسو ته سستيءَ ۽ آرس اسان جو ڪيترو وقت اجائي ٿو وڃائي. سُستيءَ ڪري بيماري ٿي ٿئي، ۽ انهيءَ ڪري عمر ٿي گهٽجي؛ جهڙيءَ طرح ڪِ لوهه اجائين رکي ڇڏجي، ته پيو ڪَٽجي، تئن سُستيءَ ڪان به ماڻهو پيو گهٽجي؛ تنهنڪري جيڪڏهن عمر پنهنجي پياري هجي، ته وقت نه وڃائجي، ڇاڪاڻ جو اهو وقت اهاشي آهي، جنهنکي عمر ٿا چون. جيترو ڪ ضرور آهي، تنهنکان وڌيڪ ماڻهو پنهنجو وقت نڪما ۾ ٿا وڃائين، ۽ اها ڳالهه وساري ڇڏي ٿا، ته نيٺ مُئيءَ ڪان پوءِ سمهڻ لاءِ گهڻوئي وقت ملندو؛ تنهنڪري جيڪا محنت ڪرڻي هجي، سا حياتيءَ ۾، خصوص جوانيءَ ۾، ڪري وٺجي. ڪن سست ماڻهن جي عادت ٿيندي آهي، ته جڏهن ڪو ڪم اڳيان ايندو اٿن، تڏهن هميشه چوندا آهن ته سڀاڻ ڪندا سون؛ پر اها خبر نه ٿي پوين، ته سڀاڻ آسان کي ڪرڻ

جي سگهہ هوندي يا نہ، مٿان مري وڃون، يا آگهاٽي پئون. تنهنڪري چڱو ائين آهي تہ جيڪو ڪم اڄ ٿي سگهي، سو سڀاڻي تي نہ وجهجي، ڇاڪون جو "سڀاڻ" پنهنجي هٿ ۾ آهيئي ڪين، جيڪو "اڄ سڀاڻ" پيو ڪندو، سو بکيو رهندو. جي تون اڄ پورهيو ڪري نہ پوکيندين، تہ سڀاڻي تون ڪٿان لڻي پيٽ پاريندين؟

سبق اٺونجاهون.

لوهہ.

لوهہ جون کاڻيون هندستان ۾ گهڻن هنڌن ۾ آهن. ٻين سڀني ڌاتن کان لوهہ گهڻي ڪم ايندو آهي. هيءَ ڌاتُ گهڻو چڱو نہ آهي، پر هن مان اهڙيون شيون جڙنديون آهن، جن ڌاران پل ہ نہ سري. جيڪر لوهہ نہ هجي ها، تہ اسانجا گهر ٿڙ، توڙي ڪاٺ ۽ پهرڻ ٺهن ئي ڪين ها؛ ڇاڪان تہ لوهہ کان سواءِ ڪرهي ويچارو در جو ڦار ڇاماں ٺاهي ها؟ ۽ جي ڪاٺ جو ٺاهي ها، تہ ڏري ڏري ڀڄي پوي ها، ۽ جي ڦار نہ مليس ها، تہ ٻئي ڪيئن ڪري ها؟ ۽ جي ٻئي نہ ڪري ها، تہ اسين ڇا ڪائون ها؟ اَن ريت لوهہ نہ هجي ها، تہ ڪپڙ بہ ڪين ٺئي ها؛ پوءِ جيڪر ڇا ڍڪيون ها؟ لهار ۽ رازي جا بہ سڀئي اوزار لوهہ جا ٺهندا آهن؛ جيئن تہ، ڪرا، ڪُنڊا، ميخون، ڪِلا، نيسارا، ۽ اهڙيون اهڙيون گهر جوڙڻ ۽ ڪم اچڻ جون ٻيون شيون لوهہ جون ٺيون ٿين. سڀني ڪاريگرن جا وزار، ڇا واڍي جا، ڇا موچيءَ جا، مڙيئي لوهہ مان جڙندا آهن. جنگ جا هٿيار، جيئن بندوق، ترار ۽ ڀالا، سي بہ لوهہ مان جڙن ٿا. لوهہ سڀني ڌاتن کان سخت آهي، پر ڪن ڌاتن کان هلڪو آهي.

لوهه انگلنڊ ۾ آڳرن جي ڪاٺين جي ڀرسان ليٽي ٿو، ۽ اهي اڱر لوهه جي ڪارخانن جي ڪم ۾ ٿا اچن؛ انهيءَ سبب ڪري، انگلنڊ ڏيهه ٻين ملڪن کان ڪَل جي ڪم ۾ سَرس آهي. لوهه کي ڪنهن تجويز سان سخت ۽ صاف ڪري "رڪ" ٺاهين ٿا، جنهنڪري هو ويندڙن ۽ چيندڙن هٿيارن جوڙڻ ۾ ڪم ٿو اچي؛ جهڙيءَ طرح ڪپ، ڪينچون، سيون، ترارون، ۽ ٻيا.

سبق پنجاهون.

ڪمائجي سو سيوئي نه خرچجي.

اسانکي ايترو نڱهرجي، جو محنت ڪري رڳو ڪمايون، پر گهرجي ته جيڪي ڪمايون، تنهنکي چڱيءَ طرح هلايون. جيڪڏهن اسان پنهنجو سڄو وقت چڱيءَ محنت ۾ گذاري ڪمايون، ۽ موتي اُها ڪمائي اجاين خرچن ۾ وڃائي، ته تڏهن اسانکي اهڙو حاصل ٿيو، جو جڻڪ اسان ڪمائي ڪين هو؛ ٻاقي ايترو ٿيو، جو اسان پنهنجا ڏينهن سستيءَ ۾ نه وڃايا، ۽ ڪم ۾ آندا. پر اها گهٽي خرچ ڪرڻ جي اهڙي ٻچڙي چال آهي، جو گهڻئي پيرا ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ آيو آهي، ته اهڙيءَ عادت وارا هزارين ماڻهو، جن پنهنجا مال متاع لُٽي ڦري پرائي مال ۾ اکيون وڌيون، سي قيد ۾ وڃي سو گها ٿيا. ڏاها ماڻهو چوندا آهن "جن پنهنجيءَ ڪمائيءَ مان ڪجهه جيترو اهنجيءَ ويل ڪاڻ بچائي رکيو آهي،" سي انسان آهن؛ ڇا ڪاڻ جو انهن پنهنجيءَ دورانديشيءَ ڪري اڳ جي لاءِ پنهنجو سمر گڏ ڪري رکيو آهي؛

SINDH ARCHIVES CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT GOVT. OF SINDH

۽ جن جيترو ڪمايو، اوترو سڀ خرچيو، سي مرون سڌيا.
پر جنهجي ڪمائي ٿوري ۽ خرچ ٻيڻو ٽيڻو آهي، اهي ته مرن ڳاڻ
۾ پري آهن." هي ڳالهه رڳي انهيءَ مال سان لاڳو نٿي ٿئي،
جو پنهنجي پورهي سان ڪمائي گڏ ڪجي، پر سڀڪنهن مال
سان لاڳو آهي، جو ڪنهنبهطرح ۾ مالڪ کي مليو هجي ۽ ڇاڪاڻ
ته جيڪڏهن ڪو چوندو ته "مونکي پنهنجي پيءُ جي ڪَتي ملي
آهي، ۽ اجايو خرچ ڪيم ته ڇا ٿيو؟" ته هو بيوقوف آهي ۽ ڇاڪاڻ
جو خبر نٿي پويس، ته سڀتئي ڪُتاجي پوندو، ۽ پوءِ پنهنجي پيٽ
پالڻ لاءِ ڪمائڻو پوندس ۽ تنهنڪري اسانکي گهرجي، ته
پنهنجي آپت آهر خرچون، ۽ جيڪي ڪمايون، سو سڀوئي نه
خرچون، سداءِ ڪجهه پنهنجي ڪتيءَ مان پاڃي رکندا
وڃون، ته آهنجن ڏينهن ۾ اسانکي ڪم اچي. چوائڻ ته اهو
کي ڪجي، جو ميڻهن وسندي ڪم اچي." پر سڀ کان
چڱي هيءَ ڳالهه آهي، جو اجائي خرچ کان ڪنهن ڏُکئي کي
پيسو ڏجي، ته اهو ثواب جو ڪم آهي.

سبق ايڪونجاهون.

دان ڪئن ڪجي؟

ولايت ۾ ڪڙا اهڙا خيراتي ڪارخانا آهن، جن ۾ انڌا،
مَنڊا، ٽُنڊا، ۽ ٻيا محتاج جي پنهنجي پورهي سان پيٽ پاڙي ٿا سگهن ۽
يعني اُنهنکي اهڙن ڪمن ۾ ٿا لائين، جن ۾ هٿنجي وَڏن عضون
جو ضرورتي ڪو نه ٿو ٿئي ۽ مثلاً، انڌن کي اهڙو ڪم ٿا ڏين،
جو هو اکين کان سواءِ هٿن پيرن سان پورو ڪري سگهن. اهڙو

هڪو دستور اِجا هندستان ۾ ڪونہ پيو آهي؛ تنهنڪري گهڻن محتاجن ماڻهنکي هوند وارن ماڻهن جي خيرات تي گذارڻو ٿو پوي. هاڻي هوند وارن ماڻهن کي اِئين سمجهڻ گهرجي، تہ جڏهن ڏاڍي اسانکي سُکيو رکيو آهي، تڏهن ٻيا جيڪي پاڻ جهڙا پراڻي محتاج آهن، اُنهنجي اسين نظر رکون؛ ڇاڪاڻ جو جڏهن هو پاڻ ڪمائي نٿا سگهن، تڏهن اُهي ٻين جي ڪمائيءَ مان فائيدا؛ تنهنڪري محتاجن کي کارائڻ، پيارڻ، ۽ ڍڪائڻ وڏو پُنُ آهي، ۽ ٻين اجاين خرچن ۾ پيسن وڃائڻ بدران هيءُ چڱو واپار آهي. هنجو عيوض ڏاڍي ڏيندو؛ پر جي ٻئي ٻوڪي پيئي هاجي، تنهن ۾ ٻيو ٻج پوکاجي، تہ هو ٻج اجايو وڃي؛ تهڙيءَ طرح جيڪو سُکيو هجي، يا جنهنکي گهُرج نہ هجي، تنهنکي ڪي خيرات جي وات سان ڏجي، تہ اجايو آهي. اُهو جيڪي هنکي ڏبو، سو جيڪڏهين ڪنهن بُکيءَ ڏکيءَ کي ڏجي، تہ وڏو پُنُ ٿئي: اُهو ويچارو پنهنجو پيٽ ڀاڙي دعا ڪندو.

سبق ٻاونجاهون.

چٽونءَ جا ٻچا.

هڪڙو ماري هڪڙي آکيڙي مان چٽونءَ جا ٻچا ڪڍي ويو؛ تن منجهان هڪڙو ٻچو تہ وڃي هڪڙي چڱي ماڻهوءَ جي گهر وڪياءِ، ٻيو وڃي هڪڙي خراب ماڻهوءَ جي گهر وڪياءِ. پهرئين چڱي ماڻهوءَ جي گهر ۾ جهيڙي ۽ گارين جو ڀتيءَ وهنوارئي ڪونہ هو؛ ڪوئي ٻاتي ڪنهن ٻئي کي ڪڏهن ۾ ٻچڙو نہ گاليائيندو هو. ماڻهو ايندو هو، تہ اُنکي چڱيءَ طرح ڪري

سڏيندا ها، ۽ جهڙو مانُ ڏيندا هوا. هو ڇتون هتي ئي سڀ لاڇڻ سکيو. پر هن خراب ماڻهوءَ جي گهر ۾ ته ڏهاڙي گهڻي، ڪلڪل، ۽ گاريون گند، ۽ لچائي لڳي پيئي هئي؛ تنهنڪري ٻيو ڇتون اهي سڀئي ڳالهيون سکيو. اُن ڏينهن جو بادشاهه هڪڙي ڏينهن اُنهيءَ ڇڱي ماڻهوءَ جي گهروٽان اچي لنگهيو، ته ڇتونءَ بادشاهه کي ڏسي آدر ڀاءُ ڪيو، ۽ مٺيون ڳالهيون ڳالهائڻ لڳو؛ تنهن تي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو. پر جڏهن بادشاهه اڳتي ويو، تڏهن هن ٻئي ڇتونءَ ڏسي هنکي گاريون ڏنيون. بادشاهه ڪجهوئي ڪيمکي، ۽ عجب ۾ پئي ويچار ڪندو هليو ويو. نيٺ ڳڻتي ڪري ايترو سمجهيائين، ته هو ٻئي ڇتون هڪڙي قسم جا پکي آهن؛ پر هڪڙو ڇڱيءَ صحبت ۾ رهيو آهي، تنهن مان ڇڱا لاڇڻ پرايا اٿس، ۽ ٻيو بڇڙيءَ صحبت ۾ رهيو آهي، اُتان بڇڙا لاڇڻ سکيو آهي. چيو اٿن ته "جهڙي صحبت، تهڙو اثر" ٻِئن ٻه چيو اٿن، ته "ڪارو وهي ڪَري وٽ، ته جي رنگ نه مَٽائي، ته عادت مَٽائيءَ مَٽائي." چوڪرن کي گهرجي ٻڇڙن جي سنگت کان پاڻ بچائينِ، ۽ ڇڱن جي سنگت ڪن، ته ڇڱا لاڇڻ پرائينِ، ۽ سڀڪنهن هنڌ آدر پائينِ، ۽ مان لهنِ، ڇاڪاڻ جو ڇڱيءَ رهت وارو ۽ سلڇڻو ماڻهو سڀڪنهن کي پيارو لڳندو آهي.

سبق ٽيونجاهون.

بندگي ڪر.

بيت.

"ساري رات سُجاڳ، سُودو ڪن صاحب سٻن،

ٻانهپ ٻري ٻيڙيون هليا جوپ جوان،
"پاڙ پهلوان، لاهڻي ۾ لنگهي ويا."
ٻانهپ جو ٻيڙيءَ ۾ وڳر وڌائون،
موتي جي * مهران جا، سي سچا سودائون،
ڇڳي ڪَت ڪَٽيائون، اُنهيءَ برڪت آءٌ پار لنگهان!"
"وِيا جي عميق ڏي مُنهن ڪائي ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪڍيون ٻاتاران پيهي،
پسندا سيئي، اُملَ آڪڙين سين."
"جيڪي منجهه جهان، سو ‡ تاريءَ تڳي تُنهنجي،
لطف جي، لطيف چوي، ٽووٽ ڪمي ڪانهِ،
عدل ڇُڏان آءٌ نه، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو."
"جيڪي منجهه جهان، سا سڀ صفت تُنهنجي،
قادرَ تُنهنجيءَ قدرت جا، مڙيئي مڪان،
پدمن ڪان پري ٿيا، تو آڳي جا احسان،
ظاهر سان زبان، ڳُڻي ڳُڻيان ڪيترا."
"ساري رات سُبحانُ، جاڳي جنهن ياد ڪيو،
اُنهيءَ، عبداللطيف چوي، مٽيءَ لڌو مانُ،
ڪوڙئين ڪن سلام، اچي آسڻِ اُنهيءَ."

سبق چوونجاهون.

ٻُڪين تي ٻاجهه ڪر.

هڪڙيءَ جو ڪرِ تهنجي دَرَجي ٿُٻي اڳيان ويني ماني کاڌي؛

---

* مهران، يعني سمنڊ. ‡ تاري، يعني ترو سو. جوپ، يعني مضبوط.

تنهن مهل هڪڙي ڇوڪرا جي اُتي مدد ڪئي، جو پيڙ پيڙ ۾
سرندو ٿي آيو. هو پٽ کي ٽيڪ ڏيئي، ٻنهي هنجي پٽاٽن ڏي
واجهائڻ لڳو؛ تڏهن ڇوڪرهن کان پڇڻ لڳي ته "تون نا ڇڱو
آهين ڇا؟" ڇوڪرَ ورندي ڏني ته "نه، باقي آءٌ ڏاڍو بکيو آهيان.
مونکي ڪالهان کرهڪڙو مانئي جو ٻورو ڪو نه مليو آهي.
آءٌ ڇورو آهيان، منهنجو ماءُ پيءُ ٽورن ڏينهن کان مري ويا آهن،
۽ آءٌ بکر پيو ڪيان؛ تنهنڪري هنئر اهڙو هيڻو ٿيو آهيان، جو
اڳتي پير ڪڻي نٿو سگهان." هوءَ ڇوڪرِ جا دل جي ٻاجهاري هئي،
تنهن رکابئ ۾ پٽاٽا وجهي هنکي اڳي ڪري ڏنا، ۽ چيائينس ته
"ڇوڪرَ، هي کاءُ." هو سگهوئي کائي ويو. تڏهن هن ڇوڪرِ
موٽي چيس ته "آءٌ سمجهان ٿي ته توکي اڃان بُکر آهي." تڏهن
ڇوڪر چيو ته "هائو، مونکي بکر آهي، پر آءٌ ڄاڻان ٿو، ته جي
تون مونکي وڌيڪ ڏيندينءَ، ته تنهنجي لاءِ پورت نه پوندي."
تڏهن ڇوڪرِ ورندي ڏني ته "منهنجي بُکر اهڙي نه آهي، جهڙي
تنهنجي آهي." ائين چئي، سب پٽاٽا ۽ روٽي کڻي اُنجي
اڳيان رکياءِ، ۽ خوشي سان هنکي کارايائ. هو ڇوڪر کائي ڍائو ۽
جڏهن هلڻ چلڻ جهڙو ٿيو، تڏهن گهمندي گهمندي وڃي هڪڙي
مالواري وٽ نوڪر بيٺو. جيڪڏهن هوءَ ڇوڪر هنکي نه کارائي ها،
ته جيڪر هو ڇوڪر نوڪريءَ ڪرڻ لاءِ الاجي جڙو هجي ها يا نه.
ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي گُهرجي، ته بکين تي رحم کائين، ۽
پنهنجي پُڄندئ آهر اُنهن کي کارائين پيارين، ته ڌڻي انهن
تي رحم ڪري.

سبق پنجونجاهون.

چندن.

چندن جا وڻ چين ولايت ۽ ملبار جي ضلعن ۾ گھڻا ٿيندا آهن.
ٻين ڪيترن هنڌن ۾ ٻه هيءُ وڻ ٿيندو آهي، پر اُچو ۽ قيمتي چندن
سو انهن مٿين هنڌن ۾ ٿيندو آهي. چندن جو وڻ گھڻو ڪري
جھنگ ۾ ٿيندو آهي، پر ڪن هنڌن ۾ هوند وارا ماڻهو، سونهن ۽
خوشبوءِ جي واسطي، پنهنجن باغن ۾ پوکيندا آهن. هيءُ وڻ جڏهن
وڏو ٿيندو آهي، تڏهن هنکي وڍي ٽڪر ٽڪر ڪري، اُهي ڌرتيءَ
۾ پوري ڇڏيندا آهن، ۽ ڪن ڏينهن پڇاڙان اُنهن کي ٻاهر ڪڍي،
ڇلي صفا ڪندا آهن؛ ۽ جهڙي جهڙي رنگ، ۽ جيتريءَ جيتريءَ
تور جا هوندا آهن، اُهڙيءَ اُهڙيءَ طرح جا ٽڪر ڌار ڌار ڳنڍڙين ۾
ٻڌندا آهن. جي ٽڪر ڳاڙهيرڙا ۽ تور جا ڳرا ٿيندا آهن، ۽ منجهن
خوشبوءِ ۾ گھڻي ٿيندي آهي، سي مهانگا ٿيندا آهن. چندن
گھڻو ڪمائتو آهي؛ اُن مان پيتيون، دٻلا، پکا ۽ ٻيون گھڻيون
شيون جوڙيندا آهن. چندن جا ٽڪر گھڻي خوشبوءِ واسطي پنهنجي
ٻت کي لائيندا آهن؛ ۽ چندن جي ڪاٺي پاڻيءَ ۾ گھَي نراڙ کي
لائجي، ته مٿي جو سور لهي وڃي. جڏهن ماڻهو ڇورون هٽائي
رهندا آهن، تڏهن ڏنگن پڇاڙڻ ۽ ٿڌاڻ لاءِ چندن جي ڪاٺي گھَي
ڏنگن تي لائيندا آهن. چيني ماڻهو وڏن ماڻهن جا مڙه چندن جي
پيٽين ۾ وجھي پوريندا آهن. چيني ماڻهو هنجي ڪاٺيءَ مان
طرحين طرحين جون شيون جوڙي وڪڻندا آهن. چندن مان تيل
ڪڍندا آهن، تنهنکي "صندلي عطر" ڪري سڏبو آهي. ڦرڙيون

تين، يا لڳن تي آرايون نڪرن، تنکي ھيءَ تيل لائجي، ته ڏاڍو فائدو ڪري. جندن دوائن واسطي ڪمائنتو آهي. خدا تعاليٰ جاهن وڻ ۾ هيتري خوشبوءِ پيدا ڪئي آهي، تنهنڪري ملبار جي ضلعن جي رهندڙن ماڻهن جو اُن تي وڏو واپار تو هلي، ۽ اُن مان اُنهن ماڻهن جو گذران ٿو ٿئي.

سبق ڇاونجاهون.

ٻيڙي ۽ جهاز.

ڪنهن شهر ۾ وڃڻو هجي، ۽ وچ ۾ ڪي تاءُ وڏو پاڻي هجي، ته ٻيڙيءَ يا جهاز يا آگبوٽ جي اُپاءَ سان پار وڃي سگهجي ٿو. ڪاٺ جا ٿلها وڏا تختا هڪ ٻئي سان ڳنڍي ٻيڙي جوڙيندا آهن، ۽ اُنھ ڪوٺيون ۽ دريون رکندا آهن. ڪاٺ پاڻيءَ کان هلڪو آهي، تنهنڪري جيستاءِ پاڻي مٿانس وري نه ويندو، تيسين ٻيڙي پاڻيءَ تي پيئي ترندي؛ ۽ جي پاڻي مٿان وري ويس، ته پوءِ اُنهيءَ ساعت ٻڏي ويندي. ٻيڙيءَ جي مٿان تمام ڊگهيءَ چادر وانگر جو ٿلهو ڪپڙو ٻڌل ٿيندو آهي، تنهنکي "سڙه" چوندا آهن. ٻيڙي گهڻو ڪري اُنهيءَ جي واهر سان هلي ٿي. جڏهن هيءَ سڙه اُکيلي ڇڏيندا آهن، تڏهن واءُ جو لڳندو آهي، تنهنجي زور سان ٻيڙي هلي ويندي آهي. واءَ جي زور سان ٻيڙي بعضي سو سو ڪوه هڪڙي ڏينهن ۾ لتاڙي وڃي؛ جي واءُ نه هجي، ته ونجهه جي زور، يا ڳن جي واهر سان هلائيندا اٿس. ٻيڙيءَ واري کي "مهاڻو" يا "ميربحر" ڪري سڏبو آهي. جي ڪشتي هنکي ٻيڙي ٻهارڻي ٿيندي آهي، ته هو هڪڙي ڳري لوهه جي شي، جنهنکي "ناتاري"

چوندا آهن، ۽ جا ڪنهن زنجيريا ڏاڍيءَ رسيءَ سان ٻڌل هوندي آهي، سا ڪنڌيءَ تي يا پاڻيءَ ۾ اُڇلائي ڇڏيندو آهي، ته ٻيڙي اُتي جو اُتي بيٺي رهندي آهي. جهاز هڪڙي تمام وڏي ٻيڙي آهي، جنهن تي اٺ، ڏهه، ٻارهن سڙه هڪدم چاڙهيندا آهن. جهاز گهڻو ڪري وڏي سمنڊ ۾ هلندا آهن. آگبوٽ هڪڙو جهاز جو قسم آهي. انهن ٻنهين جو ٻاهريون توڙي اندريون ڏول مڙيوئي هڪاجهڙو آهي؛ رڳو هيءُ ويڇو آهي، جو آگبوٽ ٻاڦ جي واهر سان هلي ٿو، ۽ جهاز واءَ جي زور سان؛ آگبوٽ پنهنجي مرضيءَ تي تِکو ڍِلو، ميڏانهن هوڏانهن هلائي سگهجي ٿو، پر جهاز پنهنجي وسِ نٿو رهي.

سبق ستونجاهون.

لومڙ.

ڪُتي جهڙن مرن مان لومڙ ۾ هڪڙو جو پيرو مرون آهي. هيءُ گهڻو ڪري دنيا جي سيني هنڌن ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هنجو رنگ ڀُورو ٿيندو آهي؛ هنجا ڪَن ڪڙا ۽ نوڪدار ٿيندا آهن؛ ۽ اُنجو پڇ سنهون ٿيندو آهي، تنهنجي چوٽي گهڻو ڪري اڇي ٿيندي آهي. هيءُ سداءِ جُهن ۾، توڙي ڌرتيءَ جي ٻرڙن ۾، يا ٽڪرين جي اونهن غارن ۾ رهندو آهي. هي ڏينهن جو پنهنجي رهڻ جي هنڌ کان ٻاهر ڪڏهن ڪين نِڪرندو آهي؛ ۽ رات پوڻ مهل ڪين، ته ڏرڇڏي پنهنجي کاڄ ڳولڻ لاءِ ٻنين ۽ جهنگلن ۾ وڃي گهمندو آهي، ۽ صبح جي سهائيءَ سان موٽي وڃي پنهنجيءَ جاءِ تي آرامي ٿيندو آهي. هيءُ سهن ۽ ڪُڪڙن ۽ ڪُئن تي گذاريندو آهي

ائين چوندا آهن، تہ هنجو آواز ڪُوڪَ جهڙو آهي. چيتو ٽيڪ لومڙ ڪُڪڙ ۽ ٻيا گهُرو پکي کڻي ويندو آهي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ڇيلا بہ کڻي ويندو آهي، اهڙو زيان خور آهي، پر اُنهان ماڻهن کي فائدو بہ گهڻو ٿو پهچي؛ ڇاڪاڻ جو گهڻن زيان ڪندڙن جانورن کي ناس ڪندو آهي. هن جي کَلَ، جا ڪُنڍري ۽ ڪوسي ٿيندي آهي، تنهن منجهان دستانا جڙندا آهن، ۽ سياري جي ڪپڙن کي اُنجا آستر وجهائيندا آهن. لومڙ کي، شڪار وٺڻ لاءِ ۽ پاڻ کي ويريءَ کان بچائڻ لاءِ، ايتريون ڪيتريون ياد آهن، جو ٻئي ڪنهين جانور کي نہ آهن. جڏهن ڪنهن چالاڪ ۽ تَريناڪ ماڻهوءَ جي ساراهہ ڪبي آهي، تڏهن چئبو آهي تہ "اهڙو بازيخور آهي، جهڙو ڪ لومڙ."

سبق اڻونجاهون.

هٺ نہ ڪر.

بيت.

" * هوڏ وڃائي حليم ٿيءُ، ڪر صبر لهي ‡ ساءُ،
ڪاٿي هوڏ منجهان، ڪنهن پرايو ڪينڪي.
هوڏ جي پاڻ پَلين، آءٌ قربان اُنهن تان؛
جڏهن ڪڏهن جڳ ۾، هوڏي هارائين؛
مٺو جي ٻولين، ڪِتَن سي سنسار ۾."
"ٻِدا * گيرب جو ڪرين، وِت پهنجو ساڙ؟
ٻَڌي ٻن ڪاٺين تي کڻي هلندءِ چار،

* هوڏ، يعني هٺ. ‡ ساءُ، يعني مان ۽ لذت. * گيرب، يعني فخر.

ساري منهجهان سنسار، سمر ڪڇ پار سان."

"هئي، هٿ نه وار، مٿان ڏسين ڏکر ڏهاڳ جو،

جڏي خيال خالق جو، گهر پنهنجي ۾ گهار،

ته لنگهي پئين پار، ڏسين سکر سهاڳ جو."

سبق اٺهئيون.

چوري ڇا آهي؟

جڏهن ڪڙو ماڻهو پرائي ته ٻئي جي شي پنهنجي هٿ ۾ آڻيان، تڏهن پهرئين ڪي ٻئي جي هن شي کان موڪل وٺڻ ضرور آهي؛ ۽ جي هو وڪڻي، ته هن کان ملهه سان ڳنهڻ گهرجي؛ پر جي هو وڪڻڻ جي نه ڪري، يا موڪل نه ڏئي، ته ڪنهين طرح به اها چپ ۾ اها شي، جا ٻئي ڪنهنجي ملڪيت هجي، سا پنهنجي هٿ ۾ آڻڻ نگهرجي؛ ڇاڪاڻ جو اهڙي ڪم کي "چوري" چئبو آهي، ۽ اهڙي ڪم ڪندڙ کي "چور" سڏبو آهي. خداتعاليٰ به فرمايو آهي ته "ڪنهين کي چوري ڪرڻ نگهرجي، ۽ سڀڪنهن کي چوريءَ کان پنهنجا هٿ آجا رکڻ گهرجن." ڪي چوڪر ڪنهنجي وجايل شي لهندا آهن، ته اها هو پاڻوٽ رکي ڇڏيندا آهن؛ پر جيڪا شي هولهن لڌا، سا ضرور ڪنهنجي ملڪيت هوندي. مالڪ کي اها شي موٽائي ڏيڻ گهرجي، ۽ اُنجي عيوض هنڪان ڪي به وٺڻ نه گهرجي؛ اها شي پاڻوٽ رکڻ، سو به هڪڙو چوريءَ جو قسم آهي. جڏهن اسانکي چوري ڪرڻ نگهرجي، تڏهن اسانجي پاڙي وارن جيڪي پنهنجي ٻورهي ۽

سُپت سان حاصل ڪيو هجي، تنهن تي ريس ۽ ساڙ ڪرڻ نه گهرجي.

سبق سٺيون.

پنهنجي سر پورهيو ڪجي.

هڪڙي ماڻهوءَ کي هڪڙي ٻني هئي، جنهن مان ٻارهين مهنين ۾ هزار روپين پيدا ٿيندو هوس؛ پر انهيءَ هوندي به اُنکي ڏاڍو احتياج ٿيو، جو اڌ ٻنيءَ جو وڪڻي ڇڏيائين، ۽ باقي آڌ دڪڙي کُڙميءَ کي پنجن ورهن تاءِ لاپي تي ڏنائين. هن سياڻي ڪُڙميءَ اجا تي فصل ئي ڪين ڪنيا هوا، ته اچي زميندار کي چيائين ته "ٻني جيڪڏهن توهين اها خرچيندو، ته آءٌ وٺندس." تڏهن ٻنيءَ جو مالڪ اها ڳالهه ٻُڌي اُنکي چوڻ لڳو ته "اچرج جي ڳالهه آهي، جو ٻني ڪي ورهه ساڃي منهنجي هٿ ۾ هئي، ۽ اُن تي ڪي محصول به نٿي ڏنم، تڏهن به مونکي پورت نه پيئي: ۽ توکي اُن مان اڌ ڏنو اٿم، ۽ اُنجو لاپو به ڀرين ٿو، تڏهن به اهڙو شاهوڪار ٿيو آهين، جو ٻني ڳنهڻ ٿو گهرين." تڏهن ڪڙميءَ ورندي ڏني ته "توهانجي ٻنيءَ ڪمائڻ ۽ منهنجي ٻنيءَ ڪمائڻ جي وچ ۾ رڳو هنن ٻن لفظن جو ڦير آهي، جو توهين چئو 'وڃ'، ۽ آءٌ چوان 'اچ'." تڏهن ٻنيءَ جي مالڪ اُنهن لفظن جو ارٿ پڇيس. هن چيو ته "توهين عيش ۽ خوشين ۾ پنهنجن پلنگن تي ليٽو، ۽ ماڻهن کي چئو ته 'وڃي پورهيو ڪريو'؛ ۽ آءٌ پنهنجي سر صبح جو سويرو پنهنجن ماڻهنکي هڪل ڪريان ته 'اچو، ته هلي پورهيو ڪريون'، ايترو تفاوت آهي." مطلب هيءُ، ته ڪوئي ڪم پنهنجي سِر ڪبو، ته ٿيندو؛ پنهنجي هٿ کان سواءِ ٻيو سڀ ڪوڙ آهي.

سبق ايڪهٺيون.

پکي.

پکي ساھ وارن جو هڪڙو قسم آهي، جو هوا ۾ اُڏامڻ ڪري ٻين جانورن کان ڌار ليکجي ٿو. اُنجو جسم اُڏامڻ جي ڪم لاءِ چڱو ٺهيل آهي. چوپاين جانورن جي وڏي مٿي، ڳورين ڏاڙن، اُنهين پاسرين، ڪشادين ڇاتين، ۽ گوشت وارين ٽنگن جي بدران، پکين کي ٻوري ۽ نوڪدار چُهنب، ڊگهي ۽ ورندڙ ڳچي، ٿورو ڦوڪيل بدن، پکڙيل ڪنب، نوڪدار پڇ، نازڪ رانون، ۽ هلڪا هڏيءَ وارا پير آهن. هنجو بت کنڀن سان ڍڪيل آهي، جي هن جي واسطي هڪڙي پوشاڪ آهن، جا هلڪي ۽ گرم آهي، ۽ پچڻ جهڙي نہ آهي. هنجون ڪنيڙاتيون هلڪيون آهن، ۽ سندس بت کي هوا مان تکي نيڻ ڪاڻ مضبوط آهن. پکين جون هڏيون پوريون ۽ پتريون آهن، سندن سڀئي عضوا (پرن کي هلائيندڙن عضون کان سواءِ) نازڪ آهن. هنس پکي پنهنجن پرن سان ماڻهوءَ جي ٽنگ ڀڃي سگهي ٿو؛ ۽ عقاب هڪڙي ڏکي سان ماڻهو ماري سگهي ٿو. پکين جي کنڀن جهڙي هلڪي ۽ مضبوط ڪا شَي ماڻهن کان جُڙي نہ ٿي سگهي. پکين جي نگاھ ٻين جانورن کان تکي آهي. هوشياريءَ، يادگيري ۽ سمجهہ ۾ هو چوپاين جهڙا آهن. پکين جا آکيڙا پٽن، ۽ تارين، ۽ ڪکن، ۽ مٽيءَ، ۽ جانورن جي وارن سان وڻن ۾، ۽ زمين تي، ۽ اڏاوتن جي پورن ۾ حيرت جهڙا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. سڀڪنهن قسم جا پکي پنهنجي دستور موجب پنهنجا آکيڙا ناهين ٿا.

سيئي پکي آنن منجهان ڦُٽي نڪرندا آهن، جي آنا ماڏُون ٻچن جي ڦُٽي نڪرڻ تائين گهڻيءَ خبرداريءَ سان پنهنجن کنڀن هيٺ سنڀاليندڙيون آهن؛ ۽ اُنهن کي جيستائين پَرَ کان يا ٻُڪر کان ساهه مُٺ ۾ نه ايندو آهي، تيستائين اُهي پنهنجن ٻچن کان پاسو ڪين ڪنديون آهن. ڪي پکي اناج کائين ٿا، ۽ ڪي گوشت. گوشت کائيندڙ پکي اُڏامڻ ۾ تکا آهن؛ اُنهن کي ڏنگيون ڇُنبون ۽ زوراوارا چنبا آهن. اُنهن جي عادت هيڪلي رهڻ جي آهي. اناج کائيندڙ پکي نرم ۽ مائيٽا ۽ صحبتي آهن. اناج کائيندڙن پکين منجهان ڪي پکي پالبا آهن؛ جهڙوڪر ڪُڪڙ، ٻدڪ، ۽ ٻيا.

سبق ٻاهٺيون.

پکين کي آکيڙن مان نه ڇوڙاءِ.

ٻچو ۽ ڀيڻيو ٻئي ڀائر هوا. ٻچو ستن ورهن جو هو، ڀيڻيو پنجين ورهين جو. ٻچو سياڻو ۽ چڱيءَ طبع وارو ڇوڪر هو؛ ڀيڻيو به چڱو هو، پر هو اڃا عمر جو ننڍو هو، ۽ گهڻو عقل ڪو نه هوس. هڪڙي ڏينهن اُهي ٻئي ڇوڪر جهنگ ۾ گهمڻ ويا؛ اُتي ڀيڻيي هڪڙي پکيءَ جو آکيڙو وڻ ۾ ڏٺو؛ ۽ اڃا هو وڻ کي ويجها ٿيا، ته اُن آکيڙي جا ڏٺي، نر ۽ مادي، ٻئي هنن کي ڏسي آکيڙو ڇڏي ويا، ۽ ڪجهه جيتري پنڌ تي ويهي پُڪارڻ لڳا. هنن آکيڙي ۾ ڏٺو ته ٻچا پيا هوا، جنکي اُنهن جي ماءُ پيءُ چوڳو پي ٿي ڏنو. ڀيڻيي چيو ته "هي ٻچا کڻي گهر هلون." ٻچي چيو ته "بابي مونکي چيو هو ته 'پکين کي آکيڙي مان ڇوڙائڻ وڏو پاپ آهي'، ڇا ڪاڻ جو پکي پنهنجن ٻچن تي اهڙو پيار ڪندا آهن، جهڙو

اسانجا ماءُ پيءُ اسان تي ڪندا آهن. جيڪڏهن هنن جو ٻچو ڪاٿي وڃي ٿو، ته هو ايترو آرمان ٿا ڪن، جيترو ڪ پاڻ جيڪر گهرمان ڪاٿي وڃون، ته اسانجا ماءُ پيءُ ڪن. ۽ هنن جي ٻه ماءُ پيءُ سنڀال ٿا ڪن: ڏس، ته اسين هن وڻ وٽ آيا آهيون، ته هنن جا ماءُ پيءُ هتان ساهه جي ڊپ کان ڀڄي پري ٿيا آهن، پر اُنهنلاءِ اُجهي پيا ڏانهون ڪن؛ ڇا ڪاڻ جو اُنهن جي دل ۾ ائين آهي، ته شايد اسين سندن ٻچا چورائي ٿا وڃون. پنهنجي اولاد جو ڏاڍو سواد آهي، تنهنڪري اُنهن کي سندن آکيرن ۾ ڇڏڻ گهرجي." ٻنهي کي اِنهي ڳالهه جي اڳي خبر ڪا نه هئي، پر جڏهن ٻاڻس ٻڌايس، تڏهن هنکي پڪ ٿي ته اِها ڳالهه درست ائين آهي. جيڪي سپاٽا ۽ سُورا ڏا چوڪر ٿيندا آهن، سي ٻين جي حال تي رحم ڪا ٿيندا آهن، ۽ وڏن جي ڳالهه مڃيندا آهن.

سبق ٽيهنيون.

ڪهڙي شي مهانگي آهي؟

اُستاد-ڇوڪرا، تون سمجهين ٿو ته سون ۽ رپي جو مله لوهه کان ڇا ڪاڻ وڌيڪ آهي؟

شاگرد - سون ۽ رپو لوهه کان گهڻو ڪمائتا آهن.

اُستاد- اِئين آهيئي ڪين؛ ويچار ڪري ڏس، ڪاريگرن جا سيئي اوزار، جئن ته واڍڪا، موچڪا، لُهارڪا، ۽ ٻيا، اِهي سڀ لوهه جا جڙيل آهن. جيڪڏهن آسانوٽ ڪپ، ڪينچون، ڪوڏاريون نه هجن ها، ته جيڪر

ڏاڍا ھلاڪ ٿيون ھا، ۽ جيڪڏھن اھي اوزار سون ۽ رُپي جا جوڙيا، تہ ڪنھين نہ ڪم جا ٿيندا، ۽ جھڙا لوھ جا ٿيندا، تھڙا ٻيءِ ڪنھين بہ شيءِ مان ڪين ٿيندا؛ تڏھن تون ڪيئن ٿو چوين تہ سون ۽ رُپو لوھ کان گھٽ ڪمائتا آھن؟ پر جيڪڏھن ڪمائتا ھجن ھا، تہ ائين نہ آھي، جو سيڪا ڪمائتي شيءِ گھڻي مُلھہ واري آھي؛ ڇا ڪاڻ جو پاڻيءَ ۽ واءُ جھڙي ٻي شيءِ ڪمائتي آھيئي ڪا نہ ڪا؛ اُنھن کان سواءِ جيڪر اسين پل بہ نہ جيون؛ تڏھن بہ گھڻن ھنڌن ۾ انھن شين جو ملھہ ئي ڪو نہ آھي: يعني، انھن ڪاڻ جيڪر ڪو ڪوڏي بہ نہ ڏئي؛ تنھنڪري تنھنجي اھا سمجھہ، تہ ڪمائتي شيءِ مھانگي ٿيندي آھي، غلط آھي.

شاگرد- اُستاد، تڏھن متان ائين ھجي، تہ سون ۽ رپو وڏن ڏاکڙن سان ھٿ ٿا اچن، تنھنڪري اُنھنجو مُلھہ وڌيڪ آھي.

اُستاد- ائي وراڻي بہ پوري نہ آھي؛ ڇا ڪاڻ تہ جو ڪي ڪي پھڻ اھڙا آھن، جنجي لھڻ ڪاڻ ورھن جا ورہ گھرجن، يا ڪا سمنڊ جي تري ۾ مڃي ھوندي، جنھنجي ولڙھ ھزارين خوف ۽ دقتون ھونديون؛ پر جي اھي پھڻ يا مڃيون ڪنھن ڪم جون نہ آھن، ۽ سونھن بہ ڪانھين، تہ پائي بہ ڪو نہ وٺندو. بعضي پھڻ آھن، جھڙوڪ ياقوت، زمرد ۽ ٻيا؛ جيتوڻيڪ اھي ڪمائتا نہ آھن، پر منجھن سونھن آھي، تنھنڪري گھڻو ملھہ ٿا لھن. تڏھن ائين سمجھڻ گھرجي،

تہ ڪائي بہ شي تڏهن مهانگي ٿي ٿئي، جڏهن ماڻهن
کي ڪمائڻي ٿي ٿئي، يا اُنجي سونهن ڪري ماڻهو
اُنکي پاڻوت رکڻ گهرن ٿا، ۽ اُنجو پڙپڙ بہ اهڙجو آهي ۽
چاڪاڻ جو پئسيفڪ وڏي سمنڊ ۾ ڪي اهڙا ٻيٽ آهن،
جتي لوہ تئيثي ڪين ڪي؛ اُتي جا ماڻهو هڪڙي لوہ
جي ڪلئي واسطي جيڪر سون جي مهر ڪٽي ڏين.

سبق چوهنيون.

رڇ.

رڇ ۾ گوشت کائيندڙن جانورن منجهان آهي. رڇ ماڻهن
وانگي سڄو ئي پيرپٽ تي رکي هلندو آهي، تنهنڪري هو
پٺهنجن پوين ڄنگهن تي گهڻي سو کائي سان ٻي سگهندو آهي.
هنکي پيرن ۾ پنج پنج آڱريون آهن، جن سان هو ڏرتي
کوٽيندو آهي، ۽ وڻن تي چڙهندو آهي. هنجي ٻت تي ڏگها ۽
گهاٽا وار ٿيندا آهن. هو گوشت خواہ ڀاڄين تي گذاري سگهي ٿو.
رڇ گهڻن قسمن جا آهن: هڪڙو ڀُورو ٻجر اُنهن ۾ عام آهي، جو
يورپ جي وچوارن جابلو ڀاڱن ۾ رهندو آهي. يورپ جي اُتر
وارن ملڪن، خصوص ناروي، رشيا ۽ سئيڊن ۾، ۽ ايشيا جي
اُتروارن ملڪن ۾ تمام عام آهي، اُتر اميريڪا ۾ بہ رهندو آهي.
ڀورا رڇ ماکي ۽ ڀاڄين تي گذاريندا آهن؛ ماکي اُنهن لاءِ وڏي
نعمت آهي. رڇ جيتوڻيڪ ٻت جا ڀورا ۽ ٻي ڏولا ٿا ڏسجن،
تہ بہ ماکيءَ لاءِ وڻ تي چڙهڻ ۾ ڏاڍي چالاکي ٿا ڪن،
۽ جي ڪڏهن ڪُڪڙ يا ڪو ننڍو چوپايو ملندو اٿن،

تہ اُن سان ڏاٽ کي سواد وٺائيندا آهن. يُورو رچ سيلري جي سڄي موسم ڪنهن غار يا پوري وڻ يا ٽارين سان جڙيل گهرءِ ننڊ ڪندو آهي، ۽ اُونهاري جي ڏينهن ۾ ڏيرو ۽ ٻڪا يل ۽ چِتو ٽي ٻاهر نڪرندو آهي ۽ پوءِ جيڪا شي يا ماڻهو گڏ جيس، تنهنکي ياڪرن ۾ پيچائي ساه ڪيڍي ڪائي ڇڏي. ٿڌن ملڪن ۾ رڇ گهڻو ڪمائتو آهي: اُن جي نرم وارن واري کل ماڻهو ڍڪيندا آهن، ۽ اُنجا دستانا ۽ ٽوپيون جوڙيندا آهن. هنجو گوشت سئُر جي گوشت جهڙو ٿيندو آهي، ۽ اُنجي چربي پگهاري تيل ڪري وارن ۾ وجهندا آهن. رڇن کي ڪي پيدو ماڻهو نديڍي هوندي جاهي ناچڻ سيکاريندا آهن، ۽ انهيءَ اُپاءَ سان هو پنهنجو گذر ڪندا آهن.

سبق پنجهٺيون.

ٻَجن ۽ مِنٽن جو سُڃاڻڻ.

ڪڙي چڱي ڀلي ماڻهوءَ جي نبض ڇُرڻ جيتري مدت کي "سيڪنڊ" چوندا آهن، ۽ ٦٠ سيڪنڊن جي مدت کي "مِنٽ" چوندا آهن، ۽ ٦٠ مِنٽن جي مدت کي "ڪلاڪ" يا "ٻَجو" چوندا آهن. انگريزن ماڻهن جي حساب موجب سڄي ڏينهن رات ۾ چوويهہ ڪلاڪ آهن، ڏينهن جي ٻارهن ڪلاڪن کي "ٻہ پهر" چوندا آهن، ۽ رات جي ٻارهن ڪلاڪن کي "اڌ رات" چوندا آهن. گهڙيالن جي منهن تي سيڪنڊ جوڪرن ٽہ ههڙو نقشو ڏنو هوندو.



هيءَ چڪر هڪ جيڏن ٻارهن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، ۽ اهو هڪڙو هڪڙو ڀاڱو وري، هڪ جيڏن پنجن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي؛ پهريان ڀاڱا ڪلاڪن واسطي، ۽ پويان منٽن واسطي آهن. هن تي هڪڙيون ٻه سيون يا ڪانٽا گهمندڙ آهن. اُنهن مان ننڍو ڪانٽو ٻجن جي ڊيڪارڊ واسطي آهي، جنهنکي "ڪلاڪ ڪانٽو" چئبو آهي، ۽ وڏو ڪانٽو منٽن جي ڊيڪارڊ لاءِ آهي، جنهنکي "منٽ ڪانٽو" چئبو آهي. جيترئ مدت ۾ منٽ ڪانٽو سڄو چڪر ڦري، ورائي ساڳئي جاءِ تي اچي ٿو، ايترئ مدت ۾ ڪلاڪ ڪانٽو هڪڙي انگ کان وٺي ٻئي انگ سوڌو هلي ٿو، ۽ اها مدت "هڪڙو ٻجو" آهي. جڏهن ٻئي ڪانٽا گڏ ٻارهين انگ تي پورا اچي بيهندا آهن، تڏهن چئبو آهي ته ٻارهن ٻجن جي مهل ٿي آهي. جنهن انگ تي ننڍو ڪانٽو وڃي بيهندو، يا جو انگ پارلنگهي ٻئي تي نه پهتو هوندو ته اُئين سمجهبو، ته

أنهيءَ انگ جيترا ٻجا ٻارهن ڪان پوءِ گذريا آهن؛ انهيءَ پر ٻجن جي خبر پوندي آهي. منٽن جي سماءَ ونڻ ڪاڻ ڏسڻ گهرجي، تہ منٽ ڪانٽو ٻارهون انگ ڇڏي ڪيترو اڳتي هليو آهي، ۽ پوءِ ڪلاڪ ڪانٽي جو شمار ونجي، ٻارهين انگ ڪان پوءِ جيترو وڏو ڪانٽو هليو هوندو، اوترا منٽ أنهن ٻجن ڪان پوءِ گذريا آهن، ائين سمجهبو؛ مثلاً، جڏهن هن پاسي واري شڪل ۾ ننڍو ڪانٽو نوين جي انگ ڪان پرڀرو بيٺل آهي، ۽ وڏو ڪانٽو ڇهين منٽ تي، تہ چئبو تہ "نو لڳي ڇہ منٽ گذريا آهن.

سبق ڇاهٺيون.

ڪپڙن ۽ گهرن کي باهہ لڳي، تہ ڇا ڪجي؟

گهڻا اڻڄاڻ ماڻهو اهڙا ٿيندا آهن، جو باهہ ڪپڙن کي لڳينِ، تہ ڪي ٻوهہ، ۽ ڪي واهر ڪاڻ، هيڏانهن هوڏانهن ڏُڪون پيا پائينِ، جنهنڪري اٿلندو باهہ وڌندي وڃي؛ ڇا ڪاڻ جو سندن ڊوڙن ڪان جو واءُ أٿي ٿو، سو باهہ کي هيڪاري وڌائي ٿو. تڏهن جي پاڻي هٿڪيو هجي، تہ أهو پاڻ تي ليٽائي وجهجي، تہ باهہ وسامي؛ ۽ جي پاڻي هٿڪيو نہ هجي، تہ همت جهلي پاڻ کي ڌرتيءَ تي ليٽائڻ گهرجي، تہ أنهيءَ ليٽڻ ڦيٽڻ ڪري باهہ جهڪي ٿئي؛ يا ڪٿو يا ڪو ٻيو اهڙو ٿُلهو ڪپڙو سُٽت پنهنجي بت کي ويڙهجي، تہ باهہ ٻوسانجي ترت وسامي وڃي. جيڪڏهن گهر کي اچي باهہ لڳي، ۽ أهو گهر سڄوئي ڊونهون تي پوي، تہ أتي سڪڻون تي

نہ ڀيھي، نہ تہ ٻوساتجي مربو؛ تنھنڪري سِرڪي سِرڪي
ريڙھيون پائي ٻاھر نڪرجي. سڀڪنھن آفت ۾ پاڻ سنڀالڻ ۽
دل جھلڻ گھرجي. جيڪي آفت جو مُنھن ڏسي ڏڄندا آھن، تن
سان ھيءَ حال ٿيندو آھي: جيئن، ھڪڙي زال مٿي ماڙيءَ جي اڱڻ
۾ سمھي پيئي ھئي، ۽ سندس ٻارٻچا اندر سمھيا پيا ھوا. اڌ رات
جو جاڳي جان ڏسي، تہ مٿينءَ ڇت کي اچي باھ لڳي آھي، سا
ڏوڙ پائي واھر ڪاڻ ھيٺ لٿي، ۽ اُنجا ٻارٻچا ڪامي پسر ٿي ويا.
جي جاڳڻ مھل سنڀال ڪري پنھنجا ٻارٻچا ڪڍي ٻچي ھا، تہ
جيڪر اھڙو اوچتو مَوت سندس ٻچن کي نہ رسي ھا. پر ٻيءَ
ھڪڙيءَ زال ڏٺو تہ ڪوٺيءَ ۾ باھ لڳي آھي، تنھن ماٺ ڪري ٻيءَ
ڪوٺيءَ مان پنھنجا ٻارٻچا ڪيڍي، پوءِ ڪوٺيءَ جو دروازو
پٽيو، ۽ سانت سان ڏاڪڻ تان لھي آچا گھر کان ٻاھر نڪتي، تہ
سڀجي جاءِ ڏھي پيئي. ھاڻي جي پھراءِ دروازو پٽي ھا، ۽ ھيڏانھن ھوڏانھن
واھر ڪاڻ ڏوڙي ھا، تہ جيڪر ٻچا تہ ڇڏيو، پر پاڻ بہ سلامت نہ رھي ھا.

سبق ستھٺيون.

پُھريءَ جي ورچ.

توکي خبر آھي، تہ ڪنھن بہ شَي جي جوڙڻ ۾ ھزارين ماڻھن
جي محنت لڳي ٿي؟ توکي ھڪڙي پشم جي ڳِدلي جو مثال
تو ڏيان: ھو پشمي گدلو جيڪڏھن تمام سادو سُودو ھوندو، تہ بہ
ڪيترن ئي ڪارِيگرن جي محنت سان جڙيو ھوندو. اُنَ ڪترينديڙ،
اُنَ پاڇيندڙ، اُنَ صفا ڪندڙ ٻيا گھڻئي، اُنھن سڀني مان

هڪڙي هڪڙي پنهنجو هنر ڪم ۾ آندو آهي، تڏهن هيءُ ڳڊلو ٺهيو آهي. ۽ ڪيترا واپاري ۽ پورهيت ماڻهو، انهيءَ شيءِ کي هڪڙي ڪاريگرن وٽان ٻين تائين نيڻ لاءِ مشغول ٿيا هوندا، ڇاڪاڻ جو اُهي ڪاريگر هڪ ٻئي کان گهڻو ڏور رهندا آهن، ۽ ڪيترا سَودا ۽ ٻيڙا اُن تي هليا هوندا. ڪيترا جهاز جوڙيندڙ، ۽ ڪيترا ناکوا، ۽ ڪيترا سڙه ٺاهيندڙ، ۽ نوڙيون جوڙيندڙ، جدا جدا ملڪن مان طرحين طرحين رنگن گڏ ڪرڻ لاءِ مشغول ٿيا هوندا، ڇاڪاڻ جو رنگن جون شيون پري پري ٿيون اچن: پوءِ ڪوري ۽ درزي پنهنجو هنر ڪم آڻين، تڏهن ٿو ڳڊلو تيار ٿئي. ۽ وري اُنهن سڀني ماڻهن جي اوزارن جي پيدا ڪرڻ لاءِ ڏسو ته ڪيترن جي محنت ۽ هنر گهرجي؛ ۽ جي اُنهن ماڻهن جي گهرن، ۽ گهرو سامان، ۽ پوشاڪن، ۽ ڪيترن جي محنت سان هڪڙي شَي تيار ٿي ٿئي، تنهن بابت لکندس، ته گهڻوئي پسارو ٿي پوندو؛ تڏهن مطلب سمجهڻ گهرجي، ته جا شَي اسانجي نظر ۾ ٿورڙي مُلهه جي ۽ ڪين جهڙي آهي، سا به هزارن ماڻهن جي مدد ۽ ٻيلپي سان ٿي ٺهي. هاڻي ڏسو ته جيڪڏهن سڀڪو ماڻهو پنهنجا ڪپڙا ڪنهن ٻئي کان نه جوڙائي ها، ۽ پنهنجو گهر پاڻ جوڙي ها، ۽ پنهنجو سڀوئي سامان پنهنجن هٿن سان پاڻ تيار ڪري ها، ته جيتوڻيڪ نوح جي عمر هانجيس ها؛ تڏهن به پوري نه پوي ها؛ تنهنڪري ڪنهنکي ائين سمجهڻ نگهرجي، ته ٻيا پيا محنت ڪن، ۽ مُنهنجي محنت جو ضروري ڪونهي؛ ڇاڪان جو جڏهن

۽ بيا سنڌس سُکَ جي واسطي مٿو ٿا هڻن، تڏهن ڪيس بہ گُهرجي تہ بين جي سُکَ ڪاڻ مٿو هڻي.

سبق اٺهتيون.

تمام گهڻي محنت نہ ڪرڻ ۽ پاڻ وندرائڻ.

پُورائي پُناڻي سيکڻهن ڳالهہ ہر ضرور آهي. جيڪڏهن اُن تي نظر نہ رکي وڏيڪ پيرڪڻبو، تہ ضرور خطا کائبي. جيڪڏهن ڪو کائڻ جا بہ تي گره وڏيڪ کائيندو، تہ پيٽ ہر سُور پوندس. جيڪڏهن ڪوڏور، جنهنکي رڳو ڇڻن مَيان پند ڪرڻ جي عادت آهي، تنهنکي ڏہ مَيل ڪاهبو، تہ هو يڪي ڏينهن ٿڪجي پوندو، ۽ هلندوئي ڪينڪي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪو شخص گهڻيءَ مدت تاءِ، يعني عادت کان وڌيڪ، رُنپيل رهندو، تہ اُهو بہ ٿڪجي پوندو. سيکڻهن کي پڻهنجيءَ پڇنديءَ آهر محنت ڪرڻ کپي، ۽ اِئين نہ سمجهي، تہ جيڪڏهن هڪڙي ڏينهن زور ڏيئي محنت ڪندس، تہ بين پنجن ڏينهن جو ڪاڊو بہ منجهانئس ڪيندس؛ ڇا ڪاڻ جو اها خبرئي ڪانہ تي پويس، تہ اُن ڏينهن جي وڌيڪ محنت ڪرڻ کان هو سگهوئي بيمار ٿي پوندو، ۽ پنج ڏينهن کانئس ڪم ٿيندوئي ڪين. هيءَ چڱو نہ آهي، جو هڪڙو ڏينهن ڪمائجي ۽ پنج ڏينهن دقت ۽ هلاڪيءَ ہر گذار جي. پور هيت ماڻهوءَ کي بيءَ بہ هڪڙيءَ ڳالهہ جو ضرور آهي، يعني انکي وِندرُ گهرجي. هاڻي وِندُرَ آهي ٻن قسمن جي: هڪڙي مان نسياجو ٻاڇڙو پَيدا ٿيندو آهي، جهڙوڪ لچن جي صحبت ۽ جُوا ڪرڻ،

وغيره ؛ ۽ ٻئي قسم مان نتيجو چڱو پيدا ٿيندو آهي، جهڙوڪ ڪتاب پڙهي علم وڌائڻ، ۽ چڱي هوا کائڻ، ۽ سگهڙن جي صحبت ۾ گيان پرائڻ، وغيره. ڪن ماڻهن کي پنهنجي دل وندرائڻ لاءِ شراب پيئڻ جي چاتي هوندي آهي، جنهنڪري مست ٿي پوندا آهن. جيڪو ماڻهو اهڙي حالت ۾ ٿو اچي، تنهنجو عقل حواس سڀ ٿا وڃن. نشو تمام ھڪڙو بڇڙو عيب آهي، جنهن مان جهان سڀ بڇڙايون پيدا ٿيون ٿيون؛ تنهنڪري گهرجي ته اهڙي شي کان پاسو ڪجي. چلم چڪڻ، يعني تماڪ پيئڻ، اهو به هڪڙو خراب رونشو آهي، جنهن مان ھڪڙي قسم جو نشو ٿو ٿئي. وندُرَ اها چڱي، جنهنڪري ٿڪ لهي، دل خوش ٿئي، ۽ چڱ ڀلائي حاصل ٿئي.

سبق اُٺهتريون.

ڇوڪرين کي سيکارڻ.

جن ملڪن ۾ زالن کي علم سيکارڻ جي چال آهي، تن ۾ مڙسن کي وڏا سهنج آهن؛ جڏهن ته اُهي گهرجا سڀ ڪم ڪاريون نبيري نچيڙي ڇڏيندڙيون آهن، ۽ مڙسن کي وقت اُي ڪانہ ڏينديون آهن. ڪي ڪي زالون ته وري اهڙيون قابل ٿينديون آهن، جو رُڳو مڙسن جي نوڪري به ڏيئي سگهنديون آهن. يورپ جي ملڪن ۾ پڙهيليون زالون منشيگريءَ جا ڪم وٽني هلائين. هاڻي ڏسو ته جيڪڏهن انهن زالن جا مڙس مري وڃن، ته جيڪر بُکہ نہ مرن، ۽ پنهنجي علم جي واهر سان ڦوٽ گذران پيئي ڪن. سنڌ ۾ اهڙي چال اُي ڪانهي ڪا: زالون هميشہ ابوجهہ ۽ جاهل رهنديون آهن،

۽ سچا ڏيھن گھرجي رنڍڻ، پچائڻ، ڳالھين ڪرڻ ۽ سمجھڻ ۾ وڃائين؛ نڪي پڙھي ڄاڻن، نڪي لکي. ڪن ڪن جا مڙس پرديس ڏي وڃن، ورھن جا ورھ گذريو وڃن، ته ھنن جي پاڻھ لکپڙھ ٿئيٿي ڪانه؛ ڇو ته اشراف زالون پنھنجيون ڳالھيون ڌارين مڙسن کي ڪين ٻڌائين، ۽ پاڻ لکي نه ڄاڻن، ته پوءِ ڪيئن پنھنجن مڙسن ڏانھن لکن پڙھن؟ تنھنڪري جيڪڏھن نينگرين ڇوڪرين کي، ڏھين ٻارھين ورھين جي ڄمار کان اڳ، ڪنھن ۾ اُپاءَ سان علم سيکاريو، ته اُنھ ڪھڙي حرڪت آھي؟ اُلٽو ان مان ھزارين فائدا پيدا ٿيندا. جيئن ته ھي ڇوڪريون وڏي ھوندي پنھنجن ٻارن کي پاڙھڻ ۽ قابل ڪرڻ ۾ ڏاڍيون سعي ڪار ٿينديون، اُنھنکي چڱيون عادتون ۽ ادب سيکاريندڀون، صفائي ۽ سڌائي جو قدر سمجھنديون، ۽ سيني ماٽھن ۽ مٽن ۽ مائٽن سان ميلاپ رکنديون؛ اھو فائدو ڪو ٿورو نه آھي.

سبق سترھون.

ڇڙڻ چڱو نه آھي.

ھڪڙو ڇوڪر جعفر نالي مڪتب مان موڪل وٺي گھر ڏي ٿي ويو، تنھنکي وات ۾ ٻيو ڇوڪر گڏيو، ۽ چيائينس ته "تنھنجي مٿي جا وار ٻاھر نڪتا پيا آھن، سي ٻھڙا ٿا لڳن؛ ھي ڇريائي ڪري ٻاھر ڪڍيا آھئي يا ڇند ڪري؟" جعفر ڏاڍو ڇڙيو ھوندو ھو، تنھن چيو "منھنجا وار ٻاھر نڪتا پيا آھن، تنھنجو ڇاجو ڇا؟ جي ٻھڙو ڏسڻ ايندس ته آءٌ ايندس، تنھنھ

تُنهنجو ڇا ؟" ايترين ٻيو ڇوڪر آيو، تنهن اچي چرچي وچي طرح "ميانجي، ميانجي" ڪري هنکي سڏ ڪيو. هو هڪڙو اڳيئي ڪاوڙيل هو، باقي جوهن چرچو ڪيس، تنهنڪان اهڙو ڏمريو، جو پنهنجي سُليٽ کڻي هنکي هنياءِ؛ پر سليٽ هنکان گُسي وڃي هڪڙي ٽَلهي کي لڳي، ۽ پرزا پرزا ٿي پيئي. تڏهن هو ٻهريون ڇوڪر هنکي چڙندو ڏسي وڏيڪ مسخري ڪرڻ لڳو؛ تنهن تي جعفر هنکي تہ پيرمان جُتي لاهيندي هڪڙو موچڙو ڦهڪائي ڏنيو؛ پر اُهو موچڙو هنکي لڳوئي ڪين، وڃي هڪڙي کڏ ۾ پيو؛ ۽ هيءُ جيڏاڪ جعفر، ٻئي ڇوڪر جي پٺيان ڊوڙندي ڊوڙندي، هڪڙيءَ اُونهيءَ کڏ ۾ وڃي ڪِريو، ۽ اُن ڌڪ کان هڪڙي ٽنگ ڀَڄي پيس. گهڻيءَ ويرم کان پوءِ هنجي ماءُ پيءُ کي خبر پيئي، تہ اچي کڻيس. جعفر انهي ڌڪ لڳڻ ڪري گهڻا ڏينهن بيمار پيو هو. جيڪي چڙندا آهن، تنهنجو اِهو حال ٿيندو آهي.

بيت.

ڪاوڙ وڏي ڦهر جي ماري، ڪاوڙ جهُڳا ساڙي؛
ڪاوڙ* سيل ‡ سنتوکہ وڃائي، ڪوڙ لوڪاوڙ ماري؛
سيئي مڙس سُڄاڻ، جي ڪاوڙ کن ڪِناري.

سبق ايڪهتريون.

پوڙهو ۽ پٽس.

هڪڙو پوڙهو ماڻهو پنهنجي پٽ سان گڏجي بازار ۾ گڏه کي واڳ کان وٺي ٿي ويو، تہ وات ۾ هڪڙو ماڻهو ڏسي چوڻ لڳو تہ "ڏسو تہ هيءُ ڪهڙو بيوقوف ماڻهو آهي، جو پاڻ ۽ پٽ ٻئي پنڌ

---

* سيل، يعني پرهيزگاري ۽ نيڪي. ‡ سنتوکہ، يعني قناعت ۽ صبر.

ڀڄا وڃن ۽ گڏه کي ائين وٺيو وڃن، انهيءَ لاءِ ته پل گڏه سُکي هڃي." اها ڳالهه ٻڌي پوڙهي ماڻهوءَ پنهنجي پٽ کي کڻي گڏه تي چاڙهيو، ۽ پاڻ پنڌ ڪندو پنهنجو رستو وٺي هليو، ته ايتري ۾ ٻئي ماڻهوءَ واٽ تي رڙ ڪري چيو ته "هيڙي ڳالهه ڪٿي ڪا ٻڌي، جو پوڙهو پيءُ پنڌ ۾ گهلندو وڃي ۽ جوان پٽ گڏه تي چڙهيو وڃي؟" تڏهن هو پوڙهو اها ڳالهه ٻڌي پٽ کي لاهي پاڻ چڙهيو؛ ۽ اڃا ٻه چار پير به نه پريا، ته ايتري ۾ ٽيو ماڻهو چوڻ لڳو ته "هيڙو دستور ڪٿي ڪو نه ڏٺو، جو پيءُ گڏه تي چڙهيو وڃي، ۽ پٽ پنڌ ۾ هڃندو وڃي." پوڙهي مڙس اها ڳالهه ٻڌي اُنهيءَ ساعت پٽ کي ٻه کڻي ٻيهر چاڙهيو؛ ايتري ۾ چوٿون ماڻهو گڏين، سو چوڻ لڳو ته "هيءُ گڏه توهانجو آهي، ڪ پرائو؟ آءٌ ڀانيان ٿو ته پرائو آهي، ڇا ڪاڻ ته توهانکي هن تي ذرو به ڪهل نه آهي؛ ڏسو ته ويچارو بار ۾ ٿو ڇٽجي، چيو اٿن ته 'نڌڻڪا گهوڙا، گيبا ٽا هسوار'؛ ۽ آءٌ ڄاڻان ٿو ته هو ويچارو گڏه اهڙو ٿڪل آهي، جو جيڪر توهين ٻئي هنکي کڻو، ته جُڳائي." تڏهن پوڙهي مڙس ۽ پٽس ٻهي گڏه جون ٽنگون ٻڌيون، ۽ ڪاٺيءَ جي واهر سان انکي پنهنجن ڪلهن تي کڻي هليا، تان جو اچي هڪڙيءَ نديءَ جي ٻنڌ تي پهتا. هيءُ هڪڙو اهڙو تماشو ٿيو، جو ماڻهو هيڏي هوڏي جا اچي گڏ ٿيا؛ نيٺ اِنهيءَ گوڙ ۾ هنجي نوڙي ڇني، ۽ ڪاٺي ڀڄي پيئي، ۽ گڏه نديءَ ۾ ڪري پيو. هو پوڙهو پرمٽڙيو ٿيو، تنهنڪري پنهنجو گڏه وڃايائي. سڀڪنهن ماڻهوءَ کي گهرجي ته جي ڪا ڳالهه ٻڌي، ته اُنجو دل ۾ ويچار ڪري پوءِ اُنتي هلي، ۽ پرمٽڙيو نه ٿئي.

سبق ٻاهٺريون ۔

آڪرُوٽ ۔

چين ديش جي اُترورارن ڀاڱن ۾، هماليه جبل جي چوڌاري، ۽ ايران ديش ۾ آڪرُوٽن جي وڻن جا وڏا ٻيلا ٿيندا آهن ۔ آڪرُوٽن جا پن تمام ساوا ۽ سنهڙا ٿيندا آهن ۔ آڪرُوٽن جي مٿين کل ڪنڊري ٿيندي آهي، ۽ اُنکي آڱرين سان مهٽبجي، ته آڱريون ڳاڙهيون ٿي پون؛ پڪي کان پوءِ هو موچاري زيتون جيڏو ٿيندو آهي ۔ هيءُ اجا ڪچوئي هجي، ۽ هنجي اندرين کل ڏاڍي ٿيئي ڪين، ته اُن هند جا ماڻهو هنجو آچار جوڙيندا آهن ۔ هيءُ پچي رهي، تنهن کان پوءِ هنجي مٿين کل لاهي، هنکي بازار ۾ وڪڻندا آهن؛ ۽ جن ديهن ۾ هيءُ ڦل نه ٿيندو آهي، اُنهن ڏي موڪليندا آهن ۔ آڪرُوٽ جو تيل ٻارڻ ۽ کائڻ لاءِ ڪمائتو آهي ۔ آڪرُوٽ جيءُ ڪاٺيءُ جو ڏاڍيءُ ٿيندي آهن، تنهنڪري گهڻن ڪمن ۾ ايندڙيون آهن ۔ سيڪيءُ جي ماڻهن کي پون، ته اهڙيءَ بيماريءَ لاءِ اُن هند جا ماڻهو ڪچي آڪرُوٽ جو رس ڪڍي پيندا آهن ۔ اڪرُوٽ جو وڻ ڦَل سُتت ڪين ڪندو آهي ۔ هيءُ وڻ پوکبجي، تنهن کان پوءِ ٽيهين يا چاليهن ورهين اُنهن ڦل مس ٿئي ۔ اُنجي پچڻ جي مند آسوءَ ڪتيءَ جا مهنا آهن ۔ گهڻن ورهن کان پوءِ هيءُ وڻ ڦُرتو ڪري، انهيءَ بابت هڪڙي ڳالهه ڪندا آهن، ته هڪڙي ماڻهوءَ جنهنجي عمر اٽڪل ست وره هئي، تنهن اڪرُوٽ جو وڻ ٿي پوکيو؛ اُن کي ڏسي ٻئي هڪڙي ماڻهوءَ ٺرچي طرح چيو " ته ساءِ، هيءُ وڻ ٿون جا ڪاڻ

ٿو پوکين، هنجي پوکڻ مان تولاءِ ڪھڙي ڀلائي ٿيندي؟"
هن ورندي ڏنيس تہ "ساءِ مون هن وڻ پوکڻ ۾ چڱي سمجھي آهي،
مون اڄ تاءِ جيڪي اکڙوٽ کاڌا آهن، تنجا وڻ مون پوکيا
ها ڇا؟ تڏهن جھڙيءَطرح ٻين جي پوکيلن وڻن جا ڦل آءٌ ٿو کان،
اهڙيءَطرح پوين ماڻھن لاءِ وڻ پوکي ڇڏڻ، اِها ڳالھ چڱي آهي."
ائين نگھرجي، جو ماڻھو رڳو پنھنجيءَ ڀلائيءَ لاءِ محنت ڪن،
پر گھرجين تہ ٻين جي ڀلائي لاءِ بہ ڌاکرو ڪن.

سبق ٽيھتريون.

ڪنھنکي گھٽ نہ ڄاڻجي.

هڪڙي شينھن اونھاري ۾ وڻ جي ڇانو هيٺ پئي ننڊ ڪئي،
تہ هنجي ٻت تي ڪيترن ڪُئن اچي ڊُڪ ڊوڙ لائي؛ تنھنتي
شينھن جاڳي هڪڙي ڪي جھٽ هڻي ورتو، ۽ ڇيپا ٽڻ ۾ هوس، تہ
ايتري ۾ ڪُئي گھڻيءَ نيزاريءَ سان چيو تہ" ساءِ، مون جيتا مڙي جي
مارڻ مان توکي ڇا ٿيندو؟ ڇڏ، تہ توکي وڃي دعا ڪريان."
شينھن کي ٻاجھ پيئي، ۽ هنکي ڇڏي ڏناءِ. ڪُئي شڪر ڪندي چيو
تہ "ساءِ، مونکي سو ڄيدان ڏنئي، ٻاقي ڪا مھل ٿيندي، جو توکي
هن ڄيدان جو ٻاڙو ڏيندس." تڏهن شينھن کاڻي چوڻ لڳو تہ" شايد
آءٌ هن جھنگ جو ٻادشاھ ڪُئي کين آهيان، جو تون مونکي ڄيدان
ڏيندين، تون وينو پنھنجي دل خوش ڪر." ڪُئو پنھنجي وات
وٺي ويندو رهيو. هڪڙو سمو اهڙو ٿيو، جو اُنھيءَ وڻ وٽ هڪڙي
ماريءَ اچي ڄاري وڌي؛ تنھنم هيءَ شينھن اچي ڦاٿو. گھڻئي
ٽپا ڏناءِ ۽ پاڻ ڦٿڪاياءِ، پر ڪُٿوئي ڪين. اتي هاٿي هيءَ اچي

ڏاڍو ششدر ٿيو؛ اوڏيءَ مهل ڪُڪڙ ۾ پنهنجي ٻرمان منهن ڪڍيو ۽ ڏٺائين ته شينهن ڏاڍي ڏک ۾ آهي. ڪُئي دل ۾ چيو ته "هاڻي هن سان پير پرڻ جو وقت آهي." تڏهن شينهن کي چياءِ ته "ساءِ منهنجا، اُلڪو نه ڪر، آءُ تنهنجو گولو اچي حاضر ٿيو آهيان." پوءِ هن اُها ڄاري ڏندن سان ڪُتري، شينهن کي ڇڏايو. تڏهن شينهن مَن ۾ سمجهيو ته "اڳتي ڪنهين کي ڪين جهڙو نه ڄاڻندس."

هِن ڳالهه مان پڙهندڙ کي ايترو سمجهڻ گهرجي، ته ڪنهين کي ٻه گهٽ نه ڄاڻجي؛ وقت سِر هوبه ڪم ٿو اچي. چيو اٿن ته "ڪم هيٺ لِکر پيو آهي."

بيت.

ڪنهِکي گهٽ نه ڄاڻ، جي پائين پلو پانهنجو؛
ملي ساڌ سنگت سان، پنهنجو پاڻ سُڃاڻ؛
جو ٿئين حيران، دنيا سڌئيءَ رُڃ ۾؟
"فريدا، ڪکُ ٻه نه نِند جي، ڪکُ ۾ وڏي وَٽ،
اُڏي پوي جي اک ۾، ته گهڻو ڏئي ڏک."

سبق چوڏهون.

پاڻ ۾ سلوڪ رکڻ.

موتوءَ ۽ پرئي ٻائرن جي پاڻ ۾ ڏاڍي دل هوندي هئي، ڪڏهن ڪ ٻئي سان ڪَهرو ٻه ڪين ڳالهائيندا هوا. هڪڙي ڏينهن هنهنجي ماءُ کي پيڪي وڃڻو هو، تڏهن هن ٻنهين کي چياءِ ته "اڄ توهين مون سان گڏ جي هلجو." هيءَ ڳالهه ٻُڌي هنهنکي

ڏاڍي خوشي ٿي ۽ پرناناڻن وچڻ ڪاڻ اڳيئر موتوءَ جو، راندڪندي ڪَڙي پيالي کي ٿڏو اچي ويو، سو ڀڄي پيو، ۽ انجي ماءُ سهي ڪري چيَن تہ "توهان منهنجو پيالو ڀڳو آهي، تنهنڪري توهانکي پاڻ سان ڪين نيندس." اها ڳالهہ ٻڌي ٻنهين جو منهن لهي ويو، پر موتوءَ ويچاري ڊڄندي چئي ڏنو تہ "امان، هيءُ ڪم مون کان ٿيو آهي، ۽ هن ۾ پرڻي جو ڪو ڏوهہ نہ آهي، جي مونکي ناناڻي نہ وٺي هلين، تہ هنکي وٺي وڃ." تڏهن انهنجي ماءُ پرڻي کي وٺي پيڪي ويئي. ڏسو تہ هنهن ساڙي ۽ ريس جي رتي بہ ڪانہ هئي. اهڙي طرح ٻئن جوڪرن کي بہ گهرجي تہ جيتوڻيڪ سندن مطلب نہ ٿئي، تہ بہ ٻئي جي مطلب ۾ اٽڪ نہ وجهن ۽ جئن تہ چيو اٿن تہ "پنهنجو بہ خير، پر جو بہ خير." تنهنہ ميلاپ ۽ سلوڪ رکبو، تہ هرڪنهن کي وڻبو.

بيت.

"جيسين ساهہ سرير ۾، تيسين ڪريلوءِ
هِتان هليو ويندين تون هيا، هيڪلوءِ
تيلان ٿيءُ نہ ڍِلو، نيڪي ڪر جهان ۾."
نيڪي نيندين پاڻ سان، ٻيو سڀ رهندو هِت،
اها سُگهڙ، سُمت، چوڪي رکہ تون چِت ۾.

سبق پنجاهترين.

وقت ۽ سندس ڀاڱا.

سج جي لهڻ ۽ اڀرڻ کان رات ڏينهن ٿئي ٿو. سج اڀرڻ جي مهل کي "صبح" چوندا آهن. هو جنهن مهل آسمان ۾ آسانجي ڪاپار جي مٿان ڏسڻ ۾ ايندو آهي، تنهن مهل کي "ٻہ پهري"

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT GOVT. OF SINDH
SINDH ARCHIVES

چوندا آهن؛ ۽ جڏهن هو لهندو آهي، تڏهن اُنهيءَ وقت کي "سانجهي" چوندا آهن؛ ۽ سج لٿي کان پوءِ اُڀر روشنائي ۽ ڳاڙهاڻ، جا رهندي آهي تنهنکي "شفق" (منهن اونڌائي) چوندا آهن، ۽ تنهنجي گم ٿيڻ کان پوءِ "رات" سڏبي آهي. جتن ماڻهن واسطي ڏينهن جا اهي ڀاڱا ڪافي آهن؛ ۽ سڌريل ماڻهن کي جڏهن اهي ڀاڱا پورا نہ ٿيا، تڏهن وقت جي حساب رکڻ واسطي ڪا تجويز ڪيڻ ضرور پيئن. ڪن پنهنجي وقت جي ماپڻ واسطي "واريءَ جون گھڙيون" جوڙيون هيون. واريءَ جو گھڙيال گلابدانيءَ جي ڍڍرن جهڙن ٻن شيشن سان جڙيل آهي، جي سنهيءَ ڳچيءَ سان هڪ ٻئي ۾ ڳنڍيل آهن: مٿين ٻُتي واريءَ سان ڀريل آهي، ۽ اُها واري ڪنهن مقرر ڪيل وقت ۾ هيٺينءَ ٻُتيءَ ۾ وهي وڃي ٿي. جڏهن ڏسجي تہ واري سڀ هيٺينءَ ٻُتيءَ ۾ وهي ويئي آهي، تڏهن اُنکي اُٿلائجي؛ انهيءَ مهل مٿين ٿيندي ڀريل، ۽ هيٺين خالي؛ پوءِ وري واري مٿينءَ مان هيٺينءَ ۾ وهڻ لڳندي. يوناني ۽ رومي ماڻهو اهڙيءَ طرح پاڻيءَ سان وقت مئيندا هوا. اُهي هڪڙي وڏي ٿانو کي پاڻيءَ سان ڀري رکندا هوا، ۽ اُن ٿانوَ کي هڪڙو ننڍو تنگ هُوندو هو، جنهن مان پاڻي ڪنهن مقرر ڪيل وقت ۾ وهي ويندو هو. پر جيڪڏهن هن واريءَ جي گھڙيال کي ڪنهن بروقت اُٿلايو ڪينڪي، يا اُن پاڻيءَ جي ٿانوَ کي خالي ٿيڻ وقت ڪنهن بروقت ڀريو ڪينڪي، تہ وقت جي شمار ۾ گھڻو رولو پوندو هو. ڪي ماڻهو سج جي پاڇي ساڻ ڏينهن جي وقت جو شمار ڪندا هوا. هندن وٽ هڪڙو تختو هوندو هو، جنهنجي وچ ۾ هڪڙو وڏو ڪلو کُتل هوندو هو، جنهنجي

پاڇي ملڻ سڄ جي لهڻ چڙهڻ جي خبر پوندي هئي. هن تختي تي ڏينهن جي ڀاڱن واسطي ليڪون نڪتليون هونديون هيون ۽ پر اهڙو تختو رات جيواسطي بلڪل ڪنهن ڪم جو نه آهي ۽ اهڙيءَطرح جن ملڪن ۾ ڪڪرن سان سڄ مهينن جا مهينا ڍڪيل رهندو آهي، انهن ملڪن ڪاڻ ٻه هيءُ تختو بيڪار آهي. "گهڙيال" ۽ "گهڙيءَ" انهن مشين سيدي کان گهڻو ڪمائتيون آهن؛ اُهي سانکي هردم وقت جي خبر ڏين ٿيون؛ پر جو وقت اُهي اسانکي ٻڌائين ٿيون؛ سو اسين مفت وڃائيندا سون، ته تڏهن اُهي گهڙيءَ ۽ گهڙيال سڀ بيڪار آهن. وقت کي هڪڙي پوڙهي ماڻهو سان مُشابهت ڏني اٿن، جنهنکي ڪنبپ آهن، ۽ ڳوڙهو آهي، مگر هڪڙي وارنجي چڳ پيشانيءَ تي اٿس، ۽ اُنکي هڪڙي هٿ ۾ ڏاتو، ۽ ٻئي هٿ ۾ واريءَ جو گهڙيال آهي؛ هنجو مطلب هيءُ آهي، ته وقت، جو ماڻهن کان اڳ هن جهان ۾ پيدا ٿيو آهي؛ سو تمام جلد اُڏامندو هليو ٿو وڃي، ۽ اُنکي ترسائي نٿو سگهجي؛ مگر ڏاها ماڻهو هنکي چڳ کان وٺن ٿا، يعني وقت مشغوليءَ کان سواءِ اُونهيئي نٿا وڃائين؛ ۽ هو پنهنجي ڏاتي سان هرڪنهن شي کي وڍي، يعني ناس ڪري ڇڏي ٿو.

سبق چاهتريون.

سچ ڳالهاءِ.

هميشه سچ ئي سچ ڳالهائڻ، ۽ سچ کانسواءِ ٻيو ڪي ٻه نه ڳالهائڻ، انهيءَ عادت کي چڱبو آهي "سچائي". سداءِ سچ ڳالهائڻ ۾ اڪثر همت گهرجي ٿي؛ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪانئر پڻو آهي.

سچ چڱڪ هڪڙو تلوار ۽ ڍال سان جوڙو آهي: همت آهي

اُنجي تلوار ۽ سپاٽب آهي اُنجي ڍال؛ تنهنڪري جنهنجي مرضي هجي تہ آءٌ سچار ٿيان، تنهنکي مٿين تلوار ۽ ڍال، انهن ٻنهي کي برابر ۽ پوريءَ طرح ڪم آڻڻ سکڻ گهرجي.

هيٺين آکاڻيءَ مان سچ ڳالهائڻ جي همت ٻڌڻ جو مثال توهانکي چڱيءَ طرح معلوم ٿيندو:-

چِتُو نالي هڪڙو ڇوڪرو هو. اُن ڪنهن ڏينهن گهٽيءَ ۾ پنهنجن سنگتين سان بيٺي کينهوڙي راند ڪئي. هن جڏهن کينهو ڦٽو ڪيو، تڏهن وڃي هڪڙي پساريءَ جي دڪان ۾ ڇا ڪانچن سان دريءَ هئي، تنهنکي لڳو، ۽ انهن ڪانچن مان هڪڙو وڏو ڪانچ ڀڃي ڀور ڀور ڪري وڌائين. تڏهن ناجي سنگتين مان هڪڙي چيو "چتا، ڀڄ ڙي ڀڄ؛ ڀڄي ويندين، تہ پوءِ ڪنهنکي خبرئي ڪانہ پوندي تہ اِهو ڪانچ ڀڳو ڪنهن."

پر چتي ورندي ڏني "نہ ڙي نہ، آءٌ ڀڄي تہ پتيءَ ڪين ويندس. آءٌ وڃي سچ ڳالهائيندس."

هن ڇا ڪيو، جو دڪان جي مالڪ وٽ وڃي اُنکي اِها ساري سچي ڳالهہ ڪري ٻڌايائين تہ "مون بيٺي کينهي سان راند ڪئي، تہ اوچتو کينهو منهنجي هٿان ڇٽڪي اچي دريءَ کي لڳو؛ انهيءَ طرح مونکان جو نقصان ٿيو آهي، تنهنجي لاءِ مونکي ڏاڍو ڏک ۽ افسوس ٿيو آهي؛ جيڪڏهن پيسا هجن ها، تہ جيڪر گهڻيءَ خوشيءَ سان ڪانچ جي قيمت ڀري ڏيان ها."

ويچاري چتيءَ کي پيسو هو بہ ڪونہ؛ تنهنلاءِ پساريءَ سان اِهو ٻول ڪيائين، تہ "آءٌ تيسين ويهي تو توهان جي هٽ تي

ڪمايان، جيسين توهان کي ڪانچ جي قيمت پهچي اچي."
ڪانچ هو تمام وڏو ۽ قيمتي، تنهنڪري ڇتي کي انجي قيمت ۾ ڪجهه مدت تائين ڪم ڪرڻو پيو. آخر جڏهن قرض کان آجو ٿيو، تڏهن هو پساري، جو ڇتي جي ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ تي موهجي پيو هو، تنهنجي دل نه ٿي ته اهڙي ڇوڪر کي هٿان ڇڏي ڏيان. هن چاڪيو، جو ڇتي کي کڻي پنهنجي دڪان تي ليکاري مقرر ڪيائين.

هڪڙي ڏينهن ڇتي پنهنجي ماءُ کي چيو "امي، اهو ڪهڙو نه سياڳو ڏينهن هو، جنهن ڏينهن مون هن دريءَ جو شيشو ڀڳو!" ماڻس وراڻي ڏني "نه، بچڙا، نه ۽ چوته اهو ڪهڙو نه سياڳو ڏينهن هو، جنهن ڏينهن آءٌ سچ ڳالهائڻ کان پٺتي ڊنس ئي ڪين!"

سبق ستهتريون.

سچي ڳالهه.

هڪڙو ٻيو ڇوڪر هو، جنهنجو نالو هو ڏنو. ڇوڪر هنکي "سچو ڏنو" ڪري سڏ پيندا هوا، ڇاڪاڻ ته هو ڪوڙ ڪڏهين ڪين ڳالهائيندو هو. هو ٻين ڇوڪرن سان گڏ سڪول ۾ پڙهڻ ويندو هو. اُن سڪول جي اڱڻ ۾ هڪڙي ڪهاڙي رکيل هوندي هئي، جنهن سان، سياري جي مند ۾ جڏهن سيءَ ڏاڍا پوندا هوا، تڏهن ڇوڪر باهه ٻارڻ لاءِ جهنگ مان ڪاٺيون وڍي ايندا هوا.

هڪڙي ڏينهن اها ڪهاڙي هٿ ۾ کڻي اُن سان ڏني ٻيڻي

راند ڪئي ، ۽ جڏهن پانياءَ ته هڪڙي ڪاٺي کي اڏيءَ هڻي رکي، وڃي ٿي ته ٽڪرڪريان ، تڏهن سندس اُستاد جو پستو ڪتو ٽيپو نالي ڊوڙي ٽپو ڏيئي اچي اڏيءَ سان لڳو لڳ بيٺو ۽ ڏني ڪاٺي کي وڍڻ لاءِ جا ڪهاڙي اڳئي مٿي کنئي هئي ، سا گسي اچي اُن ڪتي کي لڳي ، ۽ اُتيجو اُتي اُقت ماري وڌائين .

ڏنو اُتي اچي ڏاڍو ششدر ٿيو ۽ ڪري سو ڪري ڇا ؟ اهو ڪتو سندس اُستاد جو لاڏلو هو ، جڏهن ته جڏهن اُستاد پاڻ چوڪرن جو ويهي سبق پڙهندو هو ، تڏهن اهو ڪتو سندس پرسان گاديءَ تي چڙهيو ويٺو هوندو هو .

ڏنو ويهي اُن ڪُتي ڏي نهارڻ لڳو . سندس مُنهن ڳاڙهو ٿي ويو ، ۽ اکين ۾ پاڻي تري آيس . چوڪرسڀ ڊوڙندا آيا . اُنهن مان هڪڙو ٻين کي آهستو ڪن ۾ چوندو ٻڌڻ ۾ آيو ، " ادا ، هاڻي ڏسون ته سهي ، ته ڏنو به اسان وانگر ڪوڪوڙ ناهي ٿو يا نه ." تنهن تي هڪڙي خانوءَ نالي چوڪر ، جو ڏني جو دوست هو ، وراڻي ڏني ته " ڏنو ڪوڙ ناهڻ جهڙو چوڪرئي نه آهي ، هنجي ٻلا به ڪوڙ نه ڳالهائي . آءٌ توهان کي پڪ ٿو ڏيان ته هو سون جهڙو صاف ۽ سچو رهندو ."

ايتريءَ ڪوڏڻ نالي چوڪر اڳيرو آيو ، ۽ چوڻ لڳو ته " ادا ، توهان سڀني کي خبر آهي ته ڪاسائيءَ جو وڏو ڪتو هميشه اسانجي اُستاد جي پستي ڪتي سان اچي وڙهندو ۽ اُنکي ماريندو هو ۽ اڳئين هفتي ۾ به اُنکي ڏاڍو ڪٽ ڪيو هُواءِ ۽

ڦھنڪوي ھِٽن ڪجي، جو ٽيپوءَ کي ڪٽي گھڻيءَ ۾ ڦٽو ڪجي، ۽ اُستاد کي ھلي چئجي تہ ڪاسائيءَ جي وڏي ڪتي ڪيس ماري وڌو." ڪن چوڪرن ڀانيو تہ اھا ڳالھہ ڏاڍي پُوري ٿيئي ايندي؛ پر ڏني کي اِنھيءَ تان ڏاڍي مَنيان لڳي. ۽ چڙ جي ڪري سندس ڳل ڦوڪجڻ ۽ مُنھن اگھي ڪان وڏيڪ ڳاڙھو ٿيڻ لڳو. ھن چيو "توھين ڀانيو ٿا تہ آءٌ ھلي ائين چوندس؟ نہ! نہ ڀڄيءَ نہ! اھو ٿيندو ڪوڙ - نسورو ڪوڙ!" انھيءَ ڪوڙ لفظ اُچاريندي سيڪنھن ڀيري ھنجو آواز بُلند ٿيندو ويو.

پوءِ ھن ڇا ڪيو، جو ٽيپوءَ کي ھٿ ۾ کڻي سڪول جي اندر گھڙيو. چوڪر سڀ انجي پٺيان ويا، انھيءَ ارادي سان تہ ڏسون تہ سھي تہ آخر ڇا ٿو ٿئي. اُستاد اکيون مٿي کڻي چيو "اڙي، ھيءَ ڇا؟ منھنجو پيارو ٽيپوءَ مُئل! اھڙو ھاڃو مون سان ڪير ڪري سگھيو ھوندو؟"

ٿوري وقت تائين سڀئي ماٺ ۾ رھيا. نيٺ جڏھن ڏني کي زبان مان ڪجھہ اُڪليو، تڏھن ھن چيو "سائين، مونکي ڏاڍو ڏک آھي. ٽيپوءَ جو مَوت منھنجي ھٿان ٿيو آھي. سائين، انھيءَ ڳالھہ جو سچ پچ مونکي ڏاڍو ارمان آھي. مونکي وڌيڪ خبردار ٿيڻ کپندو ھو، ڇاڪاڻ تہ مون ٽيپوءَ کي اڏيءَ سان ٻرابر لڳولڳ بيٺل ڏٺو ھو. سائين، مونکي جو ڏُک ٿيو آھي، تنھنجو زبان سان بيان ڪري نٿو سگھان."

سيڪنھن ڀانيو ٿي تہ اُستاد کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳندي، ۽ ھو

ڇڙهي ڏٺ ۾ ڪٽي ڏني کي خوب مار ڪيائين. پر ائين ڪرڻ بدران

هن اُتلندو خوش ٿي مرڪي چيو "ڏنا، تون بيشڪ بهادر ڇوڪر

آهين! اگر ۾ جيڪي پڇي هليو ڇليو، سو ساروتصو مون مٿان

ڌريُ ڪان وينڌي ڏٺو ۽ هيو. پنهنجي اسڪول ۾ ههڙو توجهڙو سچو ۽

سُلڇڻو ڇوڪر ڏسي آءُ ڏاڍو خوش ٿيو آهيان."

ڏني رومال کيسي مان ڪڍي پنهنجون اکيون اُگهيون.

هاڻي ٻيا ڇوڪر به ڳالهائڻ ٻولهائڻ لڳا ۽ جڏهن خانوءَ پُڪاري

چيو ته سڀڪو چوي "سچي ڏني جي جي،" تڏهن سڀني گڏجي

اهڙي چاهه سان "جي جي" پُڪاري، جو سارو اسڪول مٿي ڪٽي

ڏنائون.

اُستاد تڏهن چيو "منهنجا ڇوڪرو، مونکي ڏاڍي خوشي

ٿي آهي، جو توهانکي اها خبر پوي ٿي، ته سچ ڇا آهي، ۽ اوهين

اُنکي پسند ڪريو ٿا؛ توهان مان ڪن کي جيڪراهڙيُ طرح اجي

پڌري پَٽِ سچ ڳالهائڻ جي همت ڪين ٿئي ها. هِن وقت کان

وٺي توهانکي اهو سبق سکڻ گهرجي، ته ڪوڙ جي ڪنهين به

پَڙ گُهرج نه ٿي پوي. ڀانيو ته ڏنو توهانجيُ ٻچڙيُ مت ٿي لڳي

مونکي اچي ڪو ڪوڙ ٿاهي ٻڌائي ها، ته اهو ڪوڙ اُنجو

جيڪر ڪڏهن پڌرو ٿي ڪين پوي ها؟ پوءِ هوند سچ ڳالهائڻ

جي ڪريُ جو جس ٿيو اٿس، سو ٿئيس ها، ڪِين ڏاڍو ٻي مانو

ٿئي ها؟"

سبق اٺهتريون.

وري ڪوشش ڪرڻ.

هڪڙي گُلو نالي ڇوڪر، پنهنجي ڀاءُ ۽ چاچي سان گڏ هڪڙي وڏي مَيدان ۾ بيٺي لغڙ اُڏايو. جڏهن هو لغڙ کي زمين تان کِڙي چاڙهي نه سگهيو، تڏهن پنهنجي ڀاءُ کي چياءِ ته "ادا، تون مونکي ٻُل ڏيندين؟" هنجي ڀاءُ نارو گهڻيءَ خوشي سان لغڙ کي وٺي واءُ تي چڙهيو، پر گُلو ٻل وٺڻ مهل ڍُڪيو ٿي ڪين ڪي، تنهنڪري لغڙ وري ڪِري پيو.

چاچهن چيو ته "ڇوڪرو، وري اُڏايو ۽ نارو، ٻيو ٻل ڏينس." اڃاهن ٻل ڏنوئي ڪين ڪي، ته گُلو لغڙ کي نارو جي هٿن مان ڇڪي زور سان ڊوڙيو، تنهنڪري لغڙ اڳيئين گهاءُ وري ڪِري پيو.

نارو چيو ته "ادا، توکي اُڏائڻ نٿو اچي." تڏهن چاچهن هنکي گهڻي دلداري ڏني، ۽ چيائين ته "فڪر نه آهي، وري اُڏايو." هن گهڻيءَ خبرداريءَ سان اُڏايو، پر نارو جو لغڙ کي هوا تي چڙهڻ، ۽ هڪ پاسي جو واءُ لڳڻ؛ تنهنڪري هو ڪن وڻن ۾ وڃي اٽڪيو، ۽ هنجو ڏگهو پڇ منجهي پيو، ۽ لغڙ اونڌو ٿي لٽڪيو. گلو انهيءَڪري چيو ته "تون ڦٿو ڪرين هڪ پاسي، وري چئين ٿو ته تون اڃا اُڏائي نٿو ڄاڻين؛ اڄ هنن مٿي ٽنگيو پيو اٿيمي." نارو چيو ته "شايد واءُ کي ٻه مون

چيو ته پاسيرو لڳ.” انهيءَ وچ ۾ چاچهس وٽي هنجي ۽ گهڻي پڇ کي ڇڏائي ويٺي چيس ته ”بابا، آءٌ، ته آءٌ توکي ٻُل ڏيان.” جڏهن گُلو ويو، تڏهن چاچهن لغڙ کي ڇڏي ڏنو ۽ پوءِ هو ڏاڍو مٿي چڙهي ويو ۽ پر گُلو هڪڙي هنڌ ويهي نظر ڪري ڏسڻ لڳو، ايتري ۾ ڏور ڍري ٿي، ۽ واءُ به بند ٿيو، ۽ لغڙ وري ڪِري پيو.

چاچهن چيو ته ”اڙي گُلو، توکي ويهڻ نه گهربو هو ۽ هاڻي جڏهن تون وري اُڏائيندس.” هن ٿورو ڪاوڙ کان جواب ڏنو ته ”آءٌ وري نٿو اُڏايان، اهو سڀ اجايو آهي ۽ لغڙ چڙهندو ئي ڪين، ۽ آءٌ وڌيڪ مٿو ڪين پٽيندس.”

تڏهن چاچهن چيو ته ”اڙي، هيتريءَ محنتون اسان هنجي ناحق ۽ اُڏائڻ تي ڪيون آهن، سو تون اُنکي ڇڏي ڏيندين ڇا؟ ٿوريءَ نا اُميديءَ تي آسانکي همت ڇڏڻ نه گهرجي ۽ هلي آچي ڏورو ويڙهه، ۽ وري اُڏاءِ.” هن اُڏايو، ۽ لغڙ ڏاڍو مٿي چڙهيو ۽ تڏهن گُلو هڪڙي هنڌ ويهي لغڙ ڏي مٿي ڏسڻ لڳو، ته لغڙ نيلي آسمان ۾ هڪڙيءَ اڇيءَ ٽڪيءَ جهڙو پئي ڏسڻ ۾ آيو. اُن مهل پنهنجي چاچي کي چوڻ لڳو ته ”چاچا، اجهو ڏس، ته لغڙ ڪهڙو مٿي چڙهيو آهي! ۽ گهوڙي جي واڳ جان ڇڪي ٿو، آءٌ اُنکي مس مس جهلي بيٺو آهيان.” ٿوريءَ مدت کان پوءِ گُلو آهستي آهستي ڏور ويڙهڻ لڳو، ۽ لغڙ ڪريو، تڏهن انکي خوشيءَ سان وچي ڪنياءِ، ۽ چياءِ ته ”ڦاٿوئي ڪين آهي، ٻيائي چڱو جهليائِ. چاچا، سبق پڙهڻ کان پوءِ سڀاڻي ٻه وري اچون، ۽ لغڙ اُڏايون؟” چاچهن چيو ”جي واءُ چڱو لڳو، ته مونکي اچڻ ۾ حرڪت

نہ آھي. ھاڻي جڏھن اسين گھر ٿا ھلون، تڏھن ٻڌاءِ تہ سھي، تہ ھِن راند مان تو ڇا سمجھيو آھي؟" گُلوءَ چيو تہ آءٌ چڱيءَ طرح لغڙ اُڏائڻ سکيو آھيان." ٺاروءَ چيو تہ "ادا، اِنھيءَ واسطي چاچي جي مھرباني مڃ، جنھن سيکاريءَ، ڇا ڪان جو جيڪڏھن چاچو توکي وري اُڏائڻ واسطي سعيو نہ ڪري ھا، تہ جيڪر تون سگھوئي ڇڏي ڏين ھا." چاچھن چيو تہ "ھائو ڇوڪرو، منھنجو بہ مطلب اھو ھو، تہ اوھانکي سيکاريان، تہ ڪنھن بہ ڪم کان وِرچڻ نگھرجي." گھڻا ماڻھو ٿوري حرڪت اگيان آڇين، تہ سگھوئي وِرچي پون، پر اھڙن ماڻھن جو ڪم ڪڏھن پورو نہ ٿيندو آھي.

سبق اُٺاسيون.

سُونين مھرن جي ڳوٿري،

ڀاڱو پھريون.

ڪنھن شھر ۾ ڪکڙا بہ پاڙيسري رھندا ھوا، جنمان ھڪڙي جو نالو ھو سَچُو، ۽ ٻئي جو نالو ھو مَنُوءَ. سَچُو ويچارو پورڙي سڀاوارو ۽ وِسوڙل ھو، ۽ ھو سڀ ڪنھن تي ڪِٽي پتِ ڪندو ھو؛ مگر مَنُوءَ کي ناڻي جو اھڙو لوڀ ھو، جو ھنکي اِھا ڳالھہ ئي وسري ويئي ھُئي، تہ "سچ جو ٻيڙو سُنڙ آھي."

ھڪڙي ڏينھن سَچُو مَنُوءَ جي گھر ويو، ۽ وڃي چيائينس تہ "ادا، منھنجو چاچو آھي تمام بيمار، تنھنڪري مونکي آھي اُنکي گڏجڻ لاءِ پرديس وڃڻو. پرگڻي ۾ جي اٿم ھڪ سو مُھرون،

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

اُهي ٻانيان ته ڪٿي رکي وڃان ۽ هاڻي صلاح ڏيوِ ته ڪيئن ڪريان."

متو، جنهن کي اهڙا شڪار ته الله ڏياري، تنهن جو چهرو خوشيءَ کان ٻهڪڻ لڳو، ۽ هن يڪدم هيءَ وراڻي ڏني: "مون کي لوهه جي هڪڙي عمدي مضبوط پيٽي آهي، جنهن ۾ آءٌ پنهنجو ڌن رکندو آهيان. اُن کي نڪي باهه ساڙي سگهندي، ۽ نڪي چور ڦٽي سگهندا. آءٌ اُن جي ڪُنجي اهڙي هنڌ رکندو آهيان، جنهن جي خبر رڳي منهنجي زال کي ۽ مون کي هوندي آهي. آءٌ پنهنجي دل ڪري ٻانيان ٿو ته جيڪڏهن تون پنهنجون سونيون مهرون منهنجي پيٽيءَ ۾ ڪٽي رکين، ته اُنهن جي سلامتيءَ لاءِ انهيءَ کان ڪو ٻيو چڱو اُپاءُ ڪونهي."

اها ڳالهه ٻڌي سَچُوءَ چيو ته "مان ٻانيان ٿو ته آءٌ ٿورن ٽي هفتن کان پوءِ موٽي ايندس. تو منهنجون سونيون مُهرن کي پاڻوٽ سنڀالي رکڻ جي آڇ ڪئي آهي، تنهن لاءِ آءٌ تنهنجي ڀلائي ٿو سمجهان. اڇا هيءَ ٻالي." اِئين چوندي هُن هڪ ڳوٿري ڪيسي مان ڪڍي ميز تي ڪٽي نائين. پوءِ متوءَ ۽ سندس زال جي روبرو مهرون سڀ برابر ڳڻي وري ڳوٿريءَ ۾ وجهي، اُن جو منهن بند ڪري، اُن کي چياءِ ته "ڏسو، هن ڳوٿريءَ جي مٿان هڪ ڪاڳر جي چُٽڪي لڳل آهي، جنهن تي منهنجو نالو ۽ مهرن جو انداز لکيو پيو آهي."
تنهن کان پوءِ اها ڳوٿري مَتُوءَ جي حوالي ڪري، پاڻ اُن کان ۽ اُن جي زال کان موڪلائي ويندو رهيو. مَتُوءَ جي زال چيو ته "اِهو شخص ڪهڙو نه ويسلو ۽ ڳهيلو ڇمبو، جو ڌن اسان کي سونپي ويو آهي، ۽ اُن جي لاءِ اسان کان رسيد ورتيئي ڪانه اٿس."

اها ڳالهه ٻڌي سندس مڙس ورندي ڏني تہ "انهيءَ ۾ ڪا حرڪت
نہ آهي؛ ڇوته اسان وٽ پٽ آهي، تنهنڪري رسيد وٺڻ جو
ڪو ضرور نہ ڄاتو اٿس." سچوءَ جو پنهنجي وطن ڏي موٽي
اچڻ هڪ ورهه کان پوءِ مس ٿيو. هو جنهن ڏينهن موٽي آيو،
تنهنجي ٻئي ڏينهن پنهنجن پاڙيسرين جي گهر ويو، ۽ وٽن کانئن
پنهنجي امانت گهريائين. تنهن تي متوءَ نهارڻ لڳو پنهنجيءَ زال ڏي،
۽ زال نهارڻ لڳي ڏانهنس؛ ڇاڪاڻ جو مڙس ڀانيو تہ زال جواب
ڏئي، ۽ زال ڀانيو تہ مڙس جواب ڏئي. نيٺ متوءَ هيءُ جواب ڏنو:
"ادا سچو، توکي ياد گيري پوري نہ رهي آهي. تو بيشڪ اسان کي
اچي چيو هو تہ "منهنجون سونيون مهرون توهين ڀائوٽ امانت رکو"؛
پر اسان اها ڳالهه قبول نہ ڪئي، ڇاڪاڻ تہ ناڻي جي ڀنيان
چور گهڻا؛ سو ڏسي وائسي پنهنجي سر تي جوکي کڻڻ جي اسان کي
ڪا مرضي ڪا نہ هئي." تڏهن سچوءَ متوءَ جي زال ڏي نهاري،
اُنکان پڇيو تہ "تون بہ اها ساڳي ڳالهه تي چئين ٿي؟" هن زال
کي ڪا بہ شرمائجي چيو تہ "ها ٿو. تون ڀانئين ٿو تہ منهنجو
مڙس ڪو ڪوڙ ڳالهائيندو ڇا؟ اها ڳالهه ڪا ٿيٺي آهي، جو
اسان سونين مهرن جي سنڀال ڪرڻ جو ڪم اُهيئي ڀار تي
کڻيو هجي؟" تنهن تي سچوءَ چيو تہ "اها منهنجي چوڪ آهي،
جو مون پنهنجي ڏن لاءِ توهان کان ڪا رسيد ڪا نہ لکائي ورتي،
تنهنڪري آءٌ پنهنجي ڏن وڃائي وهڻ جوڳو آهيان؛ پر توهين
ڀائيهي ڏسندو تہ انهيءَ طرح ڪمايل ڏن مان توهان کي ڪا ڀلائي
ڪا نہ ٿيندي. مونکي توهان جو ارمان آهي. توهين ڀانيو ٿا تہ

اڄوڪي رات وڏيڪ سُکي ٿي ڪير سمھندو - توھين ويا مان ؟"

ائين چئي ھو اُمالڪ اُنھنجي گھران نِڪري ٻاھر ھليو ويو.

تڏھن مَتُوءَ جي زال پنھنجي مڙس کي چيو تہ " مھر باني ڪري اُنکي ڪوٺي وٺو، ۽ چئوس تہ اسان رڳو چرچو ٿي ڪيو. پنار، ھو سچ تو چوي - ھنجو ناڻو اسان کي وِهُ ٿي لڳندو."

اھا ڳالھ ٻڌي مَتُوءَ ورندي ڏني" نہ، پياري، نہ! اھو ناڻو تہ نج ٻھڪندڙ سون آھي. تنھنکان سواءِ سَچُو اسانکان وڌيڪ دولت مند آھي؛ سو جي اُنجا اھي پيسا ويا، تہ اُنکي ڪا پروا ڪانھي.

سبق اسيون.

سونيئن مُھرن جي ڳوٿري.

ڀاڱو ٻيو.

سَچُوءَ جج صاحب وٽ وڃي پنھنجو سارو احوال ظاھر ڪيو. اُن پڇيس تہ " پيسن لاءِ ڪا رسيد ورتي ائئي؟"

سَچُوءَ چيو تہ" ساءِ، نہ؛ مون پنھنجي پاڙيسريءَ مَتُوءَ کي تمام ايماندار ڪري سمجھيو ھو؛ تنھنکانسواءِ جنھن وقت مون سونيون مُھرون اُنکي ڏنيون ٿي، تنھن وقت سندس زال سندس ڀر سان ويٺي ھئي، ۽ اُن اھو سارو حال اکين سان ڏٺو."

تڏھن جج صاحب حڪم ڏنس تہ" ڀلا چڱو، تون ھلي تيسين فلاڻي ڪوٺيءَ ۾ ويھہ، جيسين آءٌ مَتُوءَ کي گھرائي اُنکان اھا ڳالھ پڇان." سَچُوءَ ائين ڪيو؛ جج صاحب مَتُوءَ کي ٻاڻ وٽ گھرايو.

جڏهن مٺو جج صاحب وٽ اچي حاضر ٿيو، تڏهن جج صاحب ان کي چيو ”اسان کي خبر ملي آهي ته ٿورا مهنا ٿيندا، جو تنهنجي ڪنهن دوست تو وٽ ڳچ ڄيتريون سونيون مُهرون امانت رکيون هيون، ۽ هاڻي اهي موٽائي ڏيڻ کان تون انڪار ٿو ڪرين. توکي اِنهيءَ بابت ڇا چوڻو آهي؟“

مُٺوءَ وراڻي ڏني ته ”سائين، اهو توهان جيڪي ٻڌو آهي، سو نسورو ڪوڙ آهي. مونکي ته مهرن جي ڪا به خبر ڪانهي.“

تڏهن جج صاحب چيو ته ”شايد ائين هوندو، ۽ اسين توکي ڪٿي بيگناهه سمجهون؛ مگر، منهنجي خاطريءَ ڪرڻ لاءِ، آءٌ توکي جيئن چوان، تيئن هڪ خط پنهنجي زال ڏي لکي مُنج. چون ٿا ته ڏوءَ ساريءَ ڳالهه ۾ حاضر هئي؛ تنهنڪري تون جيڪي چوين ٿو، سو جيڪڏهين سچ آهي، ته جلدئي خبر پئجي ويندي. هاڻي ساءِ، هيءُ لفظ لکه.“ مُٺوءَ کي اها رٿ نه وڻي، تنهن چيو ته ”سائين، جيڪڏهين مونکي حڪم ٿئي، ته آءٌ پنهنجي زال کي پاڻ وڃي وٺي اچي هت حاضر ڪريان، ته اُنکي جيڪي چوڻو هجي، سو سائينءَ جي روبروءَ بيهي ظاهر ڪري.“ تنهن تي جج صاحب چيس ته ”مونکي پنهنجو رستو وٺڻ ڏي. اجهي قلم، مس ۽ ڪاغذ حاضر اٿئي. سگهو ٿيءُ، خط لکه.“

مُٺوءَ اتي اچي ڏاڍو ششدر ٿيو. ڀانيائين ته دروازي کان نڪري ڀڄي وڃان؛ مگر دروازي جي ويجهو بيٺا هوا سپاهي، تنهنڪري ڀڄڻ جي واهه ڪانه رهيس. نيٺ لاچار ٿي جج

صاحب جي چوڻ موجب هيٺيان لفظ لکيائين:-

"منهنجي پياري زال،- هن خط جي آڻيندڙ کي سَچُوءَ واري سونين مهرن جي ڳوٿري ڏج. مونکي اُها هنڌ جو هنڌ موٽائي ڏيڻي آهي."

جج صاحب اِهو خط مٿس وٺي چڱيءَ طرح جاچي ڏٺو، ته اُن ۾ انهن لفظن کان سواءِ مٿان ٻيو ڪي وڌيڪ لکيل ته نه آهي. مَتُو انهيءَ اُميد تي اُٿي کڙو ٿيو، ته گهر وڃي اڳهرئي منهنجيءَ زال کي ساري ڳالهه ٻُڌائي پاڻهي پڪو ڪري ڇڏيان؛ پر جج صاحب وڏي آواز سان ٻُڪاري چيو "سائين، ويهي رهه، جيسين منهنجو قاصد موٽي اچي، تيسين ٺهر."

مَتُو، جڏهنکي اچي اهو ٻُڌو، ته هن ڳوڙهئي اجهو ٿو ڦاٽي، تڏهنکي لڱن ۾ اچي ڏڪڻي ٻَڌي، ۽ هورِئي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ماٺ ڪري وڃي ويهي رهيو. اڃا اڌ ڪلاڪ ئي مس گذريو هو، ته جج صاحب جو ماڻهو هڪڙيءَ ڳوٿريءَ سميت وري اچي حاضر ٿيو. هن اها ڳوٿري آڻي جج صاحب جي هٿ ۾ ڏني، جنهن ڦور ياءِ ڇڪي ٻڙهي، ۽ پوءِ پيسا ڳڻي ڏٺائين ته برابر هڪ سو مُهرون ٿيون. ويچاري مَتُوءَ جو منهن ئي لهي ويو؛ هو ڳوڏن ڀر ويهي، پنهنجو ڏوهه ٻاسي، جج صاحب کان معافي گُهرڻ لڳو. جج صاحب دروازو پٽي سچوءَ ڏي اِشارو ڪري چيو ته "اجهو، توکي معافي جا گُهرڻ گُهرجي، سا هِن کان گُهر."

سَچُوءَ چيو ته "جج صاحب، آءٌ ڀانيان ٿو ته خدا صاحب ماڻهوءَ کي

ڇڪي ۽ ھُٽي جي سُنڀالڻ لاءِ جا سمجهه ڏني آهي، سا انکي پاڻيهي گهٽي قدر ڦِٽِ ڦِٽِ ڪندي."

جج صاحب جواب ڏنو ته "مونکي انهيءَ بابت پَڪ نه آهي؛ ڇاڪاڻ ته گهڙا ٻيچارا ماڻهو، جن ۾ اِها سمجهه اڳيئي ڪي قدر جَهڪي هوندي آهي، سي اُنکي هيڪاري اُجهائي ڇڏيندا آهن. پر جيڪڏهن تون هن ماڻهوءَ تي مقدمي هلائڻ کان هٿ ڪڍندين، ته پوءِ مونکي هنکي ڇڏي ڏيڻو پوندو."

سَچُوءَ ورندي ڏني ته "سائين، آءٌ هنتي مقدمي هلائڻ کان بيشڪ هٿ ڪڍان ٿو، ڇاڪاڻ ته مونکي اُميد آهي ته هو سڌري پوندو."

تڏهن جج صاحب آخرِ هِن چيو ته "مونکي فقط هِن ڳالهه کان سواءِ ٻيو ڪي ٻه ڪين چوڻو آهي، ته سَچُو، تون جو سڀڪنهن ماڻهوءَ کي، پوءِ ايماندار هجي، توڙي بي ايمان هجي، بنا رسيد پَيسا ڪڍيو ڏين، سو اها تُنهنجي وڏي مورکائي آهي." ائين چئي اُنهن کي موڪل ڏناءِ.

سبق ايڪاسيون.

ٻني: ٻاگو ٻهريون.

آسانجي کاڌ خوراڪ جون ۽ ٻيون شيون، جئن ته ڪڻڪ، چانور، جوئر، ٻاجهري ۽ ٻيا اَنَّ جا سڀ قسم، ۽ ڄانهيون، سرهه، آهر ۽ ٻيءَ تيل نڪرڻواريُون جنسون، ۽ انب، زيتون، صوف، توت، ڏاڙهون ۽ ٻيا قسمين قسمين ميوا، ۽ واڱڻ، تُوريُون، ڪدو، گاجرون، موريُون، ميٿي، پالڪ، چُوڪو، سُوا ۽ ٻيو ترڪاريُون، ۽ گدرا،

ھندانا، ونگا، ريبڙيون، ڪمند، ڪپھ، نير، ۽ گاھ جا ڪيترا قسم
۽ ٻيون ٻہ ھزارين شيون زمين مان پيدا ٿين ٿيون. اُن ٻنھين ۾
ٿيندو آھي، ۽ ميوا باغن ۾، ۽ ترڪاريون، ڪماند پوکن ۽ باغن جي
پر ۾، گدرا، ھندانا واڙين ۾ ٿيندا آھن. ڪڻڪ، جَوَ، چڻا،
مٽر، سرنھن، جانئيو ۽ ٻيون ٻہ اھڙيون شيون چيٽ جي مُند ۾ ٿينديون آھن.
جوئر، باجهري، ساريون، ڪمند، نير، تِر، ڪپھ، ۽ ٻيون ڪيتريون
جنسون ٿينديون آھن ڪتيءَ جي موسم ۾. ٻنين پوکڻ جا سنڌ
جي ملڪ ۾ ٽي دستور آھن: "چرخي"، "موڪ" يا "سيلابي"،
"باراني." "چرخي" پوک ھن طرح سان ٿيندي آھي، جو ڪتيءَ
جي مُند ۾ ڪنھن بہ سنڌ وھندي پاڻيءَ خواہ ڍنڍ جي ڪنڌيءَ تي
ناريا ھُرلو چاڙھيندا آھن. پوءِ ٻہراءِ ڌرتيءَ کي وڻ ٽڻ، گاھ پٺي
کان صاف ڪري ھرسان کيڙيندا آھن، ھِن مطلب تي تہ ڌرتي
ڪُنئري ٿئي، ۽ مٿين ترکل ڌرتي ھيٺ ۽ زورواري ڌرتي مٿي
ٿئي. (ڌرتيءَ کي جيئن گھڻا ڀيرا ھرايندو، تيئن سندس پوک
ڀلي ٿيندي، ۽ پاڻ وجھجيس، تہ ھيڪاري چڱي ٿئي.) پوءِ اُھو
ناريا ھُرلو وَھُو ڪندا آھن، ۽ اُنھيءَ سان پاڻي ڪيدي ڌرتيءَ کي
ڏيندا آھن. جڏھن اُھو پاڻي آلبتہ سُڪي، ۽ ڌرتي ھر گھمائڻ
جھڙي ٿئي، تڏھن ھنہ جوئر ۽ باجهريءَ جا داڻا ڇَٽي وري ھر
ڏيندا اٿس، ھِنلاءِ تہ داڻا ڌرتيءَ ۾ ھيٺ پرا وڃن، ۽ اُنھنجي سلن
جي پاڙ مضبوط ٿئي، ۽ داڻن کي پکي پکڙ کائي نہ وڃن. اُنھيءَ ھر
ڏيڻ کان پوءِ، برابر بارا ٻڌي، ٻنيءَ کي جام پاڻي ڏيڻ شروع ڪندا آھن،

ڀِتِين سُڪڻ کين ڏيندا اٿس. پنجن ڇهن ڏينهن ۾ اُنهن داڻن مان ساوا سلا ڇِمي ظاهر ٿيندا آهن، ۽ پوءِ پاڻي ايندو ويندو آهي، تنهنجي ريج سان وڌندا ويندا آهن، ۽ ٽن مهينن جي اندر اُهي سلا وڏي، ڪي ماڻهوءَ جي قد، ۽ ڪي اُنهيءَ کان وڏا، ڪي ننڍا ٿيندا آهن؛ ۽ اُنهنجي چوٽيءَ مان سنگ نڪرندا آهن، جي پهرين خالي هوندا آهن، ۽ پوءِ اُنهن ۾ ڪچو اَنُّ نڪرندو آهي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ اُهو اَنُّ سج جي تَو کان پچي سالم ٿيندو آهي، تڏهن پاڻي ڏيڻ بند ڪندا آهن، ۽ اُنهن سنگن کي ڏاٽن سان لُڻندا آهن. اُنهن ڏينهن کي "لاباري جا ڏينهن" چوندا آهن. اُهو ٻنيءَ وارن لاءِ ڏاڍيءَ خوشيءَ جو وقت ٿو ٿئي. گڏ ٿيل سنگن جي ڍير کي "ٻارِ" چوندا آهن، ۽ جتي گهڻي ٻاريُ گڏ ڪندا آهن، اُنهيءَ هنڌ کي "کَرو" چوندا آهن. پوءِ جڏهن سنگ بلڪل سُڪي رهندا آهن، تڏهن اُنهنکي پکيڙي اُنهنجي وچ ۾ ڪڙي ڪاٺي مضبوط کوڙي، تنهن سان ٻه يا زياده ڏاند ٻڌي، سنگن جي مٿان ڦيرائيندا آهن، اُنهيءَ کي "هَلَرُ" يا "ڳاهُ" چوندا آهن. ڏاندن جي کُرن سان اُنهن سنگن مان اَنُّ نڪرندو آهي، تنهنکي وڏن ڇَڄن سان واٽري، صاف ڪري کڻي ايندا آهن.

سبق ٻياسيون.

ٻني، يا ڳو ٻيو.

ڇيت جي مُند ۾ نارن جي پاڻيءَ سان ڪٽڪ ٻه پوکيندا آهن.

انهن نارن کي "ڏاڪا" چوندا آهن. چيت ۽ ڪتيءَ جي وچ ۾ جتي پاڻي ملي سگهندو آهي، اتي انهن ڏينهن ۾ نار چاڙهي انهيءَ پاڻيءَ سان جوئر ۽ وڻ پوکيندا آهن. انهيءَ پوکر کي "آڏاوين جي پوکر" چوندا آهن. پوکر جو ٻيو قسم آهي "موڪ". اها هيءَ آهي، جو مٿاهين ڌرتي يا ڪنهن کسيءَ ڪُوَر مان پاڻي ڪنهن هيٺاهين ڌرتيءَ ڏي جوڙي ڇڏيندا آهن، ۽ اها ڌرتي پاڻيءَ سان ڀري ڇڏيندا آهن. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، جڏهن ڌرتي ڏَڪري ٿيندي آهي، تڏهن ڪيڙي منجهس ٻج وجهندا آهن. ٽيون قسم آهي "باراني". هيءَ اهو آهي، جو مينهن وسندو آهي، ته هنجو پاڻي هيٺاهينءَ ڌرتيءَ تي ڪجهه ڏينهن تائين ٽڪي انڪي رِجائي ڇڏيندو آهي؛ تڏهن پاڻيءَ جي سڪڻ کان پوءِ ڌرتيءَ کي ڪيڙي منجهس ٻج وجهندا آهن. پاڻيءَ جي گهرج سارين جي پوکر کي ٻي ڪُل پوکر کان وڌيڪ آهي؛ جڏهن ته هنجا ٻيجائي اصلي ٻيٺل پاڻيءَ ۾ وڌِرندا آهن، ۽ هنجا سَلا سمورا پاڻيءَ ۾ ٻڏا رهندا آهن، فقط سندن پن پاڻيءَ کان ٻاهر رهڻ گهرجن. ٻنيءَ ۾ ٻج وجهڻ جي ٽي واٽون آهن: هڪڙي "ڇَٽَ"، ٻي "ناڙي" ٽي "روٽ". "ڇَٽَ" يعني داڻا ڌرتيءَ ۾ ڏار ڏار اُڇلائي ڇڏڻ. "ناڙي" هڪڙي پوري ڪاٺي ٿيندي آهي، سا هر جي اُپيءَ ڪاٺيءَ سان ڪٽي ٻڌند آهن؛ ۽ هاري ٻج جي جهولي پاڻ سان ڪٺندو آهي، ۽ هر ڏيندي مٺ هن جهوليءَ مان مٺ ڀريندو، انهيءَ سان ٿوڙا ٿورا داڻا ان ناڙيءَ ۾ وجهندو ويندو آهي، ۽ جيڪا ڌرتي ڦار سان چيرجي ويندي آهي،

تنهن ۾ ناڙيءَ مان ڏاڍا پوندا ويندا آهن. ڪڻڪ جي پوک گهڻو ڪري امڙيءَ طرح سان پوکيندا آهن. سارين ۽ جوئر ۽ ٻاجهريءَ جي گهاٽن پوکيلن ڏاڍن مان جڏهين سلا نڪري هٿ جيڏا يا ڪجهه گهٽ وڌ ٿيندا آهن، تڏهين اُنهنکي اُتاهين پٽي ٻنيءَ ۾ نيئي ڏارڏار ڪري رُنبيندا آهن. سارين جي اِنهيءَ رُنبڻ کي "وِهَراج،" ۽ جوئر يا ٻاجهريءَ جي انهيءَ رُنبڻ کي "روتَ" چوندا آهن. سارين جي پوک پلي ٿئي ٿي وِهَراج جي اُپاءَ سان.

سبق ٽياسيون.

ڏالچيني.

ڏالچيني هڪڙي قسم جي وڻ جي ڇارين جي کل آهي. سلون، جنهنکي هندو لنڪا ڪري سڏيندا آهن، تنهن ۾ ڏالچينيءَ جا وڻ گهڻا ٿيندا آهن. انهيءَ ٻيٽ ۾ انهيءَ وڻ جا وڏا جهنگ لڳا پيا آهن. جيتوڻيڪ اصل ڏالچينيءَ جي اُپت جي جاءِ لنڪا ٻيٽ آهي، پر مليبار ۾ به هيءُ وڻ ٿيندو آهي. جاوا ٻيٽ ۾ ڏالچينيءَ جا وڻ گهڻا پوکيا اٿن ۽ ٿورن ڏينهن کان جميڪا ۽ ويسٽ انڊيز جي ٻين ٻيٽن جا ماڻهو به ڏالچيني پوکڻ لڳا آهن.

هن وڻ کي ڪپجي نه ۽ ائين ڇڏي ڏجي، ته وڏي وڏي ٽيهن فوٽن اُتاهين ڌاءِ وڃي پهچي. واريءَسيءَ ڌرتيءَ ۾ هيءُ وڻ چڱو اُسرندو ڦهي. هيءُ وڻ ٻيان ۾ گهڻو ڪري ٻين وڏن وڻن جيوچ پوکيندا آهن، ته مٿس اُنهنجي ڇانو رهي. جڏهن ستن ورهن ۾ هيءُ اُتاهين ڌ ۾ پنجن ڇهن فوٽن تاءِ ويندو آهي.

مي مهني ۾ جڏهن سلون ۾ميٺهن وسي بس ٿيندا آهن، تڏهين هن وڻ کي ماڻهو ڪپڻ شروع ڪندا آهن، سو ويندي نومبر مهني تائين پورا تاري ڪپي، اُنهن کي ڇوڏ اري جيڪڏهن ڇيري، مٽيان ڇوڏا لاهي، پوءِ ڪٽي اُس ۾ رکندا آهن. پوءِ جڏهين ٻاهرين کل ڏار تي پوندي آهي، تڏهن اندريان پترا ڇوڏا، جي اُس ۾ رکڻ کان ويڙهجي پوندا آهن، سي ڪيڏي وٺندا آهن؛ پوءِ اُنهنجون مُوڙيون ٻڌي ٻاهر موڪليندا آهن. پرسيئي کان اُچي دالچيني اُها ٿيندي آهي، جا ٽن ورهن جي وڻ جي ٽارين مان ٿيندي آهي.

هن وڻ جي پاڙ ۽ ڦل جو تيل ڪيندا آهن؛ پر ڦل جو تيل چڱو ٿيندو آهي. جڏهن ٿڌ پوندي آهي، تڏهن هيءُ تيل جمي ميڻ وانگر ٿي پوندو آهي. اڳي اُنهيءَ ٻيٽ جي راجا لاءِ دالچينيءَ جي تيل جون ميڻ بتيون جڙنديون هيون. هيءُ ٻيٽ ڊچ لوڪن جي تابع ۾ هو، تڏهن اُهي ٻين ماڻهن کي وس پڄندي دالچينيءَ جو واپار ڪرڻ ڪين ڇڏيندا ها، ۽ جهڙي اڳهر وٺندو هون، تهڙي اڳهر رکندا هوا؛ ۽ اُنهن اهڙو بندوبست ڪٽي ڪيو هو، جو رڳو ڪو دالچينيءَ جي ڇڪي پنهنجي باغ ۾ هٽائيندو هو، تہ هنکي گهٽي سزا ڏيندا ها. اهڙيءَ ريت ڪري اُنهن واپار مان گهڻو ڏن ڪمايو. پر جڏهانڪر هيءُ ٻيٽ انگريز سرڪار جي هٿ هيٺ آيو آهي، تڏهانڪر جنهنکي وڻي ٿو، سو دالچينيءَ جو واپار ڪري. لنڪا ۾ دالچينيءَ جا وڻ ايترا ٿيندا آهن، جو اُتي جا ماڻهو سياري ۾ اُنجون ڪاٺيون ٻاريندا آهن.

SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

دالچيني مصالحہ گھڻو ڪم ايندي آهي. دوا ۾ هنجو گهڻو ڪاپو ٿئي ٿو ۽ ڦڙي يا پيٽ جو مرض ڏيندو آهي ۽ تہ دالچينيءَ جو ڪاڙهو ڪري پيارينداآهن ۽ ڪنهنکي وائي سور پوندو آهي، تہ هنکي دالچينيءَ جي عرق سان مالش ڪرائيندا آهن. اِنهيءَ طرح ٻين وڻ مان جهجها فائدا آهن. لنڪا مان ٻين ملڪن ڏي گهڻي دالچيني ٿي وڃي ۽ اُتي هزارن رپين جو واپار ٿو هلي، جنهنڪري اُنمان گهڻن ماڻهنجو گذران پيو ٿئي.

سبق چوراسيون.

حواس يا اِندريءَ.

پاڳو پهريون.

اُستاد - شين جي طرح طرح خاصيتن جي توکي ڪئن ٿي خبر پوي؟

شاگرد - حواسن جي ڪري ٿي خبر پوي.

اُستاد - توکي ڪئن ٿي سُڌ پوي تہ فلاڻي شَي ڳاڙهي يا ڪاري آهي؟

شاگرد - اکين سان اُها شي ڏسجي ٿي، تڏهن ٿي خبر پوي.

اُستاد - اِنهيءَ ڪري جيڪي ماڻهو انڌا آهن، تنکي رنگ جي خبرئي ڪانہ پوي. تون مونکي ٻڌاءِ تہ ڇائي جہ ڪان جيڪي ٻوڙا ماڻهو آهن، سي ڳالهائي ڇو نہ ٿا سگهن؟

شاگرد - آءٌ ڀانيان ٿو تہ هونکي ڪنهن جو آواز ٻڌڻ ٿا، ۽ نکي اُنجو نقل ڪري ٿا سگهن.

اُستاد - اِها ڳالهہ درست ائين آهي. آواز ۽ رنگ جي خبر پوي ٿي ڪنن ۽ اکين جي وسيلي سان، سو جنکي اِهي ٻئي

حواس نہ هوندا، تنکي آواز ۽ رنگ جي ڪٿان خبر پوندي؟

شاگرد - چڱو، پر تڏهن آسانجي دليءَ، جي طرحين طرحين خيالن سان پري پيئي آهن، تنهن اُهي خيال اچن ڪٿان ٿا؟

اُستاد - اهي حواسن جي استعمال ڪان دل ۾ پيا گڏ ٿين ۽ جئن توهڪ پيرو ڪُتو ڏٺو هجي، ۽ اُنجي صورت تُنهنجيءَ دل تي جمي ويئي هجي، پوءِ ڪو ڪٺي هوند ڪُتي جي ڳالهہ ڪري، تہ اُنجي صورت تُنهنجي اکين اڳيان جيڪر اچي بيهي؛ انهيءَ ريت، جي تو ڪنهن شَيءِ ڪو ڪڏهن ڏٺو هوندو، انجي ڳالهہ اچي نڪرندي، تہ اُها تُنهنجين اکين اڳيان حاضر ٿيئي پائيندي؛ يعني جا شَي اڳي ڏٺل آهي، تَنهنجي وري ڏسڻ ڌارانئي، انجي شڪل يا رنگ خيال ۾ اچي ويندو. اڳي تون اکين جو استعمال ئي ڪو نہ ڪرين، پوءِ ڪئن ڪو رنگ يا صورت تُنهنجي خيال ۾ اچي؟

شاگرد - ياد گيريءَ تي ڪو خيال ۾ اچي.

اُستاد - ڇهڻ جو ڪهڙو حواس آهي؟

شاگرد - سڄي بت ۾ اها خاصيت آهي. مگر ڪي ڀاڱا، جهڙا نهن، ڏند ۽ وار آهن، تنهن ڪانهي.

اُستاد - ٻين جانورن جي بُت جا ڪهڙا ڀاڱا آهن، جنهن ۾ اها خاصيت ڪانهي؟

شاگرد - کُرُ، سِڱ، چُنبن جا نهن، کُنبَ، وارَ، پشم، انهن ۾ اها خاصيت بالڪل ڪانهي.

اُستاد ـ مٿئين جو ڪهڙو عضوو خاص انهيءَ چهڻ جي ڪم لاءِ
ٺهيل آهي .

شاگرد ـ هٿ .

اُستاد ـ ڇهڻ جي حواس سان مٿيئين ڪهڙا گڻ معلوم ڪري سگهبا ؟

شاگرد ـ ڊاڍائي، ڪُنئرائي، کهرائي، لسائي، ڏگهائي، منڌرائي
ٿِڪائي، مُڏائي، گولائي، ڳرائي، هلڪائي، ڀترائي،
گهاٽائي، سُڪائي، آلائي، ڪوسائي، ٿڌائي، وغيره،
يعني شين جو روپ، قد يا انداز، متاڇرو، قِسم، وزن،
اِهي سڀ ڳالهيون معلوم ٿي سگهنديون .

اُستاد ـ توکي خبر آهي تہ ڏسڻ جو حواس اکيون آهن . هو آسانجي
اُپائيٺا راهڙي ڏولِ ٺاهيون آهن، جو ويجهو ۽ ڏوراهيون
سڀ قسم جون شيون اُنهن سان ڏسي سگهجن ٿيون، ۽ هڪڙي
شَي يا گهڻيون شيون يڪدم نظر ۾ اچي سگهن ٿيون ؛ اکر جو
اُهو يا ڳو، جنهن ۾ روشنائي آچي ٿي، سو ڪِرڻن جي
گهٽائي ٿورائي موجب وڏي يا سُسي ٿو بلڻ ۽ ڇپري جون اکيون
عجب طرح جيون آهن . هو اُوندا هئي ۾ چڱيءَ پر ڏسي
سگهن ٿا . مڇين ۽ پکين جي اکيون وري انهنجي ڏول تي
ٺهيليون آهن .

شاگرد ـ اکين جي وسيلي سان طرحين طرحين خيال دل ۾ ڪنا
ٿيندا ٿا وڃن ؛ ۽ اِهي خيال، رڳو دنيا ۾ جيڪي ڏسجي ٿو،
تنهن مان نٿا گڏئين، پر اکيئين سمي جي ڏاهن ۽ اکابرن

جي ڪنا ٻن مان ٻه.

اُستاد- ڪهڙيون ڪهڙيون خاصيتون اکين سان معلوم ڪري ٿي سگهجن؟

شاگرد- روشنائي، صفائي، اونداهي، ڪارائي، اوجلائي، جهڪائي، ۽ ٻي اهڙيءَ اهڙيءَ پرجون خاصيتون، ۽ طرحين طرحين رنگ، ۽ صورتون به اکين ڪري ڏسي ٿيون سگهجن.

سبق پنجاسيون.

حواس يا اِندريون.

ٻيو ٻيو.

اُستاد- ٻُڌڻ جو حواس ڪهڙو آهي؟

شاگرد- ڪَن.

اُستاد- ڪن جانورن جا ڪَن ڏاڍي تعالیٰ اهڙيءَ ريت ٺاهيا آهن، جو ٻاهران ڏُهل جي شڪل پيا ڏسجن، ۽ هو اهڙيءَ طرح جُڙيل آهن، جو آواز ٻاهران هوا جي وسيلي سان اندر وڃيو هڪڙي هُنڌ لڳي. ڪَن سڀني جانورنجا هڪڙيءَ طرح به ڪين جُڙيل آهي، سڀڪنهن جا سندس گهرج موافق ٺهيل آهن. شڪاري مرن جا ٺورا اڳتي وريل آهن، انهيءَ لاءِ ته هو پنهنجي شڪار جو آواز ٻڌي سگهن؛ پر اُهڙا جانور، جنجو چوٽڪارو آهي پٺڀرو، تنجا ٺورا پُٺ تي وريل آهن، انهيءَ لاءِ ته هو پنهنجن ويرين جو آواز ٻڌي سگهن. انهيءَ طرح جانورن کي احتياج سارو ٻڌڻ جو حواس ڏنل آهي، جنهن سان هو سڀڪنهن پر جا آواز ٻڌي ٿو سگهي؛ ۽ جئن اکين سان چڱيءَ شَي ڏسڻ ڪري دل کي خوشي ٿي ٿئي، ۽ خراب شَي جي ڏسڻ کان ڪُڇان ٿي اچي، تئن ڪَنن سان مِٺي آواز ٻڌڻ ڪري

دل کي خوشي ٿي ٿئي، ۽ خراب ۽ ڪُهري آواز هڻڻ ڪري رنج ٿو ٿئي.

اُستاد- سنگهڻ جو حواس ڪهڙو آهي؟

شاگرد- نڪ. هن ۾ جي ٻهڙي پاسين ٽُنگ آهن، جنکي "ناسون" ڪري چوندا آهن، اُنهن ۾ سنهڙيون نبضون جي هڪڙي وڏي نبض سان گڏيليون آهن، جنهنڪان سواءِ جيڪر بوءِ جي خبر ئي ڪانه پوي.

اُستاد- اِها تُنهنجي ڳالهه برابر آهي. اسانکي بدبوءِ ۽ خوشبوءِ جي خبر سڀ انهيءَ جي وسيلي سان ٿي پوي: پر هيءُ حواس ماڻهوءَ کي ايترو ڪمائتو نه آهي، جيترو ٻين گهڻن جانورن کي آهي. ڪيترا جانور پنهنجي خوراڪ يا شڪار انهيءَ حواس جي مدد سان لهن ٿا. ماڻهو شڪاري ڪتا جو شڪار ونڻ لاءِ ڪم آڻين ٿا، سو فقط انهيءَ ڪري، جو اُنهنجو سنگهڻ جو حواس ڏاڍو تيز آهي، ۽ شڪار جو پير سنگهي ڳولي لهندا آتس.

اُستاد- سُرهي باس يا ڪِني باس اسانکي ڪئن ٿي اچي؟

شاگرد- آءٌ ٻانيا نئو، ته آوهان هڪڙي ڏينهن ڳالهه ڪئي هئي، ته سڳنڌ يا بدبوءِ واريون جي شيون آهن، اُنهنمان باريڪ ذرڙا نڪري هوا ۾ گڏ جي ٿا وڃن؛ جڏهن اُها هوا اسانجي نڪ تاءِ ٿي پهچي، تڏهن نڪ جي سنهين نبضن کان خوشبوءِ ۽ بدبوءِ جي ٿي خبر پوي؛ ۽ گرمي اُنهن ذرڙن کي پکيڙيندي آهي، تنهنڪري اونهاري ۾ گُل سڳنڌائي ۾ واڌُ ڏيندا آهن.

اُستاد- اِها ڳالهه برابر آهي؛ پر مونکي ٻڌاءِ ته شين جي سواد جي

خبر ڪئن پوندي آهي؟

شاگرد- وات سواد معلوم ڪرڻ جو حواس آهي. وات ۾ جيڪا کَل آهي، سا بت جي ٻئن ڀاڱن جي کَل‌کان پتري ۽ نازڪ آهي، ۽ هن ۾ گهڻيون نبضون آهن، تنهنڪري مِٺي، ڪڙي ڪُتي، يا ڪا ٻي سوادي شَي جڏهن وات ۾ ٿي وجهجي، ۽ ٿُڪ سان آلي ٿي ٿئي، تڏهن اُنهيءَ دم اُنهيءَ سَواد جي خبر ٿي پوي.

اُستاد- انهيءَ حواس جي ڪري ڪهڙن ڪهڙن سوادنجي خبرٿيپوي؟

شاگرد- مِٺائي، ڪڙائي، ڪتائي، تکائي، اُگرائي، ڇڙائي، اهي خاصيتون انهيءَ حواس جي ڪري معلوم ٿيون ٿين؛ پر تنهنکان سواءِ ٻي جهڙي شَي وات ۾ وجهبي، تهڙو هنجو سواد معلوم ٿيندو.

اُستاد- هاڻي توکي پنجئي حواس معلوم ٿيا؛ بهتر آهي ته انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏيڻ کان اڳي وري اُهي ڳڻي ٻڌاءِ.

شاگرد- اکيون، نڪ، ڪَنَ، کَلڙي، ۽ وات، اهي پنج حواس آهن.

سبق ڇهاسيون.

ٽامو، شيهو، قلعي ۽ ٻيون ڌاتو.

سون ۽ رپي کان ٽامو، جست، شيهو، قلعي، اهي گهڻن ڪمن ۾ ٿا اچن؛ پر اهي اُنهن ٻنهين مان ڪنهن به ڪري جهڙا قيمتي ته آهن. ٽامي جو رنگ ڳاڙهيرو ٿيندو آهي؛ اُنهيءَ مان پَيسا، پايون جوڙيندا آهن؛ ۽ اُنهيءَ مان طرحين ٿانوَ، جيئن ته لوٽا، گڏون، ديڳڙا، ٿالهه، ٿالهيون، ڪٽورا، گهاگهريون، ڇَونريون جڙنديون آهن؛

۽ انهن مان وڏا وڏا پرت گهڙڻ ڪرڻ واسطي جوڙيندا آهن؛ پر هنن جي باسڻن کي ڪَٽُ لڳندي آهي، تنهن ڪري اُنهن کي قلعي ڪرائيندا آهي، ۽ قلعيءَ کان سواءِ اِنهن ۾ گهڻيءَ مدت تائين شَي رکي نہ سگهبي آهي. قلعي ٿيل باسڻ رپي جهڙو پيو چمڪندو آهي.

جست رنگ جو اڇو ٿيندو آهي، ۽ اُنمان پاڻيءَ جيون جهاريون ۽ چلمون، ۽ سرميدانيون ۽ ٻيون شيون ٺهنديون آهن.

قلعي هلڪي ڌاتو آهي؛ هن جو اڇو رنگ ٿيندو آهي، پر چيڪندڙ هوا ۾ اُگهاڙي رکجي، يا گهڻي تاءُ ڪم ۾ آڻجي، تہ جِهڪي ٿي وڃي. لوهہ کي قلعي ڪري مڃڃانس پيتيون ۽ شمعدان جوڙيندا آهن.

شيهو هڪڙي نرم ۽ ڳوري ڌاتو آهي. اُو خاڪي رنگ جو ٿيندو آهي، ۽ سگهوئي پگهرجي ويندو آهي؛ لوهہ کان سواءِ ڪا ٻي ڌاتو اُن جهڙي ڪمائتي نہ آهي. پاڻيءَ لاءِ نليون، ۽ بندوق جيون گوريون ۽ ٻيون شيون شيهي مان جوڙبيون آهن. هنن ڌاتن کان سواءِ ٻيون گڏيليون ڌاتو بہ آهن، جي ٻن يا وڌيڪ ڌاتن ۾ جي گڏڻ سان جڙن ٿيون؛ اُنهن مان بہ طرحين باسڻ ۽ ٻيون ڪمائتيون وٿون جڙن ٿيون.

ڪُٽِ، جنهن کي "ڪَنجهو" بہ چوندا آهن، سا ٽامو ۽ قلعي گڏي جوڙيندا آهن. ڪُٽِ جوڙڻ لاءِ سير ٽامي ۽ پاءُ قلعي جو گڏيندا آهن؛ هن مان ڪٽورا، وٽيون، ٿالهيون ۽ ٻيا باسڻ جڙندا آهن.

پتل، جنهن کي "بهگار" بہ چوندا آهن، سو ٽامي ۽ جست جي گڏڻ سان جڙندو آهي. اُنهن جي گڏڻ جو پرماڻ هيءُ آهي، جو

ستن پٽين مان چار پٽيون وڇندا آهن ٽامي جون، ۽ ٽي پٽيون جست جون. اُنهيءَ مان گهاگهريون، گڏون، ڪُرف، پيتيءَ ۽ ٻيا برتن جڙندا آهن.

ڪُتِ ۽ ٻنگار گڏي، ۽ هن ۾ ٿوري قلعي وجهي، گهڙيال ۽ گهنڊ جوڙيندا آهن. ڪُتِ ۽ ٻنگار گهٽو ڪري آواز زيادہ ڪرڻ لاءِ گڏيندا آهن. اِنهيءَ پوئين ۽ گڏيل ڌاتوءَ کي "گهنڊ جي ڌاتو" ڪري چوندا آهن.

سبق ستاسيون.

ٻلي.

جهنگلي ٻليون گهڻن ڏيهن ۾ آهن. شهري ٻليون سڀني ملڪن ۾ ماڻهو پاليندا آهن. شهري ٻليون ٻہ اصل جهنگ جي آندلين ٻلين مان پيدا ٿيون آهن.

شڪل

ڏسڻ ڪري ٻليءَ جي شڪل چڱي آهي. هن جو مٿو گول آهي، ڪَن ننڍا ۽ نوڪدار اٿس. هن جو پڇ ڊگهو آهي، ۽ ٻت تي پَٽ جهڙا ڪُنئرا وار اٿس. هن کي هر هڪ پير جي چنبي ۾ پنج پنج نَهَن آهن، جن کي هوءَ، جڏهن وڻيس، تڏهن اندر ڪري يا ٻاهر ڪڍي ٿي سگهي. هن جي پيرن جون ترئون بلڪل ڪُنئريون ۽ ٿُلهيون آهن. هن جي مٿئين چپ جي ٻنهي پاسين ڊگها وار آهن، جن کي "مُڇون" ڪري چوندا آهن. هن جون اکيون وڏيون ۽ شيريون آهن، ۽ هو رات جو اونداهيءَ ۾ پيهون چمڪن. هن جي اکين جا تارا ڏينهن جو سُسي ويندا آهن، ۽ سنهن ليڪن جهڙا پيا ڏسبا آهن؛ پر جڏهن

رات پوندي آهي، تڏهن وڏي وڏا ۽ گول ٿي پوندا آهن. ٻليءَ جي منهن مان نٿو پيا ٺاهجي، ته ڪي هوءَ سچي ۽ وفادار آهي. ٻليءِ جو رنگ طرحين طرحينِ جو ٿيندو آهي، ۽ هنجي ٻت تي گهڻو ڪري عجب جهڙا پٽا ۽ چُٽا ٿيندا آهن. ايران ملڪ ۾ جي ٻليون آهن، تن جا وار ڊگها ٿيندا آهن. ايشيا مائنر ۾ انگورا نالي هڪڙو پرڳڻو آهي، تنهن ۾ تمام سنهڙيون ٻليون ٿينديون آهن؛ انهنجو رنگ اڇو ٿيندو آهي، ۽ اُنهنجو سياءُ سانئيڪو آهي، ۽ ٻت تي وار ٿيندا اٿن، سي جهڙا ڊگها، تهڙا وري نرم اٿن. جهنگلي ٻليءِ جي شڪل ڇَلي ۽ ٻوائتي ڏسجي ٿي. هوءَ ڏاڍي ڪُوڙيءَ ۽ هٻڇڻ آهي. جهنگلي ٻليون وڻن جي پورن ۽ ٽَڪرن جي چوٽين ۾ لڪي وهنديون آهن. هو جهنگ ۾ پکي، ڪُئا، سَها ۽ ٻيا ننڍا جانور ماري کائينديون آهن. هو شهر کي اوڏريون هونديون آهن، ته ڪُڪڙ، ٻدڪون وغيره ماري کائينديون آهن؛ هو پنهنجي کاڄ هٿ آڻڻ لاءِ رات جو ٻاهر گهمنديون آهن. کاڄ هڪ ٻيرو ٻليءِ جي نظر چڙهي ويو، ته پوءِ ڪيڏانهن وڃي؟ هوءَ پنهنجي کاڄ کي ڏاڍيءَ شتابيءَ سان ٽپ ڏيئي جهليندي آهي؛ پوءِ پنهنجا مضبوط ڏند وجهي، هنجو ساه ڪيڏي، چيري، ڦاڙي، ويهي کائيندي اٿس. پالتو ٻلي به پنهنجي کاڄ حاصل ڪرڻ لاءِ رات جو گهمندي آهي. ڪُئو يا ڪو ٻيو جانور هٿِ چڙهي ويندو اٿس، ته هنکي چٽ ڪري ڇڏيندي آهي. ڪُئن جي ٻرن وٽ اُنهنکي جهلڻ لاءِ ٻلي چپ ڪري ويهي رهندي آهي، ۽ ڳِڙون، جهرڪيءَ، ڪبوتر، ۽ ٻين پکين کي جهٽ هڻي وٺڻ لاءِ به ڇپي وهندي آهي.

۽ جڏهن وجهه ڏسندي آهي، تڏهن ٽپ ڏيئي هنکي وٺندي آهي.
ٻلي جڏهن مٿان ڪِرندي آهي، تڏهن ڏسبو آهي، ته پيرن ڀرا چي
ٻيهي رهندي آهي. ٻلي کي گندگي سان اصل پٽيئي نه ٿي ٻيو
ڪم نه هجيس، ته بت صفا ڪرڻلاءِ پاڻکي جيڀ سان ويٺي چٽي ۽
جنهن هنڌ جيڀ نه پهچي سگهيس، اهو هنڌ، چنبو جيڀ سان آلو ڪري،
تنهن سان ويهي صفا ڪري. هنکي سمهڻ لاءِ نرم جاءِ گهرجي.
ٻلي کي ڪيترو ٻه ڪاڄ ڪائڻ لاءِ ڏبو آهي، ته به هنجي چورائي
ڪائڻ جي عادت ڪڏهن نه ويندي آهي. ٻليون جڏهن پاڻهه
وڙهنديون آهن، تڏهن جيسين هڪ ٻئي کي هٽي رتو رت نه ڪنديون آهن،
تيسين بس ڪين ڪنديون آهن. ننڍائي ۾ ٻلي کي راند سان
ڏاڍو پيار ٿيندو آهي، پر جئن جئن وڏي ٿيندي ويندي آهن، تئن
تئن راند جو حرص گهٽبو ويندو اٿس؛ مگر ڪائڻ جي هبچ، لچائي،
۽ چڙ ۾ سو ڏينهان ڏينهن وڌندي ويندي آهي. ٻلي کي ڪائڻ ۽
آرام سان ڏاڍي دل آهي. ٻلي ننڍپڻ کان جنهن گهر ۾ رهندي آهي،
تنهنکي ڇڏڻ ڏاڍو ڪٺڻ لڳندو اٿس. ٻلي کي سڃاڻپ ۽ يادگيري
چڱي رهندي آهي. هنکي گهرمان ڪيڏي پري نيئي ڇڏي
اچجي، ته به موٽي اُتي هلي اچي؛ ۽ جي واقف ماڻهو گهڻن
ڏينهن کان پوءِ ڏسي، ته هنکي ۽ هنجي ڳالهائڻ کي سڃاڻي وٺي.
ٻلي کي ڏينهن ۽ رات هڪجهڙي آهي؛ هنجي سنگهڻ ۽ ٻڌڻ جا
حواس تيز آهن.

ڪاڄ

جهنگلي ٻليون رڳو ماس ڪائينديون آهن، ۽
پاليل ٻليون ماس نه ڪائن، پر ماڻهوءَ جي ڪائڻ جون ٻيون شيون

۾ ڪاٺ ۽ ڪير ھنن کي تمام گھڻو وڻندو آھي. ڪير ۽ پاڻي ھي جيئن سان چٽي پيئنديون آھن. ڦي ڪرڻ واسطي ٻلي ۾ ڪتي جيان گاھ کائيندي آھي. ماسن ۾ ڪُئي جو ماس ٻلي کي سڀني کان وڌيڪ وڻي.

ٻچا ٻلي جي ٻچن کي ”ٻونگڙا“ چوندا آھن. ڄائي کان پوءِ نون ڏينھن تائين اُنھن جون اکيون ٻوٽيون پيون ھونديون آھن.

ٻلو ٻونگڙا کائي ويندو آھي، تنھنڪري ٻلي ڪنھن گوشائتي جاءِ ۾ وڃي ويامندي آھي. ھوءَ پنھنجن ٻچن کي مھيني ڏيڍ تائين ٿڃ پياريندي آھي ۽ پوءِ جڏھن ٻچا وڏيرڙا ٿيندا آھن، تڏھن ڪُئا يا ڪي ننڍڙا پکي ماري آڻي اُنھن کي کارائيندي آھي. ٻلي کي ڏھ ٿڃ ٿيندا آھن. ھنن جو پنھنجن ٻچن تي پيار گھڻو ھوندو آھي. نر ٻلي جي ٻَوَ کان ھوءَ وري جاءِ پيئي مٽائي. ٻلي اَرڙھن مھينن ۾ پورو قد ڪري ٿي ۽ ھن جي عمر ڏھ ٻارھن ورھ آھي.

فائدا ٻلي ڪُئن جي دفع ڪرڻ لاءِ ڪمائتي آھي. گھرن ۾ ڪپڙو لٽو ۽ ٻيون شيون ڪُئا ٽُڪي نہ وڃن، تنھن لاءِ ماڻھو ٻليون پوري ڇڏيندا آھن. ٻلي کي ھندو ۽ مسلمان پليت ڪري ڪين پائيندا آھن. ھندن ماڻھن جي ليکي ٻلي مارڻ تمام وڏو پاپ آھي.

سبق اڻاسيون.

ڪُتو.

آفريڪا کنڊ جي ڪانگو ۽ ڪيپ آو گڊھوپ ڏيھن ۾ ۽

آميريڪا کنڊ جي نيوهالنڊ ۽ بين گهڻن ڏيهن ۾ جهنگلي ڪُتا رهن ٿا، پاليل ڪُتا جتي ڪٿي عام آهن، مگر پئسيفڪ وڏي سمنڊ جي ڪن ٻيٽن ۾ ڪين ٿيندا آهن.

شڪل ڪتن جون گهڻيون ذاتيون آهن، پر ٻت جو گهاٽ سو گهڻو ڪري سڀني جو هڪ جهڙو آهي. ڪتي جي ٻت جو ڏول چڱو آهي، ۽ هو ڏسڻ ڪري چالاڪ پيو نظر اچي. ڪتي جي ٻت ۽ عضون ڏسڻ کان معلوم ٿو ٿئي، ته هو سگهارو ۽ چالاڪ جانور آهي. ڪن ڪتن جي ٻت تي وار ننڍڙا ۽ ڪُنڊرا، ۽ ڪن جي ٻت تي ڪَهرا ۽ گُهنڊي دار ٿيندا آهن؛ ڪِن جا وار تمام ڊگها ٿيندا آهن.

ڪُتن جا رنگ ڪيترن طرحن جا ٿيندا آهن. سڀني ڪتن جي ڏيگهه ۽ موڪراڻ ۽ اُتاهين هڪجهڙي نه آهي؛ ڇاڪاڻ جو ڪي قد جا ننڍڙا ۽ پورا پنڌ ۽ ڪي وڏا ٿيندا آهن.

گڻ ڪتو سنهڙو ۽ چالاڪ ۽ سَرهو جانور آهي؛ پر ٻيا چڱا گڻ به منجهس گهڻا آهن. پاليل ڪتي جي هميشه جي هلت چلت ۽ عادتن مان اِئين پيو پائجي، ته هو پنهنجي ڌڻيءَ جي حڪم ۾ رهڻ ۽ اُنکي راضي رکڻ لاءِ پنهنجي وس آهر ڪين ٿو گهٽائي. ٻين ۾ ڪُتي جهڙو وفادار، سياڻو، سمجهو، پريو، سچو ۽ پيار ڪندڙ ٻيو ٻيون ڪونهي؛ ۽ هو پنهنجي ڌڻيءَ جي منهن ۽ زبان ڏي پيو نهاري، ته متان هو ڪجهه اشارو ڪري، يا ڪي چوي. ڌڻي

جيڪو ڪم چويس، سو جهٽ ڪيو اچي. هو هميشه خبردار رهندو آهي، ۽ رات ڏينهن پنهنجي ڌڻيءَ جي دَرَ تي پهرو ڏيندو آهي، ۽ ڌڻي جي شيءِ ڪنهن کي ڪڻڻ ڪين ڇڏيندو آهي. اوپرو ماڻهو ايندو ڏسي، ته هن جي پٺيان ڪاهيو پوي. ڌڻي جي ماريس ۽ ڪاوڙ ڪريس، ته هو انهيءَ ڳالهه ڏي ڏسيئي ڪين. واقف ماڻهو اچي، ته هن جو ڳالهائڻ سمجهي وٺي. ڪتي کي يادگيري چڱي رهندي آهي؛ ۽ هن تي ڪو ٻه نالو ڪڍي رکبو آهي، ته هن جي ڌيان ۾ رهندو آهي. ڪتي کي جهڙو ڪم سيکاربو آهي، تهڙو ايندو اٿس. ڪا شيءِ پُٺتي رهجي وڃي، يا ڪري پوي، ته هن جي ڳولڻ لاءِ کيس پٺتي موٽيو وڃي. هن جي سنگهڻ جو حواس ڏاڍو تيز آهي. فلاڻي شيءِ ڪٿي آهي ۽ فلاڻو ماڻهو ڪاڏي ويو، تنهن جي به سنگهڻ سان خبر پوندي اٿس. ڪتي کي ترڻ چڱو ايندو آهي. ڪتي جي آواز کي "ڀونڪ" چوندا آهن؛ ۽ جڏهن هو ڏاڍيءَ ڇڙسان آواز ڪندو آهي، تڏهن هن جي آواز کي "گيِرِ" چوندا آهن. ۽ جڏهن ڪو ڏک لڳندو اٿس، يا ڪو سور ٿيندو يا ڪو ٻيو ايذاءُ ايندو اٿس، تڏهن سندس آواز کي "رڙ" يا "ڪُوڪات" چوندا آهن. جهنگلي ڪتا توليون ڪري رهندا آهن، ۽ شڪار تي گڏجي نڪرندا آهن.

عادتون. آئفريڪا کنڊ ۾ جهنگلي ڪتا هرڻ، رڍون، ۽ انهن جا ٻچا ڏسن، ته ماريو کايو وڃن. هو ڪتا ٻچڙا ٻه اهڙا آهن، جو اجا ڪنهن جي ٻانس پوين، ته جڻ آهنئي ڪين.

ڪاچ ڪتا ماهه ڪائيندا آهن. ڪتي جي ذات ڪي
هيچ تمام گهڻي ٿيندي آهي. هو جيڪي ڪائي، سو پَچي وڃيس.
ڪتو ڦل يا گاهه ٻوٽيءَ جهڙي شَي ڪائي ڪين، پر جڏهن پيٽ ۾
سور پوس؛ تڏهن سو گاهه دوا وانگر ڪري ڪائيو وڃي. ڪتو ڏاڍي
هباڇي آهي، ته ٻه جي ڪيترا ڏينهن ڪاجهه ڪائڻ لاءِ نه مليس، ته
پيو هلي چلي؛ باقي پاڻي بنا سو بلڪل ڪين سريس. پاڻي
پيئي ٻه ٿورو، پر هر هر پيو پئي. ٻلي وانگر ڪتو ٻه پاڻي جڀ سان
چٽيندو آهي. ڪتو سجاڳ ڏاڍو ٿيندو آهي، آجا ٿورڙوئي
کڙڪو ٿئي، ته جهٽ اگيئي جاڳيو ويٺو آهي. سهڻ وير ڪتو
پنهنجو بت ويڙهي سيڙهي سمهندو آهي.

ٻچا ڪُتيءَ جي ٻچن کي "گُلر" ڪري سڏيندا آهن. هو جڏهن پهرين
جمندا آهن، تڏهن انهن جون اکيون ٻوٽيون
پيون هونديون آهن، ۽ ڏهن ڏينهن کان پوءِ اُنهنجون اکيون پٽبيون آهن.
ڪُتيءَ جي ٻچن کي جڏهن مهينو ٻه گهرندا آهن، تڏهن چڱيءَ طرح
هلڻ جي سگهه ٿيندي اٿن، ۽ اُنهن ٻن مهينن ۾ هو سگهو وڌندا آهن؛
ٻن ورهين وڌي ڪتو پورو قد ڪري ٿو. ڪتي جي عمر ڏهن کان
١٣ ورهن تائين آهي.

فائدا ڪتو اڳئين سمي لاڪر هميشه ماڻهوءَ جي ڪم
ايندو آيو آهي. هنجو سنگهڻ جو حواس تيز ٿيندو آهي. هو ڏوڙجو

ڏاڍو ڇڪو ۽ مضبوط آهي، تنهنڪري هو خراب ۽ زيان ڪندڙن مرن کي ڳولي مارڻ لاءِ بلڪل ڪمائتو آهي. هيءُ ماڻهوءَ جي حڪم ۾ اهڙو آهي، جو نوڪر به نه هوندو. هنکي جيڪر پنهنجو دوست چئجي، ته حرڪت نه آهي. پنهنجي ڌڻيءَ جي پٺيان جيڏي تيڏي خوشيءَ سان هليو هلي، سو اهڙوئي جانور آهي. ڪتي جون گهڻيون ذاتيون آهن ۽ تن مان هرهڪ ذات ڪيترن طرحن سان ماڻهوءَ جي ڪم اچي ٿي. ڌنار پنهنجي ڌڻ جي رکڙ لاءِ ڪتا رکندا آهن. اُتر قطب وارن ملڪن ۾ ڪتا برف تان گاڏيءَ ڇڪڻ لاءِ ڪم ٿا اچن. پاڻيءَ ۾ ڪِريل ماڻهن جي ڪڍڻ لاءِ ڪن ذاتين جا ڪتا اهڙا ڪم ٿا اچن، جهڙا توبا. بارن خواهه گهرجي سنڀال لاءِ ڪتا پهرو ٿا ڏين. شڪاري ڪتا شڪار جهلڻ لاءِ ڪمائتا آهن. ڪن ڏيهن جا ماڻهو ڪتي جو ماس کائيندا آهن. رشيا جا ماڻهو ڪتي جي کلن مان ڪپڙا، ۽ وارن مان زيور جوڙي پائيندا آهن. ڪتي ۾ ايترا گڻ آهن، ته به هندو ۽ مسلمان ماڻهو رڳو هنکي ڇهڻ به ڪين.

پورو ٿيو.

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT GOVT. OF SINDH